# سجدو اداس آ

(شاعري)

## استاد پيرل قنبر

## اُرپنا

’اُن‘ محبوبا جي نالي
جنهن پير محمّد کي
**پيرل قنبر** بڻايو.


سنڌاءُ

غزل
گيت
نظم
ڪافيون/وايون
چوسٽا

**اداري پاران:** **سيد عبدالله شاهه ’اطهر‘**
**تعارف:** **جنيد علي سومرو**
**مهاڳ:** **تاجل ’بيوس‘**

راين جي روشني ۾:

# عبدالغفار تبسم، راشد مورائي، سرمد چانڊيو، گل محمد شاهه بخاري مولا بخش سومرو، علي گوهر ميراڻي، ڪوڙل قربدار.



استاد پيرل قنبر جا هٿ اکر

# مهاڳ
# پيرل قنبر جي روح جو آبشار

جڏهن کان ٽڙيل پکڙيل ماڻهو ڳوٺن ۾ آباد ٿيڻ لڳا، خاص ڪري درياهه، نديءَ ۽ ڍنڍ جي پرسان. ۽ ائين سماج يا معاشرو (Society) قائم ٿيو ته اڳتي هلي ادب به تخليق ٿيڻ لڳو، جنهن ۾ شاعري ۽ نثري ادب اچي وڃن ٿا. وري علم جي حاصلات سان ڏاهو ۽ ذات جي حوالي سان، ادب (Literature) کي اجان به وڌيڪ هَٿي ملي. اڳتي هلي، اهڙو دؤر به آيو جو ادب تخليق ڪرڻ جو خاص مقصد ماڻهن کي وندرائڻ ۽ عياشي سمجهيو ويو ـ اِهو ماحول تلوار، تير، خنجر، نيزي، ظالم، مظلوم، بادشاهه، آقا، غلام ۽ تاج (Crown) وارو ماحول هو ـ اهو ماحول سنڌ ملڪ ۾ ارغونن، ترخانن، تاترين، خلجين، ۽ مغلن به پيدا ڪيو هو ـ ايئن شاعر ۽ نثر نويس اهڙن تاجدارن جي واڪاڻ ۾ شعر ۽ مضمون لکي انعام حاصل ڪرڻ لڳا ها ـ تاريخ ۾ اهڙي شاعريءَ کي 'درباري شاعري' سڏيو ويو آهي ـ

اڳتي هلي، ماضي قريب ۽ ڪجهه ماضي بعيد واري عرصي ۾ ادب جي وصف کي وندر (Entertainment) ۽ عياشيءَ مان ڪيدي، ادب جو زندگيءَ لاءِ هئڻ واري مجتا تي پهچايو ويو ـ ائين هن وقت ادب جي وصف هن طرح ٿيڻ لڳي آهي:

'ادب جو سماجي، معاشي، فلاحي، فني ۽ سياسي تبديلين يا انقلاب لاءِ هئڻ ـ' ائين غير ترقي يافتا سماج کي ترقي پذير ۽ ترقي پذير سماج کي غيرترقي يافتا سماج ۾ بدلائي سگهجي ٿو ـ خوشحاليءَ جي اهڙن مرحلن کي پرکي، هن وقت ڏاها ۽ ذات ذٽي هِن طرح چئي رهيا آهن:

`The poets are the harbingers of the scientists,
Politicians, social, and welfare leaders.

[ معنيٰ: شاعر ــ سائنسدانن، سياستدانن، سماجي ۽ فلاحي اڳواڻن جا نقيب يا رهبر آهن.]

شاعرن جي اهڙي رهبريءَ جا مثال اسان کي ماضي بعيد سان گڏ، ماضي قريب ۾ به ملن ٿا، جن ۾ شاهه لطيف، مرزا غالب، عبدالرحيم گرهوڙي ۽ هلندڙ وقت جا به هڪ، به شاعر شامل آهن. اهڙي رهبريءَ کي پيشن گويون يا اڳڪٿيون به چيو وڃي ٿو.

مون کي ڪالهه 18 سيپٽمبر 2004ع تي پيرل قنبر جي ڪمپوز ٿيل شاعري ملي آهي، جا شهدادڪوٽ مان سائين عبدالله شاهه موڪلي آهي. سندس حڪم آهي ته ڪيس مهاڳ لکي موڪليان، جو شاهه صاحب شاعريءَ کي ڪتاب جي صورت ڏئي رهيو آهي. مون آخري صفحي تائين پڙهي، هن وقت 19 سيپٽمبر 2004ع تي هيءُ مهاڳ لکي رِهيو آهيان.

منهنجيءَ پرک موجب، پيرل قنبر جن صنفن تي شاعري ڪئي آهي، اُهي صنفون آهن، غزل، گيت، ڪافي، وائي، پابند نظم، ۽ چؤسٽا. جن ۾ ڪجهه نعتون ۽ حمد به آهن. ذڪر ڪيل صنفن ۾ غزلن جو تعداد ججهائيءَ ۾ آهي. غزلن ۽ چؤسٽن ۾ فڪر جي گهرائي (Depth) ۽ شاعر جو مشاهدو، مطالعو ، ۽ تجربو اوچ تي پهتل محسوس ٿين ٿا ـ غزلن پڙهڻ سان، اندر ۾ هارمونيم جي وڄڻ جي لئہ ۽ سرگم چڙندي محسوس ٿئي ٿي، جا خوبي تمام گهٽ شاعرن مان ملي ٿي. اُهو سماجي ڪارج (social utility) جنهن کي شاعريءَ جون خوبيون يا قدر چيو وڃي ٿو، اُهي پيرل قنبر جي شاعريءَ ۾ ڪجهه هن طرح آهن:

(1) استحصالي قوتن جي نشاندهي ڪرڻ.
(2) جمالياتي (aesthetics) سونهن ۽ فن جا قدر
(3) زميني هُڳاءُ يا حُب الوطني وارا قدر
(4) عشقيہ يا مجازي شاعري
(5) استعارن (metaphors) سان سينگاريل شاعري.

اچو ته پيرل قنبر جي شاعريءَ ۾ مٿيون خوبيون ڏسئُون:

(1) استحصالي قوتن جي نشاندهي ڪرڻ:

استحصال جي معنيٰ آهي، ناجائز فائدو وٺڻ يا حق ڇنڻ ـ هر سماج ۾ ماڻهن جا ٻہ طبقا ٿين ٿا، جي آهن: امير ۽ غريب، جن کي ڏاڍو ۽ هيڻو يا ظالم ۽ مظلوم به چيو وڃي ٿو. ڏاڍو هيڻي جا حق ڇنندو ۽ ڦٻائيندو رهي ٿو ـ اهڙن جابرن کي ادب ۾ استحصال ڪندڙ (Exploiters) چيو وڃي ٿو. جن جي شاعر پنهنجي شاعريءَ ۾ نشاندهي ڪري، ڪتابن جي صورت ۾ استحصال ڪندڙن آڏو آڻين ٿا، ته جيئن سماج مان بُراين جي پاڙ پَٽي، سماج کي برابريءَ وارو درجو ڏياري سگهجي ـ اهڙي شاعريءَ کي مزاحمتي شاعري (Poetry of resistance) به چيو وڃي ٿو. اسان جي پيرل قنبر به پنهنجي شاعريءَ ۾ استحصالي ٽولن جي نشاندهي ڪري، ڪين غزلن جي گهاٽي ۾ پيڙجڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ـ اچو ته سندس شاعريءَ مان اهڙا مثال هٿ ڪيون:

تو ظلم هو ڪري پيو مفلس غريب تي،
انسان آهي يا ڪوئي حيوان دور آ.

جڳ ۾ جيئي غريب ڇا اميد آس تي،
ماڻهو پيو تو پلجي ته ماڻهو جي ماس تي!

ڇا ٻه هو شڪرو هيو شهباز هو،
ٿيو پهاڙن تي سندس پرواز هو.

رهزن اچن ٿا سامهون اکيون ته پَٽ غريب!
اُٿ غار، ڇُر ۾ گم هي پنهنجو نه ڪارَوان ڪر.

پٿر، پتر ٻه جيڪي پچن مون کي ٿا لڳن،
انسان آهيان يار مان کهڙو دجال هان.

مُومل جو جتي محل ۾ سُومل جو سحر آ،
اُن ديس ۾ سسي ڪا سلامت نه تي ملي.

اڄ هن طرح زمانو ضعيفن کي تو ستائي،
دنيا ۾ ڄڻ غريب جو پروردگار ڪونهي.

جمالياتي (aesthetics)سونهن ۾ فن جا قدر:

’جماليات‘ لفظ جمال مان صورت اختيار ڪئي آهي، جنهن جي معنيٰ آهي سونهن يا حُسن (Beauty) هن قسم جي شاعري پڙهڻ ۾ ڳائڻ سان سونهن سوپيا يا سندرتا جون تصويرون جُڙنديون آهن ۾ ائين ذهن تي اهڙا خوبصورت عڪس ۾ اولڙا جُڙي، جادوءَ جي جلون ۾ قابو ڪرڻ لڳندا آهن. اهڙن نظارن کي روپ، سروپ ٻه چيو وڃي ٿو.
اچو ته پيرل قنبر جي ڪوتا ديويءَ جا اهڙا عڪس ۾ اولڙا پرکي ۾ پسي وٺون:

رخ تان نه اڇل پردو، سِوَ تير ڇٽي پوندا،
هو چنڊ ٻه شڪ رکندو، تارا ٻه ڪٽي پوندا.

فضا ۾ ڇڏ نه زلفن کي زماني کي خبر پوندي،
پَرين کي پي ڏنڊڻ پوندا، جي چهري تي نظر پوندي.

جهڙ ۾ بادل هي اٿئي ڇا جا ڪنيا،
ڪجل واري تون ڪڪر جي ڳالهه ڪر.

غير سان ڪر آبِ ڪوثر جو بيان،
مون سان تون پنهنجي پڳهر جي ڳالهه ڪر.

هيرا ۾ لعل تاج ۾ پوئي جهلين ته ڇا،
ڏندن ۾ ڪوئي لعل لڪائي ته پو مجان.

وار ڪوليندي متان تون وار کو ڪيري وڃهين،
ڪاهه ايندا نانگ ڪارا، هي متان تون ڪم ڪرين.

باغ ۾ پيرل چوي محبوب تون مرڪين متان،
گل، ڪليون، لڳندا ڪسارا، هي متان تون ڪم ڪرين.

ڏسي يار ڪاڪل ڪلهن تي وڇايل،
فلڪ وارو ڪاٽي ڪڪر پي ڇڏيوسين.

چنڊ جي تون روشني سان جهول پر،
مون کي ٻُڪ ۾ يار تانڊاٽو ته ڏي.

زميني هُڳاءُ يا حُب الوطني وارا قدر:

وقت آيو ته اسان باز ٻٽي اڏنداسي،
سيني سان سنڌ جو نقشو ٻه ڪٽي اڏنداسي.

مونکي سنڌ آ، سنڌ کي سنڌي،
پڪ مجيندا ماتا هوندا.

سنڌ جا سنڌي مليا جو پاڪرين،
ڪو هيو محمود ڪو اياز هو

ها عمر! ڏاڍيون ڏکيون مارن ميارون مون لڳيون،
ويا سڙي سانگين سوا هي سينڌ، سُرما ۽ سڳيون.

موهن جي هن دڙي مان گهٽو مون پرايو آ،
جو ڪالهه هيو محل ته اڄ سو مقام هو.

اسان سنڌ خاطر ته سرُ پي ڏينداسي،
ڪنڌن جا هي ڪنگرا اڏائي پلي ڪو.

غلامي جو هُوڪو نه ٽيندو، نه ٽيندو.
ڪٽي لوهه هلڪو نه ٽيندو، نه ٽيندو.
صدق سان نهاريو پنهنجي سنڌڙي ڏي،
اهو ڪنڌ ڪو ڪو نه ٽيندو، نه ٽيندو.

مٿي ڏنل شاعريءَ ۾ پنهنجي جنم يوميءَ مان لاڳاپيل موضوعن ذريعي حُب الوطني ڏيکاريل آهي. شاعر پنهنجي جنم يوميءَ يا ديسَ جي تاريخي ماڳن، مڪانن جو شاعريءَ ۾ ذڪر ڪري، پنهنجي وطن سان لاڳاپيل عقيدت جو اظهار ڪندو آهي. مجٿو ٿو پوي ته پيرل قنبر ٻه اهڙو اظهار سهٽي ڍنگ سان ڪيو آهي. اهڙو هُڳاءُ ۽ مهڪ روح جي پاتال تائين پُڄي ٿي.

عشقيه يا مجازي شاعري:

سفر ۾ نه هتڙا تون خالي ڪنيون وڃ،
ٻه ٽي زخم منهنجا هي ڳنڍ ۾ ٻڌيون وڃ.

منهنجي اٿوَ وصيعت اٿندي هي عشق وارا!
پارس جا ٽڪر ڇڏجو، ليڪن نه پيار ڇڏجو.

پيار جو پويون پهر فڪرات آ،
پيار جي پهرئين پهر جي ڳالهه ڪر.

’پيرل‘ مان حسن آهيان، اچن ٿا جي انهن کي،
پرون جا باز، نانگ، بلائون تو بچايان.

’پيرل قنبر‘ ڪبي ڪنهن هڪ جي نه پنيرائي،
آهن خدا جا خليل ٻئي يار سهٽا ڪوجها.

اُهو ئي بي وفا نڪتو مون جنهن کي با وفا سمجهيو.
اها بس منهنجي غلطي هئي، مون پٿر کي خدا سمجهيو.

مٿئين قسم جي مجازي شاعري ڪنهن محبوبا يا معشوق تي ڪئي وڃي ٿي. جنهن ۾ شاعر عاشق جو رول ادا ڪندي، محبوب جي سونهن سوڀيا ۽ پيار جو ذڪر ڪري ٿو. ان ڪري، اهڙي شاعري ذاتي يا انفرادي قدرن واري شاعري سڏجي ٿي ۽ نه اجتماعي قدرن واري ـ ان جي ابتڙ جيڪڏهن ڪو شاعر ديس جي ڌرتيءَ، سورمن،سُورمين. شاعرن، ڏاهن، ذات ڏٽين، صوفياڻن اوتارن مطلب ته تاريخي ڪردارن ڪي شاعريءَ ۾ آڻي، ڪين محبوب جو درجو ڏيئي، عشقيه شاعري ڪري ٿو، ته اهڙي شاعريءَ جا، ذاتي نه، پر اجتماعي قدر ڳڻيا وڃن ٿا ـ اسان جا تاريخي داستان جيئن ته عمر مارئي ۽ سسئي پنهون به اساسي شاعريءَ ذريعي اسان وٽ پهتا آهن، جا اجتماعي قدرن واري شاعري آهي.

استعارن (metaphors ) سان سينگاريل شاعري:

استعارا، تمثيلون، تشبيهون، علامتون ۽ محاورا سنڌي ٻوليءَ کي وڏ ۾ وڏ مال مال ڪندڙ لفظي وڙ ۽ ورجيسون مڃيون وڃن ٿيون ـ استعارو به سنڌي شاعريءَ جي هڪ خاص خوبي آهي، جنهن ذريعي ڪنهن لفظي وکر کي مٿاهون ڏيکاري ڪشش ڪندڙ ۽ مانائتو بڻايو وڃي ٿو ـ هن طريقي سان ڪنهن به اسم يا ضمير جي اهميت به اُجاگر ٿئي ٿي.

ٻن لفظن ڪي جو، جي، جا ۽ وارو يا واريءَ سان ڳنڍي مٿاهون يا هيٺاهون ڪري ڏيکاريو وڃي ٿو ـ اچو ته پيرل قنبر جا استعارا ڏسي، پنهنجيءَ معلومات ۾ اضافو آڻيون:

شيشي جو گهر،پٿر جو بدن، وفا جا نقشا، راهه جو پٿر، پارس جو جگر، گلڙن جون واڻون، ڪنڊن جو ڏنگ، دل جي دري، غم جا ڳوڙها، اکين جا باز، زلف جا زنجير، رت جا ڳوڙها، نينهن جا نانگ، غم جا ڻانڊا، سُکن جي سخا، فڪر جو خون، زلف جو پيچ، ابرن جي ڪمان، نينهن جو جلوو، زلفن جو نانگ، اک جي بلا، فلڪ جو سينو، دل جو خزانو، ۽ پيار جو پکي.

اسان کي مجٽو ٿو پوي ته پيرل قنبر مٿين چوويهن (24) استعارن سان شاعريءَ کي برابر خوشحال بڻايو آهي، خاص ڪري، اِهي استعارا غزلن ۽ چؤسٽن ۾ ڪتب آڻي ـ

پيرل قنبر جي شاعريءَ ۾ ، ٻه هلڪڙيون اُوٽايون نظر آيون آهن ـ هڪ هُن وائيءَ تي ڪافيءَ جو ليبل هنيو آهي، جڏهن ته موضوعن جي لحاظ کان ٻلي ته ٻئي صنفون هڪ ئي ادبي زمين جو فصل هجن، پر فني لحاظ کان وائي ۽ ڪافيءَ ۾ فرق آهي ـ ڪافيءَ جي ٿلهه ۾ ٻنهي سٽن ۾ قافيو هوندو آهي، جڏهن ته وائيءَ جي هڪ سٽ يا پد ۾ قافيو ۽ ٻي بنا قافيي جي وراڻِ واري سٽ يا پدُ هجي ٿو ـ اهڙي نموني واين جا ڇهه قسم ۽ ڪافين جا به مصرعن جي لحاظ کان هڪ ڪان وڌيڪ قسم آهن ـ

ٻي اُوٽائي ٻن لفظن کي زير اضافت سان ڳنڍڻ آهي، جيئن: دل ناشاد، مشعلِ وصال، فصلِ بهار، فخرِ زليخان وغيره.

اهڙي شاعري تڏهن ڪئي ويندي هئي، جڏهن سنڌي ٻوليءَ تي فارسيءَ جو اثر هوندو هو، جڏهن فارسي مدرسن ۽ اسڪولن ۾ پڙهائي ويندي هئي ـ مطلب ته انگريزن جي غلاميءَ واري دؤر ۾ ـ اِهو اثر پيرل قنبر تي به ٿيو هو ـ هن وقت، شاعريءَ ۾ پنهنجي سنڌي ٻولي ئي ڪتب آڻٽي آهي، جا اڄ به خوشحال ٻولي آهي ـ

آخر ۾، هڪ غزل ڏئي پنهنجن ويچارن کي پُڄاڻيءَ تي پهچائجي ٿو ـ هي غزل سچي جو سچو سونَ سريکو غزل آهي:

نه ڪر تون نينهن ۾ نازڪا! غصو پنهنجي غلامن سان،
اچين تون پاڻ اچ پيارا! نه لهندي سڪ سلامن سان.

اچين جنهن وقت پيي تولڻ ڪُليل درٻار آ دل جو،
رهيو مطلب مٿا ناهي نہ صبحن سان نہ شامن سان.

تنهنجو هر درد ٿو دل ۾ ائين دلبر پوي اٽڪي،
جئين ٿو خار چنبڙي پئي، ڪنهين دلسوز دامن سان.

گلن بدران توتي چٽيان سچڻ مون سوَن جون مُهرون،
اُجارين جي اگڻ منهنجو گهمي قدمن ۽ گامن سان.

خوشيءَ مان ئي توکي 'پيرل' حياتي جون خوشيون بخشيون،
نوازيو تو مگر مون کي عذابن جي انعامن سان.

**تاجل بيوس**
**ڪراچي**

## عقيدت مان:
## امرتائن جو سفر

هڪ دفعي مطالعو ڪندي 'سباش چندر بوس' جو هي ٽڪرو مون کي دل تي اُڪري ويو هو. هُو چوي ٿو تہ 'جنهن ماڻهوءَ کي پنهنجا خيال ٻين تائين پهچائڻ جي ڏات آهي ۽ اُهو جيڪڏهن مري بہ وڃي ٿو تہ بہ هزارن سالن تائين ماڻهن جي دل، دماغ ۾ زنده رهي ٿو. هُو پنهنجن خيالن وسيلي پنهنجيءَ زندگيءَ جون اڻ ڪٿ صديون ماڻي سگهي ٿو. توڻي جو سندس ماده جسم چند سالن ۾ پورو ٿي وڃي ٿو.

ذهن جي تہ خاني ۾ سمايل اهو قول هميشہ رهندو آيو آهي ۽ ڪڏهن ڪن لافاني شخصيتن جي حوالي سان ان چوٽيءَ جي ساڀيان اڳي سامهون بيهي رهندي آهي ۽ مون کي پنهنجين يادن جي ڪڙڪيءَ مان، جڏهن اهڙين لافاني تخليقن جي خالق، لازوال ٻوليءَ سان پنهنجي ڪلا کي پروئيندڙ فقير منش خالص عوامي شاعر استاد پيرل قنبر جي شبيهہ ليئا پائي ٿي تہ سباش چندر بوس جون مٿيون سٽون سورنهن آنا سچ لڳن ٿيون. ساڳي ئي تسلسل ۾ اڃا ڪي ٻيون سٽون بہ هُرن ٿيون تہ ڪڏهن بہ ڪا شئي ختم نہ ٿي ٿئي پر ڪنهن ٻئي شئي ۾ تبديل ٿئي ٿي. جئين خوبصورتي ياد ۾ ـ ياد نغمي ۾ ـ نغمو گونج ۾ ـ گونج فضا ۾ ـ فضا لهرن ۾ ۽ پوءِ لهرن کي ڪير بہ نہ ٿو مٽائي سگهي.

ها واقعي ڪيتريون شاعريءَ جون سچيون سٽون هڪ ابد ٻڌجي ازل تائين پولارن ۾ قائم دائم رهن ٿيون ڪين ڪا بہ شئي سندن هستيءَ کي نٽي مٽائي سگهي. هيءَ وجود جي روحاني ڪيتر جون ڳالهيون آهن. شايد عام چلتيءَ سمجھ واري ماڻهوءَ کي هيءُ ڳالهيون ويچار ۾ نہ اچي سگهن پر ڳوڙهي مغز واري يا ڪنهن ويدانيت ۾ ويسھ رکندڙ منش لاءِ هيءُ ڪو منجهيل فهم ناهي تہ ڪنهن جسم جو روح ڪڏهن بہ مرڻو ناهي پوءِ جڏهن رو ح ٻئو مري تہ اُن روح سان سلهاڙيل سرير ۽ سوچ جون لازوال تخليقون ڪئين ٿيون فنا ٿين؟ منهنجي چوڻ ۽ لکڻ جو بہ مقصد اهو آهي تہ اُهي ماڻهن جي روح ۾ لهي ويندڙ عوامي ڪلاڪار سچي سرجڻهار پنهنجي پيرل قنبر جون ڪيتريون تخليقون، جي سالن پڄاڻان بہ ماڻهن جي ذهنن ۽ دلين مان نہ نڪتيون آهن، سي اڄان سيني بہ سيني، ڪتابن ۽ آلاپن ذريعي پنهنجن ماڻهن جي سينن ۾ صدين تائين قائم دائم رهڻيون آهن.

ميڊيا جي هن دؤر ۾ سنڌي چئنلز تي سمجهان ٿو. اُستاد پيرل قنبر جي شاعريءَ جو ورد تمام گهڻ آهي بلڪ نہ جهڙو پر ٿورو گهرائيءَ سان سوچيون تہ ڀلا اهي چئنلن تي هلندڙ اهي گيت، ڪلام، ڪافيون ڪيترا عام جي زبان تي رهن ٿا؟ مان سمجهان ٿو تہ جي جهڙ کن ٿي ويءَ آڏو ويهبو بہ ڪيترن شاعرن جا گيت سماعتن ۾ ايندا، پر انهن مان جڏهن ٽي ويءَ تان اٿي ٿو تہ ڪيس اندازو لڳائڻ ڪپي تہ سندس دل دماغ تائين ڪيترن سٽن، ڪلامن رسائي ڪئي، ڪاٿو لڳائبو تہ تمام گهڻ متاثر ڪندڙ شاعري هئي ۽ انهيءَ تناظر ۾ جڏهن اسان پنهنجيءَ سنڌ جي پنهنجيءَ سانپر وارن نج عوامي فهم تائين پهچ رکندڙ شاعرن جن ۾ شيرل باداهي، دادن فقير، مينهل فقير، خدا بخش ويراڳي (نئين ديري وارو) ۽ ٻيا بہ ڪوڙ ساترا انهيءَ ٿهيءَ جا ـ پر ان ويري واري هن استاد شاعر پيرل قنبر جي شاعريءَ جو مان مرتبو تمام مٿانهون آهي. سندس شاعريءَ جي رواني ، لفظن جي تز جڙاوٽ، شاعريءَ ۾ فڪر، ادراڪ ۽ اتهاس جون عجيب رمزون سمايل آهن ۽ اُ هي سٽون ماڻهن جي ڏک سک جون ترجمانيون ڪندي ماڻهن جي دلين ۾ هر وقت رهن ٿيون ۽ مان سمجهان ٿو تہ اهي دلين جا دفينا ئي

شاعر جي امرتائن جا گهرَ ٽين ٽا. دلين ۾ سانپيل پٽائي، سچل، سامي، استاد، نارائڻ شيام، ڪنهن ميڊيا جو محتاج نٿو رهي، ها پر ميڊيا اُنهن جي محتاج رهي ٿي. دلين ڪان دلين وارو سفر هميشه مجتائن جو چٽو ثبوت رهي ٿو ۽ استاد پيرل قنبر يادگار ڪاميٽيءَ وارن يارن ڪان سنڌين جي هر ڌڙڪندڙ دل ۾ وسندڙ هيءُ عوامي شاعر پنهنجين سٽن پنهنجيءَ شاعريءَ ۽ پنهنجيءَ ذات جي ڏي تي منهنجو ويساهه آهي ته رهندي دنيا تائين وسندو ۽ قائم دائم رهندو. مان پنهنجي پراٽي عشق ڪي اج به سندس هنن سٽن سان جياري رکيو آهي ته :

توڪي جي نه وٽي اها منهنجي صورت 'پيرل'
اسان چهرو رُخ دامن ۾ ڍڪيون ويندا سين.
(استاد پيرل قنبر)

**ع.غ.تبسم**
**ڪراچي**

## مٺيءَ جي بت جي ٻها

استاد پيرل قنبر هڪ منفرد انسان ۽ اعليٰ پائي جو شاعر هو ـ سائين پيرل جي فن جو ٻه جواب ناهي ـ ڏُنين تي لکيائين ـ طرحن تي طبع آزمائي به ڪيائين ـ عروض جو استاد شاعر هو ۽ چند ۾ به پنهنجو ثاني نه رکندو هو ـ لوڪ شاعريءَ ۾ بي مثال هو ته فلمي دنيا ۾ وڏو نانءُ ڪييائين ـ فقر جي دنيا ۾ رهندي، حاتم طائيءَ واري دل رکندو هو ـ لوڪ ڪچهرين جو شهنشاهه هو.

استاد جو پهريون مواد چؤپڙين ۾ ڇپيو ـ استاد جو ڪو به ڪتاب مجموعي جي صورت ۾ سندس حياتي ۾ ڪو نه ڇپيو ـ استاد جو پهريون مجموعو ڪامريڊ ولي محمد چپائي پڌرو ڪيو ۽ 'اگهاڙا پير ٽانڊن تي' مجموعي جو نالو هو، جيڪو هٿو هٿ هليو ويو.

استاد جو هي ٻيو مجموعو سائين عبدالله شاهه 'اطهر' جي محنت جو نتيجو آهي ـ هي مجموعو گهڻو تڻو غزل تي آڌاريل آهي ـ استاد پيرل غزل جو وڏو شاعر هو ـ سندس فني سلسلو وچيو سائين 'تارڪ نجفي' سان ٿو ملي. استاد پيرل جو حقي استاد سندس والد بزرگوار 'امام بخش 'عاصي' هو ۽ ان جو استاد دادن فقير هو ۽ استاد دادن فقير جو استاد سائين تارڪ نجفي هو.

هونئن ته محبت انسان جي سرشت ۾ پريل آهي پر شاعر جي دل ۽ دماغ سدائين محبت سان ٽمٽار رهيا آهن ـ استاد پيرل به هڪ ابدال محبتي انسان هو ۽ شاعر هجڻ جي ناتي وري مجنون محبتي هو ـ ننڍيا ٻار استاد پيرل ڪي ڏاڍا موهيندا هئا، ٻار جي روئڻ ۽ چيخ و پڪار تي تڙپي پوندو هو ـ

موسيقي جي سلسلي ۾ وڏو چاڻو هو ـ وٽس 'آندل فقير مغيري' ۽ 'مينهن فقير هڪڙو' راتين جون راتيون اچي گيت سنگيت جون محفلون مچائيندا هئا. 'استاد موج علي فقير' ته سندن پاڙيسري هو ـ خان صاحب جهان خان طبلي وارو، استاد پيرل قنبر جي استادن منجهان هو جن گهڙو وڄائڻ ۾ سندن رهنمائي ڪئي هئي. محمد صديق گوپانگ ۽ غو ٿل گوپانگ استاد ڪي ڳائيندا هئا ـ استاد پيرل قنبر جي جي محفل ۾ سگهڙ فقير به هڪيا حاضر رهندا هئا ـ جيڪي استاد جو ڪلام ياد ڪري محفلون مچائيندا هئا. استاد جا اڪر موتين جا داڻا هئا، استاد جي پهرين شاگردن ۾ سائين عظيم سومرو، علي گوهر ميراڻي، ظفر چانڊيو، غوٿل گوپانگ ۽ ٻيا شامل هئا. ٻي ٿهيءَ ۾ استاد ميهر مجاهد، آتش سنڌي، غلام مرتضيٰ 'قيدي' وارا هئا. ٽئين ٿهيءَ ۾ شورش سنڌي، ڪوڙل قربدار، اختر بروهي، روشن پٽي وارا آهن. مٿيان سڀ دوست قنبر جا هئا. شهدادڪوٽ ۾ اسلم خان شيخ، ڪامريڊ ولي محمد، عبدالله شاهه 'اطهر' ، احمد علي 'صابر' چانڊيو، فضل حيدري، ضمير ڪرل ۽ ٻيا ڪيترائي دوست آهن.

استاد پيرل جو ڪلام هند سنڌ ۾ ڳايو وڃي ٿو ـ استاد برسات جي گوڙن ۽ گجگوڙن ڪان ڏاڍو ڊڄندو هو، ڪڏهن ڪڏهن ته بستري پئجي مٿان اوڇڻ اوڍي چڙيندو هو ـ استاد پيرل سدائين بيل ناٽم سلائي واري پوشاڪ پهريندو هو ـ سياري جو مهينو مهينو به تڙ نه ڪندو هو ۽ اونهاري جو ويهه ويهه بالٽيون مٿس وسائيبون تڏهن وڃي بدن ۾ ٺار محسوس ڪندو هو ـ چٽڻي، ڏهي ۽ ڪريلا استاد جي پسند جي ڊش هئي. مشروب ۾ چانهه من پسند مشروب هوس. گولڊ ليف سگريٽ ۽ ڳاڙهو سڳو وڏي پن جي ٻيڙي استاد جي ڪيف ۽ قرار لاءِ ڪافي هئا.راندين ۾ ڪرڪيٽ استاد جي من پسند راند هئي. فدا حسين خان هڪڙو ۽ استاد پيرل قنبر سٺا ڪرڪيٽر رهيا ـ گهٽيون ميچون کٽيائون ـ استاد پنهنجي وٽُ ڪان وڌيڪ سخي ۽ مهمان نواز هو ـ پنهنجي رٽائرمنٽ جو تقريبن ٽيون حصو ٻارن ۾ ورهائيندو هو ـ

'مينهل فقير هڪڙي' ۽ 'آندل فقير مغيري' ڪان قصا ۽ ڳالهيون ٻه ٻڌندو هو ته ننڊ جي پنڪي به ڪري وٺندو هو. استاد پنهنجا تمغا ۽ ميڊل سنڀالي نه سگهيو. جيڪي ان جا صحبتي چورائي ۽ ڦٻائي ويا ـ

استاد پيرل کي پهرين محبت جي چوٽ ايترو تہ بيقرار ڪري ڇڏيو جو پاڻ سدائين بيقراري جي عالم ۾ رهيو۔ بندي جو جڏهن بہ بيگاهہ وقت تي دروازو ڪڙڪيو ٿي سمجهي ويندو هوس تہ استاد پيرل ئي هوندو۔ پاڻ چوندو 'سرمد! سڄي حياتي جن جاين ۾ گذاريم، هاڻي اتي منهنجو ساهہ ٿو گهُٽجي۔'

استاد پيرل ۽ پائو مولا بخش هڪ ٻئي جا عاشق ۽ معشوق رهيا. ٻئي پائر هڪ ٻئي جي ڪاپي بہ ڏنائيسي۔ نقش نگار ۾ ٿورو ڪو فرق هو۔

استاد پيرل قنبر جي فن ۽ فڪر تي لکڻ جي اجازت نہ ملي ورنہ گهڻو ڪجهہ لکان ها ۔ آخر ۾ استاد جي غزل جو هي مقطو ڪافي آهي:

'پيرل قنبرکي تون ڪري ڇڏ مفت ۾ خريد،
مٽيءَ جي بت جي توکان مان ڪهڙي بها وٺان.'

**سرمد چانڊيو**
**ميراڻي محلو.لاڙڪاڻو**

## شاعريءَ جو هڪ دور

ماڻهو سپ نہ سهڻا، پکي سپ نہ هنج،
ڪنهن ڪنهن ماڻهو منجهہ، اچي بوءِ بهار جي.

جن ماڻهن مان سرءُ جي مند ۾ بہ بهار جي خوشبوءِ ايندي آهي يا جيڪي ماڻهو سدا بهار هوندا آهن، انهن ۾ اسان جو بزرگ دوست، استاد پيرل قنبر بہ شاملِ هو۔ مون 1972ع کان 1994ع تائين، پورا ٻاويهہ سال ڪيس ويجهو کان ويجهو ٿي ڏٺو. هر رنگ ۾ ڏٺو . شعوري طور گواهي ڏيان ٿو تہ هُو ڏاڍو نيڪ نيت، مخلص، منڪسرالمزاج، مهمان نواز، ۽ درويش صفت انسان هو. هڪ سٺي استاد سان گڏ بهترين خوشخط بہ هو. وري صفتن ۾ سهڻاٽپ سان گڏ صورت ۾ بہ سدا ملوڪ هو.

جيستائين سندس شاعريءَ جو تعلق هو تہ آءٌ ائين چوندس تہ هو نہ صرف پنهنجي دور جو باڪمال ۽ لاجواب شاعر هو پر هُو پنهنجي وجود ۾ شاعريءَ جو هڪ دور هو. استاد جي وفات نہ صرف هڪ شاعر جي وفات آهي پر هڪ شاعريءَ جي دور جي وفات آهي. اڄ ٻولي، لفظ، جملا، مثال، محاورا واجهائي رهيا آهن تہ آهي ڪوئي، جيڪو اسان کي استاد پيرل قنبر وانگر پنهنجي شاعري ۾ ائين ادا ڪري جو استاد ياد اچي وڃي.

حقيقت اها آهي تہ جيڪڏهن استاد جي شاعريءَ تي تبصرو ڪجي يا سندس شعرن جو مفهوم ۽ مطلب بيان ڪجي تہ هڪ وڏو علمي ادبي ۽ تحقيقي مقالو تيار ٿي سگهي ٿو ـ جئين خوشبو لکي نہ سگهندي آهي، سڄ ترڻ جي هيٺان اچي نہ سگهندو آهي، تئين استاد جي شاعري بہ پنهنجي جوت، جوبن ۽ جلون ساڻ موجود آهي. پڙهڻ سان گڏ سمجهڻ شرط آهي.

لک آفرين آهي سائين عبدالله شاهہ 'اطهر' ۽ پيرل قنبر ادبي سنگت جي ڪارڪنن کي جن استاد جي شعري دفترن مان ڪجهہ ڪلام گڏ ڪري ڪتاب ترتيب ڏنو آهي۔ جيڪو اوهان جي هٿن ۾ آهي.

آخر ۾ استاد پيرل قنبر جي حضور ۾ چند منظوم عقيدت جا لفظ پيش ڪري ڳالهہ ختم ڪريان ٿو:

هر قدم تي هر گهڙي هو با وفا پيرل قنبر،
سو ٻڌائي جنهن سان ٿيو هو بي وفا پيرل قنبر.

حالتن هن کان ڇڏايو جيڪڏهن قنبر شهر،
پوءِ بہ هن هر هنڌ سڏايو تي سدا پيرل قنبر.

مال دولت گهٽ هيس پر عشق الفت وڌ هيس،
عاشقن جي دل ۾ زنده اڄ بہ آ پيرل قنبر.

پيار هن جي جو آ شاهد، پار پيڙو نوجوان،
چو پلا دل تان لهي سو دلربا پيرل قنبر.

جو وِٽس آيو محبت سان ويو معمور ٿي،
هو پرائي پنهنجي خاطر آشنا پيرل قنبر.

هن عجب مڪّار دنيا ۾ نہ ڪئي ڪنهن سان دغا،
پر ڪئي سڀ ڪي هميشہ ٿي دعا پيرل قنبر.

شعر شاعر ٿا لکن پر ڪير پيرل جان پڙهي،
محفلِ شعراء جو هو پيشوا پيرل قنبر.

جسم فاني هن جو جي ٿي ويو فنا، ڪو فڪر ناهہ،
فڪر زنده ساڻ پر موجود آ پيرل قنبر.

’گل بخاري‘ گُل عقيدت جا ڪٺي حاضر ٿيو،
شل محبت سان قبولي دل دريا پيرل قنبر.

*

**طالب العلم**
**سيّد گل محّمد شاهہ بخاري**
**سيرت لائبريري، شهدادڪوٽ**

## محبت جي آخري منزل تي پهتل - پيرل قنبر

سالڪن محبت جا ڇهہ درجا ڄاڻايا آهن. جي آهن: ميلان، رجحان، اُنس، محبت، عشق ۽ جُنون - عام شاعر عشق جي منزل تي پهچن ٿا ۽ پنهنجي جمار، عشق ۾ گذاري، هن دنيا مان ڪوچ ڪن ٿا.
تمام ٿورا شاعر جنون جي منزل کي رسن ٿا. جيڪي شاعر جنون جي منزل تي پهچن ٿا،تن مان پيرل قنبر بہ هڪ آهي - پيرل قنبر ۽ دادن فقير هڪ دؤر جا ۽ هڪ جوڙ جا مَلهہ شاعر هئا. هي ٻئي شاعر، ڪُل وقتي شاعر هئا. هونئن اسان وٽ جُز وقتي شاعرن جي اڪثريت آهي. استاد بخاريءَ چواڻي تہ : پيٽ پوڇا جي ڪجي يا قوم جي؟
ويل ۾ ويلا لنگهن ٿا، ڇا ڪجي!؟
اسان وٽ شاعرن جي گهڻائي، نوڪري پيشي سان تعلق رکي ٿي. اُهي شاعر پنهنجي روزگار کان واندا ٿي، ڪجهہ وقت شاعريءَ سان دل وندرائن ٿا، تنهن ڪري اهڙن شاعرن کي اسين جُز وقتي شاعر ڪوٺيون ٿا. جيڪي ڪُل وقتي شاعر آهي، سي دفتر ۾ هجن يا گهر ۾، مسجد ۾ هجن يا مندر ۾ ، سندن ذهن سدائين شاعريءَ بابت سوچيندو رهندو آهي ۽ اهي هر جاءِ، هر حالت ۾ شاعري سرجيندا رهندا آهن.
پيرل قنبر بہ ڪُل وقتي شاعر هيو. پاڻ نوڪري بہ ڪيائين پر ڪُل وقتي شاعر هجڻ سبب نوڪريءَ ۾ نالو پيدا نہ ڪري سگهيو پر سندس شاعريءَ واري ذات جي خوشبوءِ سڄي سنڌ کي واسيندي رهي ۽ اڄ تائين اهو واس برقرار ۽ سدا تازو آهي.
شاعريءَ لاءِ ٻن ڳالهين جي اشد ضرورت هوندي آهي. هڪ فڪر جي گهرائي ٻيو وزن جي پورائي. پيرل قنبر جي شاعريءَ جي تڪ تور ڪبي تہ سندس شعر جيترو وزن ۾ پورو نظر ايندو، اوترو ان ۾ فڪر جي گهرائي بہ نظر ايندي. سندس شاعري نہ رڳو عاشقن جي دل گرمائي ٿي پر سنڌي ٻوليءَ جي سونهن ۽ نزاڪت ۾ بہ واڌارو آڻي ٿي.
شيخ اياز هڪ هنڌ چيو آهي تہ :
شاعري جي روح گرمائي نہ ٿي،
منزلِ مقصود کي پائي نہ ٿي.
بيشڪ هن اسان جي شاعر جي شاعري، روح گرمائڻ واري شاعري آهي. بيشڪ پيرل قنبرقدر لائق شاعر آهي. هن جو قدر ٿيڻ گهرجي.

راشد مورائي
* حقيقت اها آهي تہ استاد پيرل قنبر جي شخصيت منهنجي سوچ کان مٿي، سندس فڪر و فن منهنجي فهم و دانش کان گهڻو وسيع، ۽ سندس شفقت منهنجي لائقيءَ کان مٿي هئي، مٿي رهي آهي - بس ايترو ڪافي آهي تہ مان استاد جو پهريون ادنيٰ شاگرد آهيان ۽ اهو ئي منهنجي دنيا و مافيهاِ جو انمول سرمايو آهي.
علي گوهر ميراڻي

سگهڙ ـ قنبر

* ذات جنهن بہ من ۾ ذهن جي رڻ تي وسندي آهي، اهو رڻ، رڻ ناهي رِهندو بلڪ باغ بڻجي پوندو آهي. خوبصورت خوابن ۽ خيالن جي اهڙي ئي باغ جو مالهي استاد پيرل قنبر بہ هو، جنهن جي شاعري تازن گلن جهڙي رنگين ۽ خوشبودار آهي. استاد پيرل قنبر هڪ حساس دل رکندڙ انسان دوست، ملنسار ۽ ڪل مک انسان هو، جنهن سڄي زندگي پاڻ کي پيڙا ۾ رکي، ٻين کي خوشيون ارپيون. محبت پيار جو پيڪر، نيٽن جي دل ۾ جاءِ ڏيندڙ، شاعري جو شهنشاه هو. جنهن شاعري ذريعي انسان ذات کي شعور ۽ جاڳرتا بخشي. استاد پيرل قنبر جي محبت ۽ ڪچهرين مان جيڪي ڪجھ پرايوسي، اهو قابل رشڪ آهي. استاد پيرل قنبر مون کي پيار مان ’قربدار‘ تخلص ڏئي شاعرن جي لسٽ ۾ داخل ڪيو.

## ڪوڙل قربدار
## لاڙڪاڻو

## مختصر تعارف
## استاد پيرل قنبر جي زندگي

استاد پيرل قنبر ڳوٺ ٻُنِي لڳ مبارڪ ڪلهوڙو تعلقو ميرو خان ۾ 17 جولاءِ 1933ع ۾ امام بخش سومري جي گهر ۾ جنم ورتو. سندس ڇٺيءَ جو نالو ’پير محمد‘ رکيو ويو. پاڻ ابتدائي تعليم قنبر مان حاصل ڪري، فائينل جو امتحان بہ قنبر مان ئي پاس ڪيائون ۽ سال 1953ع ۾ قنبر ۾ پرائمري استاد مقرر ٿيا تہ ڳاجي کهاوڙ، جاني جو بند، ڳورڙ واهہ، بوهڙ ۽ قنبر۾ فرض ادا ڪيائون. جتان سال 1978ع ۾ رٽائرمينٽ حاصل ڪيائون.

استاد پيرل قنبر کي اسان کان جدا ٿئي هن وقت 13 سال ٿيا آهن. هيءُ ڌرتيءَ جو اهو ذات ڏٽي هيو، جنهن سنڌي ٻوليءَ ۽ شاعريءَ کي پنهنجي لازوال ڪوتا سان اجا بہ خوبصورت بڻائي ڇڏيو. 1950ع ۾ جڏهن استاد پيرل قنبر شهر قنبر ۾ رهائش اختيار ڪئي تڏهن مجازي عشق کيس ’پير محمد‘ مان ’پيرل قنبر‘ بڻائي ڇڏيو.

استاد پيرل قنبر رٽائرمينٽ کان پوءِ، قنبر کي ڇڏي شهدادڪوٽ ۾ مستقل قيام پذير ٿيا، مگر قنبر سان سندن ساڳيو قرب ۽ ناتو رهيو. شهدادڪوٽ ۾ واقع ڪمبوهہ محلہ ۾ واقع سندن اوطاق تي هر صبح ۽ شام جڻ ڪنهن ادبي محفل جو اهتمام ٿيل هوندو هيو. چؤطرف نوان نوان اديب، شاعر ۽ موسيقار پنهنجي پنهنجي ڪاوشن سان محفل کي گرمائيندا رهندا هيا. وچ ڪمري ۾ رکيل کٽ تي هڪ ساده مزاج، فقير طبع، چمڪندڙ اکين سان هيءُ انسان ڪنهن سوچ ۾ مبتلا، ڪجھ نہ ڪجھ ٻُڪن، ڪتابن تي تحرير ڪندو رهندو هيو. ڪڏهن ڪڏهن محفل ۾ ويٺل ڪو نہ ڪو شاگرد کيس ’استاد‘ چئي، سندس خيالن جي تسلسل کي ٽوڙي وجهندو هيو. هُو ڪين جواب ڏئي وري سوچ جي گهري ساگر ۾ گم ٿي ويندو هو ۽ روانيءَ سان پنهنجي قلم وسيلي پنن مٿان پنا لکندو ويندو هيو. کيس پنهنجي ’صحت‘ ۽ وقت جو ڪو فڪر ڪونہ هوندو هيو. پاڻ پريشان حال هيو مگر سندس خيال ۽ فڪر جوان هئا. سندس توڪل الله ۾ هئي، هو فقير ۽ سخي مرد، قوم کي امن ۽ محبت جو پيغام پنهنجي شعرن وسيلي ڏيندو رهندو هيو. سندس شعر جو معيار هڪ اهڙي تيز رفتار تير برابر آهي، جيڪو ڪمان مان نڪري پوري نشاني تي وڃي لڳي ٿو.

استاد پيرل قنبر کي نئين ٿهيءَ جي نوجوانن کي اديب، شاعر، استاد ۽ سٺا انسان بنائڻ جي وڏي خواهش هئي، ان ڪري پاڻ سيني جي اصلاح ڪندو رهندو هيو. جنهن جو ثبوت ويجهڙ وارن مختلف شهرن ۾ سندس سوين شاگردن ۽ اصلاح وٺندڙن جو آهي. جن مان چند نالا هيٺ ڏيڻ جي جسارت ڪجي ٿي:

قنبر شهر مان: محمد پناهہ مغيري، حميد ميمڻ، گل ٻيرائي، ٻيوس بشير، زبيده ميتلو، قمر الدين ’قمر‘، مسلم قريشي، مينهل گوپانگ، عبدالجبار (قادن عباسي) گل چانديو.

ڏنگ شريف مان: بسمل بخت علي خان کوسو، وحيد ناز کوسو، عابد مستوئي، جاويد نواز کوسو، نياز مستوئي، نور الدين لانگاهہ، عبدالقادر کوسو.

شهدادڪوٽ مان: يارل پياسي، ناشاد رشيد سنڌي، مرحوم رستم چانديو، ارڏو ثناءَ الله بروهي (وچون بابا) سيد عاشق شاهہ، خادم حسين پيٽي، محرم مستوئي، ممتاز مستوئي، خالد بوجاٽي، مقبول تنيو، منظور مگسي، ڊاڪٽر گلزار مگسي ۽ ٻيا گهڻا ئي.

قبو سعيد خان مان: برڪت علي مگسي، علي گل مگسي، اڪبر مگسي، حفيظ چانديو، رياض قلواٽي.

ميرو خان ۽ ٻين شهرن مان: عبدالقادر جاگيراڻي، سيد ڪامل شاهہ، لطيف چانديو (ڳوٺ مبارڪ ڪلهوڙو) نظير حسين تنيو (ڳوٺ ڦلهڙي) نهال شيخ (جيڪب آباد) ذاڪر حسين کوسو ( ڳوٺ ڄامڙا ـ شڪارپور) غلام نبي ( عمراڻي ڳوٺ) تاجل فقير (روپا شاخ) آغا نياز مگسي (ڊيرا مراد جمالي)

استاد پيرل قنبر جو روحاني شاگرد پانڌن جوکيو.

استاد پنهنجي جياپي ۾ ئي ’بزم پيرل قنبر‘ جو بنياد وڌو هيو. جيڪا هاڻ باضابطا طور تي ’پيرل قنبر ادبي سنگت ـ سنڌ‘ جي نالي سان ڪم ڪري پئي.

استاد پيرل قنبر کي شعر چوڻ جو پنهنجو نرالو انداز هو. تنهن ڪري هو هر محفل تي ڇانئجي ويندو هو. سندس شعرن کي وڏي مقبوليت حاصل آهي. استاد پيرل قنبر جي ديواني دل مجازي عشق کان پوءِ پهريون پيرو هڪ ڪافي لکي هئي: اديون ڙي پينر! مون کي عشق انڌو ڪيو.

ڪچو گهڙو نه ڪير ڪٽي.

استاد پنجن ٻولين ۾ شاعري ڪئي. جنهن ۾ سنڌي، اردو، سرائيڪي، هندي، ۽ انگريزي اچي وڃي ٿي. تقريبن شاعري جي تمام صنفن تي خاص دسترس رکندا هئا. استاد پيرل قنبر جا سنڌي فلمن لاءِ ڪافي گيت لکيل آهن ـ جهڙوڪ: سورٺ، هاري، پرائي زمين، سوڍا پٽ سنڌ جا، غيرت جو سوال، ۽ ٻين ڪوڙ فلمن ۾ سندس گيت ڳايا ويا آهن.

هو پنهنجي همعصر شاعرن مخدوم طالب المولى، استاد بخاري، گل حسن ’شاد‘، نور شاهين، سوز ڇچڙائي، نظام الدين گوپانگ، نذير جروار، گل حسن ٻرڙو، عبدالله اثر، حبيب الله حبيب، دادن فقير، احمد خان مدهوش ۽ ٻين گهڻن ئي شاعرن سان مشاعرن ۾ ڀرپور حصو وٺندو هيو.

1960 واري ڏهاڪي ۾ ’زياده اَن اُپايو، منتظر سارو زمانو آ‘ جي مليل طرح تي استاد پيرل قنبر کي شعر تاهڻ تي صدر ايوب طرفان لاهور ۾ انعام اڳوڻي گورنر مغربي پاڪستان جنرل موسيٰ خان ڏنو. ان مقابلي ۾ استاد خيرپور دويزن مان پهريون نمبر آيو، (ان وقت لاڙڪاڻي ۽ سکر دويزن خيرپور ۾ شامل هئا) استاد پيرل قنبر کي 360 روپيه ٽي اي ڊي اي ڏئي لاهور موڪليو ويو هو.

استاد پيرل قنبر کي اردن جي شاهه حسين کان سرٽيفڪيٽ ۽ برطانيه جي راڻي ملڪ ايلزبٿ طرفان تعريفي سرٽيفڪيٽ مليو. شهنشاهه ايران رضا شاهه پهلوي طرفان گولڊ ميڊل ۽ هڪ تعريفي سرٽيفڪيٽ مليو. ذوالفقار علي ڀٽي کان به پڻ انعام حاصل ڪيائون.

استاد اسٽيج ڊرامه، ڳجهارتون ۽ همرچا به لکيا. استاد پنهنجي حيات ۾ شاعريءَ جون اٺ چوپڙيون ’سلام محبت ـ جذبه محبت ـ باغ فردوس ـ ۽ ٻين نالن سان به لکيون هيون. استاد راڳ جي فن جو به ماهر هيو.

استاد ذهني طور تي ننڍ گهٽ ڪندو هو ۽ جاڳندو وڌيڪ هيو. استاد جا ڍير ڪلام ريڊيو، ٽي وي ۽ عام فنڪارن وٽان ڳايا ويا آهن ۽ ڳايا وڃن ٿا. پاڻ سڄي عمر شادي ڪانه ڪئي چو جو ڪيس ’عشق مجازي‘ کان پوءِ ’عشق حقيقي‘ ٿي ويو.

اهڙي بزرگ ۽ درويش هستي اسان اوهان کان 24 ڊسمبر 1994ع تي وڇڙي حقيقي محبوب سان مليو.

سندس آخري آرام گاهه ’ڪڙڪ مقام شهدادڪوٽ‘ ۾ آهي.

الله ڪيس جنت الفردوس عطا فرمائي.

**جنيد علي سومرو**
**مرڪزي اڳواڻ**
**پيرل قنبر ادبي سنگت.سنڌ**
**شهدادڪوٽ**

## تاثراتي لفظ
## استاد پيرل قنبر جي شخصيت

استاد پيرل قنبر جي شخصيت نه رڳو شاعريءَ پر عام زندگي ۾ به ڪيترن ڪارنامن سبب هڪ عظيم ۽ رحمدل شخصيت هئي.

سڀ کان پهريان مون ننڍڙي لاڪون جو ڪيس ڏٺو ته هيءُ هڪ اهڙو خدا ترس انسان هيو، جو پنهنجي آڏو پيل ماني به ڪنهن بکايل کي ڏئي ڇڏيندو هيو. صبح جو جڏهن به هو اٿندو هيو ته گهٽيءَ ۾ جيڪو به ٻار سامهون ڏسندو هو، انهيءَ کي پئسا (خرچي) ڏيندو هو ۽ هو پهريون ڪم اهو ئي ڪندو هيو. پوءِ مان هُن کي چوندو هيس ته تون ٻارن کي ايترا پئسا چو ٿو ڏئين!؟ ته هو مون سان اٽڪي پوندو هو ۽ چوندو هو ته ’بيوقوف! معصوم ابدال ٿيندا آهن، اهو ڪم مان ڪندو رهندس، مون کي نه جهل.‘

هڪ پيري جون جي مهينو هو، سخت گرمي ۽ منجهند ٽاڪ هئي ته هيءُ سيد عبدالله شاهه سان ويو پئي، روڊ سان ته هڪ عورت کي مٿي تي ڳنڍ هئي ۽ ٻي هٿ ۾ به سامان هيس. هڪ ننڍڙي ڇوڪري به هن سان ساڻ هئي جيڪا پير سڙڻ جي ڪري روئي رهي هئي. استاد، عبدالله شاهه کي چيو ته هن عورت کي روڪ وڃي. عورت جڏهن بيٺي ته استاد هن کي چيو ته ٻارڙي روئي ٿي، چوپل جي ڪري ته هن کي چوپل چو نه ٿي وٺي ڏئين؟ عورت چيو ته ابا! اسان غريب آهيون، نه ته اسان هن جا پير سڙڻ ڏيون ۽ هن کي اسان ڪٽي به نٿا سگهون.

استاد عورت کي 25 روپيه ڪيي ڏنا ته ٻارڙيءَ کي چوپل وٺي ڏي، چو ته سستائپ هئي، ان وقت 5 روپين ۾ چوپل ملندي هئي. استاد چيس ته جيڪڏهن تو هن کي چوپل نه وٺي ڏني ته خدا جو قهر پوندئي.

وري هڪ دفعي مان شهر کان گهر آيس ته منهنجي در جي آڏو وڏو هجوم هيو. مان چيو، يا الله خير ڪر، الائي ڇا ٿيو آهي!؟ مان جڏهن ويجهو آيس ته هڪ پنجاپي کي ڳچيءَ کان وٺي گهٽ وڌ ڳالهائي ۽ رڙيون ڪري رهيو هيو. مان استاد کان پڇيو ته توهان هن کي چو

ٿا ماريو؟ تہ استاد چيو هن هڪ معصوم کي چماٽ هٽي ٻار کي ڪيرايو آهي، جيڪو روئي رهيو آهي. مان پنجاپيءَ کان پڇيو ان چيو تہ سائين هي منهنجو پٽ آهي، هو گهر کان نڪري ٻاهر هليو ويو هو تڏهن مان هن کي چماٽ هنئي.مان استاد کان معافي ٿو وٺان.

استاد اُن ٻار کي پنهنجي ڪڇ ۾ ڪٽي هُن کي چميون ڏنيون ۽ 10 روپيہ خرچي بہ ڏني ۽ ان جي پيءُ کي چيائين تہ تون ظالم آهين، جهنم ۾ ويندين.

اهڙا انيڪ واقعا آهن، مان ڪهڙا ڪهڙا بيان ڪيان، مان هُن کي چوندو هيس تہ استاد هي دنيا تنهنجي رهڻ جي لاءِ ناهي، چو تہ هي دنيا ظالم آهي.

سائين، هڪ دفعي جي ڳالهہ آهي تہ هڪ عورت اچي مون کي ٻڌايو تہ مان هاٽي ريل تان لٿي آهيان، تنهنجو ياءُ، هن ظلم جي گرمي ۾ ڪلر تي ستو پيو آهي. مان يڪدم اتان نڪتس، سڌو اسٽيشن جي طرف آيس. ڏسان تہ هي هڪ وڏي ڪلر ۾ ستو پيو آهي، جيڏو پاڻ هيو، اوترو پگهر هيس. مان يڪدم اچي هن کي ڪنيو. مون کي ڏسي اکيون پٽي چيائين تہ تون چو آيو آهين؟ مان چيومانس تہ پنهنجي حالت ڏس، هن ظلم جي گرمي ۾ ڪلر ۾ ستو پيو آهين. چيائين، ’اها ٻاهہ مون کي ڪجهہ نہ ڪندي، جيڪا منهنجي اندر ۾ ٻاهہ آهي، هيءَ ٻاهہ ان اڳيان ڪجهہ بہ ناهي.‘ هن جي حالت ڏسي مان روئي وينس. مون کي چيائين، تون هليو وڃ. مان حاجي شاهہ اسماعيل جي درگاهہ تي ٿو وڃان. چانهہ جو ٿرماس اتي مون کي پڄاءِ.

سائين، استاد کي پهريون نمبر جيڪا شئي پسند هئي، اُها چانهہ هئي ۽ ٻيو دال ۽ چانور.

حقيقتون تمام گهٽيون آهن.تنهن ڪري مان هن دعا سان هي ڳالهيون ختم ٿو ڪريان تہ خدا هن کي جنت نصيب ڪري.

**مولا بخش سومرو**
**(استاد پيرل قنبر جو ياءُ)**
**سرپرست اعليٰ**
**پيرل قنبر ادبي سنگت.سنڌ**
**شهدادڪوٽ**

## اداري پاران:
## پيرل قنبر عشق جي اتهاس ۾ زنده رهندو

منهنجو استاد، پيرل قنبر ادبي قد ڪاٺ رکندڙ استاد الشعراء هيو. فطرتي طور سادڙو، دل جو وڏو ڪشادو، لطيفي طبيعت رکندڙ انسان دوست ماڻهو هيو.

85ع، 86ع دوران منهنجي استاد پيرل سان اهڙي ويجهڙائپ ٿئي، جو اڄ تائين اُهو روحاني رشتو نہ ڇڄي سگهيو آهي. اڄ بہ استاد پيرل جي خوبصورت يادن جا عڪس دل اڳيان رقص ڪن پيا. سوني هوٽل جي چانهہ هجي يا گولڊ ليف جي پاڪيٽ ۾ پنَ جون ٻيڙيون هجن. اُهي اوطاق تي طرحي مشاعرن جا مقابلا، اڄ تائين منهنجي ذهن و دل تي نقش آهن، جن ۾ مون بہ ڀرپور حصو وٺندي ڪيئي ڀيرا استاد هٿان انعام حاصل ڪيو.

شعوري طور تي گهڻو ڪجهہ استاد وٽان حاصل ڪيوسي، شاعريءَ جي فني ۽ فڪري لوازمات کان وٺي زندگيءَ جي گهڻن ئي رنگن تائين.
استاد جي شاعريءَ جو جڏهن پهريون مجموعو ’اگهاڙا پير ٽانڊن تي‘ شايع ٿيو تہ ان کي ڏسي منهنجي دل ۾ اها خواهش پيدا ٿئي تہ استاد جو ٻيو مجموعو آنءُ شايع ڪرايان. چاڪاڻ تہ ان ڪتاب ۾ ڪيترين ئي ڪوتاهيون رهجي ويون. جن ۾ پروف جون غلطيون هجڻ سبب، وزن بحر جي ٽوڙ ڦوڙ تي وئي، جنهن ڪري استاد جو اصل خيال سمجهہ ۾ ئي نہ پئي آيو. جيڪا استاد جي فن ۽ فڪر سان سخت بي انصافي لڳي. سادي ڪاغذ ۽ اڻ وڻندڙ بائينڊنگ باوجود بہ استاد جي انمول هستيءَ جي ڪري اهو ڪتاب هٿوهٿ وڪرو ٿي ويو. پوءِ بہ اسين ان ڪتاب جي سهيڙيندڙ ڪامريڊ ولي محمد مگٽهار جا ٿورائتا آهيون، جنهن نہ هجڻ کان ڪجهہ هجڻ واري ڳالهہ کي اهميت ڏني.
استاد جي ٻئي مجموعي شايع ڪرائڻ واري پنهنجي تمنا کي پوري ڪرڻ لاءِ، مون استاد جي شاگردن/فنڪارن/دوستن ۽ سندس ياءُ کان مواد حاصل ڪرڻ شروع ڪيو تہ تقريبن هڪ ڪتاب جيترو مواد هٿ ٿيو، جيڪو ’سجدو اداس آ‘ جي نالي سان سهيڙي توهان مهربانن جي هٿ ۾ پهچايو آهي.

’سجدو اداس آ‘ ۾ مون ڪوشش ڪري اُهي غلطيون ورجايون ناهن، جيڪي اڳ ۾ ڇپيل ڪتاب ۾ ٿي چڪيون آهن. پوءِ بہ جيڪڏهن ڪا غلطي ٿي وئي آهي تہ ان جو ذميوار آنءُ آهيان، نڪي استاد پيرل جي شاعري آهي. انهن غلطين جي نشاندگي ڪرڻ سان اُهي غلطيون ايندڙ ايڊيشن ۾ درست ڪري پيش ڪيون وينديون.

پيرل قنبر ادبي سنگت ـ سنڌ (مرڪز شهدادڪوٽ) پاران هر سال استاد جي ورسي ۽ سالگرهہ ملهائڻ سان گڏ اسان اهو بہ چاهيون ٿا تہ استاد پيرل قنبر جي سموري شاعري ڪتابي صورت ۾ شايع ٿي هر عام و خاص تائين پهچي. ان سلسلي ۾ استاد جو ٻيو مواد بہ ملندو رهي ٿو، جيڪو پڻ اسان سهيڙي انشاءالله ٽئين ڪتابي صورت ۾ جلد شايع ڪرائڻ جي رٿا رکون پيا. ان سلسلي ۾ اسان استاد جي چاهيندڙ سيني شاگردن/دوستن/ فنڪارن کي عرض ٿا ڪيون تہ وٽن جيڪو بہ استاد جو مواد موجود آهي، ان جي اصل يا نقل ڪاپي اسان تائين پهچائن تہ جيئن اسان اهو مواد سندن ٿورن سان ڪتاب ۾ شامل ڪري سگهون.

معياري ۽ غير معياري، شاعريءَ جا بہ اهم ماپا آهن. پر اسان ڏسون ٿا تہ استاد پيرل قنبر جي شاعري معيار واري ماپي ۾ مڪمل نظر اچي ٿي. مزاحمتي/قومي شاعري هجي يا اصلاحي، رومانوي خيال هجن يا طبقاتي اڻ برابري خلاف ويڙهہ، استاد پيرل قنبر جي شاعري هر ميدان ۾ شهنشاهہ وانگر اتم بيٺل آهي. سندس شاعري هڪ دؤر جي ڪهاڻي آهي، جنهن سان سندس لافاني عشق هيو.

آنءُ ٿورائتو آهيان، پيرل قنبر ادبي سنگت ـ سنڌ جي ميمبرن ۽ دوستن جو، جن هن ڪتاب جي ڪم ۾ ڀرپور حصو ورتو. خاص ڪري نوجوان شاعر ’غفارسحر‘ جو، جنهن استاد جي شاعري رف بڪن تان اتاري فيئر ڪري ڪتابي شڪل ڏني. آنءُ ٿورائتو آهيان، ڊاڪٽر محمد هاشم پيٽي، ڊاڪٽر محمد صديق ابڙو، ضميرڪرل، پائو اسماعيل سيلرو، مسافر مرتضيٰ لغاري، علي صفدر چانديو، خالد گل سومرو، عزيز قاسماڻي، احمد علي ’صابر‘ چانديو، محمد يونس مگسي، خيرل سيلرو، آزاد جتوئي، غلام مصطفيٰ جويو، ايم يونس جمالي، ثناگر جاويد بروهي، شيخ دلدار قنبرائي، سچڻ سنڌي، اعجاز بروهي، سلطان لاکو، فياض فدائي،  خان محمد مستوئي، خادم حسين جانوري، علي گل گاڏهي، عرس بليدي، احمد علي سينا سيلرو، سرفراز شيخ، همت رضا مگسي، عبدالوحيد پيٽي، عبدالحميد قريشي، رشيد خانواهي، طارق خشڪ، الهواريو جمالي، يوسف ناز مستوئي، سڪندر هاڙهو، طالب سيلرو ۽ ٻين انهن سيني دوستن جو بہ ٿورائتو آهيان، جن جا نالا هن وقت ذهن تي نہ اچي سگهيا آهن.

بيحد ٿورائتو آهيان، پياري شاعر دوست پبلشر سعيد سومري جو، جنهن جي تعاون سان هيءُ تاريخي ڪم ساپيان ٿيو آهي. مهرباني سائين تاجل بيوس جي، جنهن ترت ڪتاب جو مهاڳ لکي اماڻيو. خاص مهرباني سائين سرمد چانڊئي، راشد مورائي، ع ـ غ ـ تبسم، گل محمد شاهہ بخاري ٻين دوستن جي، جن ڪتاب بابت ۽ استاد پيرل قنبر بابت پنهنجا رايا ڏنا.

اوهان جي راءِ جو منتظر
سيد عبدالله شاهہ ’اطهر‘

**مرڪزي صدر**
**پيرل قنبر ادبي سنگت، سنڌ مرڪز شهدادڪوٽ**
**Mob 0334 2010903**

# غزل

ڪنهن ساڻ منهنجي دوستو محبت اڃا بہ آ،
پٿّر سان گويا شيشي جي نسبت اڃا بہ آ.

ڦاٽو وڃي جو ڪاڪ ۾ مومل جي سحر ۾،
چئي ڪير ٿو تہ سرُ سو سلامت اڃا بہ آ.

ابرن جي ڪمان قتل ڪيا لکَ ۽ بعد پڻ،
نادان هن ڪمان ۾ نِوڙت اڃا بہ آ.

محبت جو م، ح، ب، ت، مان تنگ ٿو ڏسان،
ديوار دل جي درميان دولت اڃا بہ آ.

پٿر مان نڪري ڪير پوي هي ڪمال ڏسُ،
فرهاد جي چنجور جي عظمت اڃا بہ آ.

سنگدل جي آڏو مان وڃي ڇئہ ڳوڙها ڳاڙيان،
منهنجي اکين ۾ ايتري غيرت اڃا بہ آ.

لب خشڪ چشم تر ۽ جگر ۾ گداز و غم،
مون وٽ زمان ماضي جي ملڪيت اڃا بہ آ.

ڪٿ تاج محل ٿو ٺهي هڪ قبر جي مٿان،
ڪٿ تنگ هڪ چراغ لئہ تربت اڃا بہ آ.

پنهنجا ڏيکاسين چشم نقابن سان پوءِ پڻ،
چالو اکين سان اکين جي حرڪت اڃا بہ آ.

سؤ پيرا منهن لڳو وڃي پٽ ساڻ آ 'پيرل'
پر مون ۾ عاشقي سندي عادت اڃا بہ آ.

*

درد جو دل جا ڪٿي دل جو اهو دمساز ڏي،
هن صدا بي وقت ڪي الله ڪو آواز ڏي.

اُن جي شاهيءَ ۾ ثنا منهنجي گدائي ۾ گلا،
غلغلو گرنار ۾ ٻيهر ڪيان سو ساز ڏي.

ڪستو ڏي، ڪپڙا بہ ڏي، ڪوڏيون بہ ڏي، ڪنٿو بہ ڏي،
پر گداگر ڪين ڪنهن کي رتبہءَ اياز ڏي.

مان بہ دورِ ماضي جان مزدور مان ٿيان بادشاهہ،
مون کي پرڙا ڏي اڳيان مون کي اڳيون پرواز ڏي.

تير پنهنجا پل وجي پيت يا تہ وڻ بند ۾ لڳن،
تير ان جو ٿئي نہ ضايع اهڙو تيرانداز ڏي.

ليليٰ جي محمل کي پهچان اُٺ پنيان دوڙي خدا!
مانُ مون کي ڏي نہ ڏي اوٺي ڪري ممتاز ڏي.

جو ڏسان جنهن کي تہ دشمن پيي پوي بس دوست ٿي،
منهنجي نيڻن ۾ اهو اڄ ڪو مٿانهون ناز ڏي.

آهي 'پيرل' جي صدا دشمن ڏسان جنگ پيي ڪيان،
جو چڪيان تلوار کي اڳ ۾ مگر آغاز ڏي.

*

تنهنجي اک مان جو اُڏي نينهن جا جلوا نڪتا،
شام مان باک ڦٽي، صبح مان سجدا نڪتا.

ديدِ دل لوهہِ قلمِ کي بہ لتاڙي آ ڏٺو،
عشق تنهنجا بہ اُتي عهدا ۽ رتبا نڪتا.

هڪڙو ڊنگ رنگ نہ رهيو يار جي رُخ جو يارو!
هڪڙي چهري مان سوين يار جا چهرا نڪتا.

تنهنجي مُنهن تي جو مڙهيا هيٺ مٿي ترِ ڪارا،
سي تہ قرآن جا ڪي پيشَ ۽ نُقطا نڪتا.

چا هٽائي تہ هٽايان هان نقاب اي 'پيرل'،
هڪڙو پردو نہ هيو پردي مان پردا نڪتا.

*

مون پنهنجي محبت جي هر طرح حفاظت ڪئي،
تو جا بہ عنايت ڪئي مون ان جي اطاعت ڪئي.

تو سور ڏنا جيڪي مون سور اُهي سمجهيا،
مون غم جي غلامي ڪئي، مون برهہ جي بيعت ڪئي.

دل تنهنجي هٿاران ڪو جئين داغ نہ ٿي دک جو،
قسمت کي ڪيم آزايون، تقدير کي پارت ڪئي.

هي منهنجا ڳڙيل ڳوڙها توکي تي ٻڌائيندا،
مون هنن کان وڌ پياري موتين جي نہ ملڪيت ڪئي.

’پيرل‘ کي تون پرکڻ ۾ خنجر بہ ڪٽي آئين،
تو سرڙو گهريو سرکي، مون سا بہ سخاوت ڪئي.

*

ڦاسڻ کان پوءِ ڇوٽڻ جي فرصت نہ تي ملي،
مون کي جيئڻ مرڻ جي اجازت نہ تي ملي.

دنيا ڦري ڦري وري هت تو ڦري اچان،
بي هنڌ ڪٿي ڪا ڪعبي جي صورت نہ تي ملي.

تو بُت جي بندگي ۾ جو محبوب آ مزو،
مون کي نظر ۾ بي ڪا عبادت نہ تي ملي.

اي دل! مان توکي چيري بہ ڪنهن وٽ ڪٽي هلان،
اڄ ڪلهہ تہ هڪ بہ قطري جي قيمت نہ تي ملي.

مومل جو جتي محل ءِ سومل جو سحر آ،
ان ديس ۾ سسي ڪا سلامت نہ تي ملي.

رب العزت هي تنهنجو پلا چاهي فيصلو،
دوزخ نہ تو ملي ڪنهن کي جنت نہ تي ملي.

ڳوڏن ۾ دريا جمي ويا دانهون ڪري ’پيرل‘
سائل کي اڃا سرَ جي سخاوت نہ تي ملي.

*

مون کي مرڪي يار ڪو ماٺو تہ ڏي،
دلربائي جو ڪٿو داٽو تہ ڏي.

چنڊ جي تون روشنيءَ سان جهول پر،
مون کي ٻُڪ ۾ يار ٽانداٽو تہ ڏي.

ڪاڪ تان مان ڪيئن پلا واپس وڃان؟
جي نہ آ مومل مون کي راٽو تہ ڏي.

نيٺ هي درپار آهي گهٽ ۾ گهٽ،
دوست مون کي دانُ درباٽو تہ ڏي.

اي صبا! نامِ خدا تون يار جي،
ڪا خبر ڪا سُتہ ڪو هاواٽو تہ ڏي.

واس مان مالهي وٺان ’پيرل‘ قنبر
جي اٿئي ڪو گل ٻه ڪو ماٺو ته ڏي.

*

تنهنجي دل تي ڪڏهن اثر ايندو،
هوش ۾ دل جسم جگر ايندو.

رات ڪيڏي ٻه ڏيندو قسمت ۾،
ڪري سُجهندو وري سحر ايندو.

وار آلا ته چنڊ، سوا جهٽ تون،
لهي ڪوٺي تي اڄ ڪڪر ايندو.

وک ايندي اڱڻ تي جو رکندين،
ٻڻجي هڪ ڳوٺ ٻه شهر ايندو.

توڏي ايندي سو چمندس ’پيرل‘
پير هيٺان جي ڪو پٿر ايندو.

*

تنهنجي رخسار تي جو تر نه هيو،
چهرو هڪ ڳوٺ هو شهر نه هيو.

تون هين مورت ئي من جي بس ڪافي،
پاڙي منهنجي ۾ ٻيو مندر نه هيو.

معاف ڪر مان ڪئي جو تنهنجي گلا،
بند منهنجي زبان جو در نه هيو.

تنهنجي وارن کي مان وڪوڙي وٺان،
منهنجي آڱر ۾ ڪو اثر نه هيو.

پنڌ ۾ هٿ نه هٿ سان هو ’پيرل‘
هي سزا هئي ڪوئي سفر نه هيو.

*

فڪر جي خون سان لعل ٿيو دل جو فسانو آ،
جيئڻ ٻه منهنجو موت جو موليٰ بهانو آ.

پرور کهڙي پاسي وڃي مان پناهه وٺان،
نانگ جي زهر مثال هي تنهنجو زمانو آ.

ڪاٽان ڏس تون ماءُ ۽ پيءُ جو پيار لهان،
خاڪ جي ڍير ۾ ڏٺو خوشين جو خزانو آ.

دل جي باغ جي ڪک پن ۾ ٿي باهه ٻري،
ڪوئل جي هر ڪوڪ ۾ غم جو ترانو آ.

رحم ڪرين يا ظلم ڪرين تہ بہ قادر تون،
ڇا بہ ڪرين تہ بہ رب تنهنجو شڪرانو آ.

ڪوئي ٿو ڪنهنجي محتاجي تي مرڪي هلي،
ڪوئي ٿيو 'پيرل' راهه سان روئي روانو آ.

*

خدا ڪري تہ اچي ڪو سلام يار اچي،
دلِ گمان کي وفائن جو اعتبار اچي.

نہ رو نہ رو اي شمع توتي ناهي جرمِ قتل،
جلڻ جي واسطي از خود ٿو جان نثار اچي.

منهنجو آ واسطو ان جي وصل سان وقت عزيز،
خزان اچي نہ اچي موسمِ بهار اچي.

ڪيڏائي مون تہ هٿن ۾ آ هُن کي جوان ڪيو،
زلف جي پيچ تي اڄ نئون ٿو پهريدار اچي.

وفا عيوض جي ڏيان ڪنهنکي مان جفا ڏس ڪئين،
اهڙو تہ ڪو نہ ٿو مون کي ڪو ڪاروبار اچي.

رهيو آ پاڻ تي 'پيرل' جي اختيار تہ ڇا،
جو سنگ دل جي مگر دل تي اختيار اچي.

*

جذبئہ وفا فنا ٿيو لطفِ پيار ڪونهي،
اف ساز گلستان ۾ نغمئہ بهار ڪونهي.

ڪري غير سان مون الفت رکان غير تي يقين ڪئين؟
پنهنجو رهيو نہ پاڻ تي خود اعتبار ڪونهي.

اڄ هن طرح زمانو ضعيفن کي ٿو ستائي،
دنيا ۾ ڄڻ غريب جو پروردگار ڪونهي.

چاهي آ بار ٻين تي تہ بہ آسمان جلي ٿو
ڪنهن جو اجا شڪر جو ان تي بار ڪونهي.

جاچي ڏٺو مون 'پيرل' هرڪو چئي جهان ۾،
جنهن جي ڏني ٺري دل، سو دل جو ٺار ڪونهي.

*

ڦٽڪون لڇون ڇا غير ڪي سڪ جي صدا ڪيون،
باسي جو پيار ڪو نہ ڇا ان جي پڇا ڪيون!

تڪليف ڏيون اجايو بہ ان چو حڪيم کي،
ديدار بنا يار ڇا دل جي دوا ڪيون!

پيرن ڪان چوٽي تائين تہ سنگدل صفا هو آ،
پٿر کي ڪهڙي خيال سان اڄ ٿا خدا ڪيون.

سڀ جي آ مرضي خير ۾، چريا اسان فقير،
چالئ ڳليءَ گهٽيءَ ۾ ٿا اُن جي گلا ڪيون.

بيهجان رنديل آ معاملو، ڪجھ پيار ۾ اجا،
ڪر معاف هڪ خطا تہ پو ٻي ڪا خطا ڪيون.

هاڻي تہ مس شروع ٿي آ محبت جي ابتدا،
تڪڙي اسان ٿا عشق جي ڪئين انتها ڪيون.

تون موت آهين مارينديں تون پاڻ آن جلاد،
توسان اچي بيان ڪهڙي ماجرا ڪيون.

*

سينگار جا مون تو ريءَ سفينا پيچي چڏيا،
ڦٽيون پيچي چڏيون، مون آئينا پيچي چڏيا.

تنهنجي فراق هجر ۾ بيوس ٿي يار مون،
نانگن جي رنگ جهڙا نگينا پيچي چڏيا.

محفل ۾ پير رکندي تہ پهريان هي ڪم ڪيم،
متڪا، صراحيون، ساغر و مينا پيچي چڏيا.

تارا تڪيندي برهہ جي بستر ۾ ساري رات،
ڦٽڪي لڇي مون سيج جا سينا پيچي چڏيا.

هيڪل ۾ خود کي ڏيندي هجر جي حساب جا،
مون ڪيئي هفتا، سال، مهينا پيجي چڏيا.

ڪنهن وقت وات کي ڪو گرهڙو ڏيکاريم،
باقي خوراڪ جا مون خزينا پيجي چڏيا.

مون کان پچئون حساب جدائي جو انگ ڏس،
ڳوڙها، چوڪارا، آهَه پسينا پيجي چڏيا.

’پيرل‘ مون سڪڙي يار جي سيراندي کان رکي،
باقي حسد، ساڙ ۽ ڪينا پيجي چڏيا.

*

هر ڪو پنهنجي حرف جو قائل،
حق سان وڙهي پيو پلجان قاتل.

حسن حڪومت پيو تو هلائي،
عشق نه بٽيو ڪڏهين عادل.

ڏنم ته ڪشتي ڪنهجي ٻُڏي تي،
سوري اچان ها هٿ سان سائل.

اڳ ۾ پيار جو نالو نه ڪٽجان،
ڪند اڏي رک، پوءِ آن قابل.

عاقل ڪيڏا وس ڪري پر،
جاهل سان تو پرچي جاهل.

راهن ۾ جي رهزن ٿيا پو،
ڪهڙي محفل ڪهڙي منزل.

اسِان اڳيئي موئل هون ’پيرل‘
ڪهي به ڪهندو ڪيڏو قاتل.

*

وعدو تنهنجو ڦري ويو آهي،
مُئل پيهر مري ويو آهي.

تون تو ڪند قرب کان ڪيائين ڪو
ساز تي ڏئي سري ويو آهي.

ڪيڏي هن پيار ۾ ڪشش آ ڏس،
باز هٿ تي هري ويو آهي.

تنهنجي الفت جي اوڪي چاڙهي تان
ڪوئي ڪنڌ پر ڪري ويو آهي.

پنيان تو عشق جي پچان ’پيرل‘
شينهن گهر ۾ گهري ويو آهي.

*

اٿ اي سائل! ڪر صدا تيندي وجي،
ابتدا جي انتها تيندي وجي.

هڪ ڏئي بوسو وري تو بند ڪرين،
ڏينهن سارو هي سخا تيندي وجي.

زهر ڪائي مان مران پو چو نہ جو،
تو اڳيان تنهنجي گلا تيندي وجي.

آ يڪو تون واٽ تي ساهي نہ پٽِ،
جان منهنجي تي جدا تيندي وجي.

هر گهڙي غم جي بہ آ چٽڪو مگر،
هٿ فنا ڪي تي بقا تيندي وجي.

گُل گهران تو، پيا ڪنڊا مون کي ملن،
باغ ۾ تي ڪربلا تيندي وجي.

تون جڏهن سامهون ڏسين ’پيرل‘ ڪي تو،
گم هي ڪاڏي تي دوا تيندي وجي.

*

لعلن مثال اڳ جو زمانو نہ تو ليي،
ڪنبرات ۾ بہ دل جو خزانو نہ تو ليي.

گلشن ويس عجب ڪان تہ آگر تي واٽ ۾،
ڪوئل ليي تي ليڪ ترانو نہ تو ليي.

پئيس تہ ڪيئن هي تير وجي روح پٽر ۾،
نادان هن نظر جو نشانو نہ تو ليي.

سانوڻ ۾ ساري لوڙهي کي هو پينگهہ هئي ڪندي،
اڄ ڪٽچي ڪان تہ سَر جو بہ ڪانو نہ تو ليي.

ڪيڏيون بہ ڪوششون ڪيون بيڪار ويندڀون،
ڪوئل جي پيٽ ڪڪڙ جو آنو نہ ٿو لڀي.

چاڙهي واٽي تہ ڪو نہ ٿو منهنجي هو در اچي،
پر پلٽڻ جو بہ هن ڪان بهانو نہ ٿو لڀي.

گڏ يار هم سفر هجي هر پنڌ تي 'پيرل'
مون ڪان سفر چو اهڙو سهانو نہ ٿو لڀي.

*

جرڪي نہ جيسين دل جو داڻو،
چا جي مومل، چا جو راڻو!

هٿڙا ڏکن پيا، دل ڏڙڪي پئي،
خير نہ منهنجو ڪو بہ اگهاڻو.

پنڌ ۾ ڪوئي هجُ پيو ٿئي،
سيج مٿان ڪو ٿي پيو ساڻو.

محبت زنده باد چوان ٿو،
تون پي ڏيندو آءُ وراڻو.

پئسن ڪي ٿو چنبڙي لوڀي،
نينهن لتاڙي لت سان ناڻو.

پڪي پيار جو 'پيرل' سُتِ چا،
آڪيري مان ڪڍهن اُڏاڻو!

*

حسرت ۾ هر حڪيم جو عالم ڪري چڏيان،
ڏي لعاب تون زخم جي تہ مرهم ڪري چڏيان.

هر وڻ سڪو خزان جي رهي ڪشمڪش ۾ پر،
پيدا اهو سنگيت ۾ سرگم ڪري چڏيان.

چنجور ڏيو فرهاد جو پٿر مان ڪيان ڪير،
ديون ڪان ڪم جو زور، اهو ڪم ڪري چڏيان.

سوَ ڪو نہ ٿا ٿهي جي سگهن مون غريب ڪان،
هڪڙو تہ ڪوئي دنيا ۾ حاتم ڪري چڏيان.

منهنجو ئي کھڙو ڪم جو ڏيان بي وفا کي دل،
ٿانڊن جي مچ تي قھر ۽ ماتم ڪري چڙيان.

کھڙي خبر وفا ڪندا يا ٻيا دغا ڪندا،
مالڪ جھان جو پنھنجو ھمدم ڪري چڙيان.

تتي ٿڌي پلڪ پھر پاڻ سان رھيو،
غم جو اڳياڻون سيڙھي سرِ خم ڪري چڙيان.

مون کي ٻڌايو يار زبان سان ترار سان،
آدم کي ڪئين انبءَ آدم ڪري چڙيان.

ابنِ خليل مان ھجان 'پيرل' نہ مان ھجان،
پيدا ڪُڙي جي ڏک سان ئي زم زم ڪري چڙيان.

*

اچين جي منھنجي اڱڻ احترام تي سگھندو،
سُڪل ھٿن سان بہ توکي سلام تي سگھندو.

وچائي پاڻ چڙيندي اوھان جي قدمن ۾،
اکين منھنجن کان اھو انتظام تي سگھندو.

اول تہ ڌرتي جي مان پيٽ تي بہ پاس ٿيان،
فلڪ جي سيني تي پنھنجو پو نام تي سگھندو.

ڌڪاري پاڻ چڙيئي پر بہ وڏي ڳالھہ نہ آ،
غلام پوءِ بہ تنھنجو غلام تي سگھندو.

مَنھن ۽ شيش محل بي مُقام تي سگھندا،
مگر نہ مندر و مسجد مُقام تي سگھندو.

ٻيجل تہ ساز تنھنجي تي ڪپي مان ڪنڌ ڏيان،
سسي منھنجي کان اھو انتظام تي سگھندو.

ڪري مھمان وري مھٽا ڏئين تو ھن ئي طرح،
حلال طعام بہ مون کان حرام تي سگھندو.

دفن آ تنھنجي ئي دل جي صحن تي دل منھنجي،
مُقام ھن ۾ نہ ٻيو ڪو مُقام تي سگھندو.

بزم ۾ ڪيئي ھجن پل تہ ڪي عمر ليڪن،
عمر نہ ٻيو ڪوئي عمرِ خيام تي سگھندو.

پرين مقابلي ’پيرل‘ اچن بہ لک ليڪن،
رهيو جو خاص آ سو ڪيئن عامہ تي سگهندو.

*

جو ماٹهو ملئي سو گهايون آ،
تون پنهنجو هنر هلايون آ.

دل ڏڙڪڻ ڪان هي بس نہ ڪندي،
تون چير نہ پير ۾ پايون آ.

هي ڪانگ ڪبوتر هٿ ۾ جهلي،
اڄ اکين جا باز اڏايون آ.

هو اس بہ تہ پاڇو ڪو نہ ڪندي،
تون چانوَ ۾ وار سڪايون آ.

دڳ سير چئي ’پيرل‘ سُون ڏسان،
تون لوهہ سان پارس لايون آ.

*

اُهو ئي بي وفا نڪتو مون جنهن کي با وفا سمجهيو،
اها بس منهنجي غلطي هئي مون پٿر کي خدا سمجهيو.

شفا دل جي تہ گولڻ لئہ مون ڪاڏو چا نہ چا دوکو،
وجي هڪ زهر قاتل کي مون آ دل جي دوا سمجهيو.

چڏي ويو سير ۾ سو پي ڏسي اڄ منتظر مون کي،
هيو بس ڪشتي پنهنجيءَ جو مون جنهن کي ناخدا سمجهيو.

تمنا وصل منزل هئي مگر ويو ڪاروان لُٽجي،
ويو هي چا منجهان چا ٿي، هيو مون چا نہ چا سمجهيو.

هٿاران ستمگر جي جو مٿان منهنجي اگر ’پيرل‘
ستم جو ڪجهہ بہ گذري ويو سو مون رازِ قضا سمجهيو.

*

بي واجبي تو مون کان مٺا مُنهن مَٽي ڇڏيو،
مون ماس ڇڪن ساڻ چريو ٿي پٽي ڇڏيو.

جيئري تہ ڇڏي تون وئين پر موت کان بہ پو،
منهنجو نہ قرب سات ڪفن جي لٽي ڇڏيو.

صياد پي بلبل جا ائين پر ڪٽيندو ناهہ،
مون کان جئين تو قرب جو رستو ڪٽي ڇڏيو.

بت ۾ بچايو چا ٿي بہ جت ڪو زخم نہ آ،
جنهن ريت هيئہ ڦٽڻو اوئين تو ئي ڦٽي ڇڏيو.

ڳوڙهو هيم غم جو ڪو ڪٽي ها سڙي ها سو،
ڏرتي چگو ٿيو جو اهو تو چٽي ڇڏيو.

مِون کي چا خبر پرڙا مٿائي هو پرَ ڪندو،
اُف باز برهہ وارو مون پل ۾ جهٽي ڇڏيو.

هُس ڪو نہ تہ مان نڪرندوِ 'پيرل' بہ ڪاڏي پر،
مون کي بٽائي رول لُٽي ۽ اَٽي ڇڏيو.

*

تنهنجي سنگت محبت هڪ سُون ٻيو پتل آ،
تنهنجو اچڻ حياتي، تنهنجو وڃڻ اجل آ.

هٿڙا هٽين بہ چا ٿو، دل کي ڏسين مسيحا!
هي حال جو ڪچو گهر ماضي جو هڪ محل آ.

عزرائيل ڏسي بہ اوري چاهي اکين ۾ هاٽي،
سپ سِير ۽ ڪُنن هي لاهي وتو ڪجل آ.

منهنجي پلا صنم جي کهڙي تہ آ طبيعت،
چڻ ٻار ڪوئي ننيڙو چڻ هڪ پکي ڪو ال آ.

مان ئي سين گلن ۾ تنهنجي ڏٺي وصف آ،
مون کي خبر هي کهڙي ڪوٽيءَ جو گل ڪنول آ.

اج خير جي ڪمن لئہ افسوس آهہ 'پيرل'
طاقت نہ آ هٿن ۾، ٻانهن ۾ ڪو نہ ٻل آ.

*

ويچن جو در وٿان يا تنهنجي خاڪ پا وٿان،
هن درد نامراد جي ڪنهن ڪان دوا وٿان!

منهنجي مٿي تي گر هجي خود مختياري تاج،
سارو لٽي خزانو مان اک جي ادا وٿان.

هر آدمي جي دل تو ڏسان آهي داغ داغ،
ڪنهن سان مَٿائي پنهنجي مان قسمت قضا وٿان.

اهڙو تہ ڪاروبار ڪڏهن مون نہ آ ڪيو،
وڪٽي ثنا ٻهر جي گهر جي گلا وٿان.

ترُ ٻي تہ آ رُخ تي، ڳوڙهو ٻي ڳل تي آ،
ڪعبو وٿان مان همنشين يا ڪربلا وٿان.

جنهن ڪي خوشي سان دوستو پالي نہ مان سگهان،
زلفن جو وٺان نانگ يا اک جي بلا وٿان.

محبوب آهي آڏو تہ هتڙي ئي حجّ آ،
ڪهڙا وٿان مدينا مان ڪهڙا مڪا وٿان.

اڳ ۾ اڪيون ملائي مان پارِت تو پو ڪيان،
هڪ وقت ۾ تو درد ۽ اُن جي دوا وٿان.

’پيرل قنبر‘ ڪي تون ڪري ڇڏ مفت ۾ خريد،
مٿي جي ٻُت جي توڪان مان ڪهڙي ٻها وٿان.

*

تون ڪرين وسريل وري تو ياد ڪٿ،
تو رکين سک جو سنگِ بنياد ڪٿ!

ماٺ ڪر موسم خزان ۾ او چريا!
باغ بلبل پوئنر جو آ داد ڪٿ!

ٻيا سيئي قيدي وڃن آزاد ٿيا،
عشق جو قيدي ٿيئي آزاد ڪٿ!

ڪو رهيو ڪاٽي ڪوئي ڪاٽي رهيو،
ڪٿ جبل چنجور ڪٿ، فرهاد ڪٿ.

هر گهڙي گهر دل جو آ فڪر هجوم،
مان ڪيان ايڏو شهر آباد ڪٿ!

مان چِڪين پڃرو پٽي بلبل ڪيان،
پر ٻڌي منهنجي ٻه تو صياد ڪٿ.

واهه! هر ڪو تو تري تارو ٿيئي،
سمنڊ چيري سو آهي سندِ باد ڪٿ!

هي قبر ۾ پي وري دانهون ڪندي،
ڦاهو ڏئي پُوريان وڃي فرياد ڪٿ!

ٻرَ ۾ 'پيرل' ٿا ملن برباد سَوَ،
دل ڪشادا ڳولهيان دلشاد ڪٿ.

*

رُخ تان ائين نہ تون ڪر پردو پري پري،
ويندس مري مان سڪ جا سجدا ڪري ڪري.

هن عشق جو تہ آهي آبِ حيات پيتل،
خود موت سان نٽي هي محبت مري مري.

حيوان آ هُو توڙي بک ۾ ڳري مري ويو،
هي گاهہ شينهن پوءِ پي ڪاٽي چري چري.

هي عشق حسن ٻيئي راجا وزير آهن،
هڪ ٻئي جي ڏار ساعت ڪاٽي سري سري.

'پيرل' قنبر' ڪري جي محبت مريد مون کي،
دل ۽ جگر جا ڏيندس ڏن مان ڀري ڀري.

*

جي آهي دوستو مون کي تہ دلبر جي تلاش آهي،
مسلمان جي تلاش آهي نہ ڪافر جي تلاش آهي.

اجا پي شعر منهنجي جي اڃي اصلاح مون کي ڏئين،
پٽائي، شيخ سعدي ۽ قلندر جي تلاش آهي.

هتن ۾ ٽڪر ماني جا کلهي ۾ مشڪ پاڻي جي،
پيو ڀُلجي آ منزل ۾ مسافر جي تلاش آهي.

تلاش آهي تہ مون کي جي پرين جي پڳهر تازي جي،
نہ زمر زمر جي تلاش آهي نہ ڪوثر جي تلاش آهي.

مان مجنون هان صبا منهنجو گهُلي پيغام نيندي آ،
نہ ڪلڪ و مسُ جي مونکي ۽ نہ ڪاڱر جي تلاش آهي.

بدن منهنجي ۾ پاڻ ئي همٿ، چستي اچي ويندي،
مون کي بس نعرئي اللّٰه اڪبر جي تلاش آهي.

چڙهيل اک جي شرابن جو مون کي آهي نشو ڪافي،
هيئنر ساقي، صراحي ۽ نہ ساغر جي تلاش آهي.

هتي ٿيا راهرو ڪيئي، ڪيئي ٿيا راهہ ۽ رستا،
ڪنهن کي محلات ۽ ڪنهن کي ڪچي گهر جي تلاش آهي.

تونگر ڪو نہ هان 'پيرل' تونگر کي نہ پيو ڳوليان،
گداگر مان آهيان مون کي گداگر جي تلاش آهي.

*

ماشا اللّٰه ڪلندي خطا تو ڪري وٺان،
اڄ زهر ان جي هٿ جو دوا تو ڪري وٺان.

زلفن کي لبن وار کي رخسار کي چيڙي،
طوفان چاڻ پيو مان بپا تو ڪري وٺان.

مسجد جي در کان ٿيندو وڃان تو صنم جي در،
اڄ سجدو هي خدا جو قضا تو ڪري وٺان.

الفت جو ڳوڙهو هان ڪاٽي اڪثير تو ڪيان،
الفت کي ڪٽي اڪ جي بلا تو ڪري وٺان.

تون غم نہ ڪر ڪو، مون تي وهاءِ خنجر جي نوڪ،
رت کي مٽائي رنگِ حنا تو ڪري وٺان.

ويهو اوهان هتي جهٽ تقدير ۽ قضا،
سسئي جي مان پنهن کان پچا تو ڪري وٺان.

پٿر جي بوتي کي تو پوان چنبڙي 'اي پيرل'!
ليڪن نہ خدا کي مان خدا تو ڪري وٺان.

*

جدائي جا جڳن صدما سهڻ ڏاڍا ڏکيا آهن،
اگهاڙا پير ٽانڊن تي رکڻ ڏاڍا ڏکيا آهن.

مٺا! جيڪي تي ڏيئَا ڏک اهي هڪ ڏينهن ئي ڏئي ڇڏ،
ڏهاڙي زخم سورن جا سهڻ ڏاڍا ڏکيا آهن.

ڏُکن سَوَ ڪوهه صحرا ۾ پرين خاطر پيرين پيادل،
اهي مجنون جهڙا عاشق ملڻ ڏاڍا ڏکيا آهن.

ڏسي آليون اکيون منهنجون پلي بادل پيو برسي پئہ،
الاهي عشق جا ڳوڙها اگهڻ ڏاڍا ڏکيا آهن.

چني سگهبا تہ اي 'پيرل' پهاڙن جا بہ سينا پر،
ننڍي جي نينهن جا ناتا ڇنڻ ڏاڍا ڏکيا آهن.

*

اسان کي محبتي منزل سندو نشان تہ ملي،
پکي کي آشيان انسان کي آشيان تہ ملي.

اسان کي باغ جي حد ۾ بہ ڪونہ گل ٿو ملي،
ڪنهين کي باهہ جي مچ تي ٿو گلستان تہ ملي.

اسان جون ڪوششون ڪافور سڀ ٿين چالئہ؟
دهر جي ڪنڊ ۾ هڪڙو ڪو داستان تہ ملي.

ائين بہ گذري تہ سگهندو ڇا موٽ ڪان ماڻهو،
مڙئي نامهربان هڪڙو ڪو مهربان تہ ملي.

ڪري ٿو خير جا ڪم ۽ رکي ٿو فڪرِ يتيم،
وڏائي هٿ بہ انهيءَ ساڻ آسمان تہ ملي.

ائين تہ يار خوشامند تي ڏيندا ماني ٽڪر،
بکئي کي موت جي سائي ۾ ميزبان تہ ملي.

اوهان جي دوست جدوجهد جي نشاني سان،
اتو تہ ڪيس کي ليليٰ جو ڪاروان تہ ملي.

اوهان کي محل جي گبند تي پل ملن ساٿي،
اسان کي رڻ جي سفر ۾ ڪو رازدان تہ ملي.

اسان کي زخم رسن ۽ اسان ٿي گونگا رهون،
اسان کي ظلم سلڻ لاءِ ڪا زبان نه ملي.

هي خالي اکڙيون ڏسي چرڪين ٿو قنبر پيرل!
اڃا نه ترس جڏهن تير سان ڪمان نه ملي.

*

هوئنن زمانو پيو پرين جي حد کي پهچي ويو،
توسان منهنجو جنُ الائي ڪيئن مٿا ريجهي ويو.

هڪ ٻٽيو لوپيو نه ٻيو ٺڪ اُتي ٺوڳي ٻٽيو،
ڪا سياست ستمگر جي ستمگر سمجهي ويو.

تون پلا چو حال منهنجي تي اڃا مرڪين نه ٿو،
حال منهنجي تي مسيحا پيو اُتي مرڪي ويو.

بادشاهن جي سسي ڪٽ، ڪاتي چرپر چنگ جي،
تند جو بس هي ذرو ڪنهن تڪڙ ۾ تڙپي ويو.

دنيا جي گهرائي چڏ، ٻي هڪ ئي وٺ گوگو زمان،
ساهه ان جو سپن سان ڪئين سنگت ۾ سرچي ويو.

ڏس يڪو ئي سردي ۾ پروان هو خاموش هو،
باهه جا شعلا ڏسي هو مفت ۾ بگڙي ويو.

اصل ڪان ’پيرل‘ اهو آ سلسلو هلندو رهيو،
ڪو رُسي ڪنهن ڪان ويو ۽ ڪو ڪنهن سان پرچي ويو.

*

ٿورو کي گهٽو ياد ڪري ها نه ڪري ها،
ناشاد دل کي شاد ڪري ها نه ڪري ها.

ضايع نه ٿئي زندگي ها ضرب قفس ۾،
هڪ ٿورو هي صياد ڪري ها نه ڪري ها.

منهنجي بہ درد دل جو دارون هيو هُن وٽ،
الفت ۾ جي امداد ڪري ها نه ڪري ها.

مان ان جي ئي فرقت ۾ نہ بي رسمون رلان ها،
برباد کي آباد ڪري ها نه ڪري ها.

هيئن منهنجي هٿان پاڻ نہ بي حرفو مري هان،
ڪجهه فڪر جي فرهاد ڪري ها نه ڪري ها.

حاصل ٿئي ان جو پي ته بس جامِ وصل ها،
منظور جي فرياد ڪري ها ته ڪري ها.

*

دل، جان جگر، اکيون لب، هر هڪ غلام هو،
اي حسن! تنهنجو هاءِ ڪيڏو احترام هو!

مسجد ٿهي هئي ٺيڪ اڃان بانگ ڪو نه هئي،
اي پيار وارا! پيارُ اُتي پيش امام هو.

هٿ جو جبين جو ڪنڌ جو سر جو ۽ ساھ جو،
جڳ کي سلام ڪو نه هو توکي سلام هو.

دلبر بغير مئڪدي ۾ ڇا وڃي ڏٺم،
ساقي هو ڪٿ صراحي ڪٿي ڪٿڙي جام هو.

موهن جي هن دڙي مان گهٽو مون پرايو آ،
جو ڪالھ هيو محل ته اڄ سو مقام هو.

رخ تي چڙيئي جو وار ته وڏ کي ڇا سُڌ مون کي،
پرڀات، اسر، رات، منجهند، صبح، شام هو.

’پيرل قنبر‘ آ پئي هليو محفل جو رنگ هيئن،
جٿ اهتمام هو ته اتي اختتام هو.

*

اڃان اسان جو قلب ڪنهن قرار جوڳو نه آ،
اسان جو عشق اڃا اعتبار جوڳو نه آ.

صنم جي رخ تي اڃا شوخي جي خزان ٿي گهلي،
اسان جو باغ اڃا ڪنهن بهار جوڳو نه آ.

قدم قدم تي اڃا ٿا اسان کي مهڻا ملن،
اسان جو قرب اڃا ڪنهن قطار جوڳو نه آ.

ملي جدائي ته هٿ مان دهي به پٽ تي ڪريو،
مقامِ تاج اڃا تاجدار جوڳو نه آ.

وڻن ڪان پوءِ ته ان جي هٿن مان ور ئي ويو،
ليلا جو ڪنڌ اڃا اهڙي هار جوڳو نه آ.

*

اميد آهي تو ۾ نہ وک جي نہ گام جي،
ڪهڙي پلا پو تنهنجي ضرورت سلام جي.

مون کي سجڻ ڏسڻ ۾ تون شهنشاهہ ٿو لڳين،
توکي ضرور هوندي ضرورت غلام جي.

هيٺين شين جي يار آ ڪرڻي عزت ضرور،
مسجد، مندر، ڪليسا ۽ ديول، مقام جي.

پيرن تي يار کي رکان قدمن ۾ ڪوهہ ڪاف،
طاقت خدا ڏني آ انهيءَ انتظام جي.

هاڻي پلي اشارو ڏي جيئرا تون جيئري کي،
مُئلن کي ڇا ضرورت ڪنهن ميچ مام جي.

منهنجو تہ حال جو هيو سو پيش مون ڪيو،
دل تان وڏيڪ پڇ تون خبر احترام جي.

’پيرل‘ طبع آ منهنجي پي، هن جي طبع آ ٿئين،
مئڪش سان ڪا نہ ٿي لڳي ڪنهن پيش امام جي.

*

ڇا خبر عشق ۾ اکين سان اٽڪڻو پوندو،
اشڪ پيرن ۾ ڏسي پوءِ بہ مرڪڻو پوندو.

نہ آهي کيل کو ٻاراڻو هجر جا دڙڪا،
لوڻ مرهم بجا زخمن تي مهٽڻو پوندو.

وفا، جفا جو تہ رکبو هي فيصلو آخر،
پيار ۾ سُون ۽ پتل کي پرکڻو پوندو.

متان مقابلو الفت جو معمولي سمجهو،
هزار فوٽ جي بلندي تان ترڪڻو پوندو.

پوءِ تہ اک جو مزو پيار ۾ ايندو ’پيرل‘
ڪڏهن تہ رسڻو وري ڪڏهن پرچڻو پوندو.

*

چو ٿا پڇن اسان کان محبت خوشي يا غم آ،
ٿين ڏوهي واري جو هتي ڪهڙو پلا کو کم آ!

لوح قلم تي چالئہ بہ ان جي ڏسئون تہ عظمت،
کھڙو اسان سان قسمت سھٽو ڪنيو قدم آ.

هينئن ڪونہ ٿي تہ ڪنھنجي شڪوا ڪيون ٿا ليڪن،
هو حسن پيي عظيم آ پر عشق ڪجھ اتم آ.

چونداسي سچ سدائين سوني زبان سان پيا،
اڄ ڪلھ غريب جو ڪٿي دين آ ۽ ڌرم آ!

پرواھ ڪر نہ پيارا گھر ۾ هجين يا ٻاهر،
هت توسان منھنجو ساھ آ هت توسان منھنجو دم آ.

انسان جي تہ هونئن پيي نہ هڪ جھڙي آ طبيعت،
ڪڏھن تہ هو نرم آ، ڪڏھن صفا گرم آ.

’پيرل‘ لکي بہ پرزو محبوب ڏي ها اڄ تون،
ڳوڙھن جي مس تہ آ گھٽي ڪاغذ نہ پر قلم آ.

*

دلبر ويئہ وساري ويسھ پرم ڪٽي ڇڏ،
هن ميز تان تون هاٽي ڪاغذ قلم ڪٽي ڇڏ.

جنھن ۾ نہ قرب تنھن جي هر هر تلاش ڪھڙي،
پٿرن جي پنڊ تان تون پنھنجوقدم ڪٽي ڇڏ.

هوڏي تہ ڏس تون سارو ڇا پگھر ۾ ڳڙين ٿو،
ڪنھن وڻ جي ڇانوَ ۾ اٺ، دلگير دم ڪٽي ڇڏ.

رکندس اصل نہ ڪڏھين ڪنھن جي وفا سان ناتو،
ڪم سپ ڇڏي تون اڳ ۾ اٿ هي قسم ڪٽي ڇڏ.

آڇي توکي زمانو چيزان هزار ليڪن،
ٻوٽي اڪيون تون اڳ ۾ مذهب ڌرم ڪٽي ڇڏ.

ويندي مھل ويو جو تنھنجي اڱڻ تان اڇلي،
پنھنجي هٿن سان ميڙي شوخي ۽ غم ڪٽي ڇڏ.

بيا ڪاروبار سپ ٿي، هن ڪشمڪش جا ’پيرل‘
جا ڪسوٽي تي جڳ جي، اهڙو تون ڪم ڪٽي ڇڏ.

*

منهنجو جسم جان بہ تون آن، منهنجي زندگي بہ تون آن،
منهنجي بي خودي جو سجدو منهنجي بندگي بہ تون آن.

منهنجي آهہَ منهنجو جذبو، منهنجي آس منهنجي الفت،
منهنجي ديد منهنجو دلبر منهنجي دوستي بہ تون آن.

منهنجي بزم منهنجي محفل منهنجو ساقي منهنجو ساغر،
منهنجي موج منهنجي مستي منهنجي مئڪشي بہ تون آن.

مان شمع چنڊ تارن ڪان روشني پنان چو،
منهنجي شمع چنڊ تارا منهنجي روشني بہ تون آن.

*

نمبر تہ بئي ۾ نسب ذات گهر گهراڻو آ،
اول تہ مرتبو جنهن جو مٽيءَ جو چاڙو آ.

ڏنو آ عيد کي مون شرف چا ڏسين ٿو اڇي،
لباس نئون آ مگر هي بدن پراڻو آ.

پڪي تہ ثابتي مون کي بہ ناهي پر هُل آ،
چون ٿا عشق انتو آ ڪنڊڙ هو ڪاڻو آ.

پري ٿيا جنَ ملڪ حور و پري لوح و قلم،
ڏسو هي آدمي اڳ ۾ تہ ڪيئن اگهاڻو آ.

ڪري مان عشق ستس اڪ پٽيان عقل ڪونهي،
الائي ڪهڙي مهل هي پٽيو اڏاڻو آ.

باقي اچاڻ تہ اڪين جي آهي اونداهي،
اها آ روشني، اڪ ۾ جو سياهہ داڻو آ.

پڇا تون چو ٿو ڪري پيار جي اُتي هر هر،
اسان کان معاف هتي ۽ هتي پڇاڻو آ.

سڏي بہ ڪوئي نہ دل وارو هن کي ديوانو،
ڏهين صديءَ جو پاڳل، چوڏهين جو سياڻو آ.

سجاڻي هر ڪوئي مونکي ٿو مان تہ ’پيرل‘ هان،
اهو هو هار چنيسر جنهن تي وڪاڻو آ.

*

اسان کي نہ پنهنجو ٻڌائي ڀلي کو،
ستم ڏئي اجا پي ستائي ڀلي کو.

قدم سنيري هليا تہ روڪيا نہ سسئي،
پيا پير پٻ هن پچائي ڀلي کو.

نہ سامهون ويندا‌سي نہ سجدو کندا‌سي،
خدا وقت جو پيو سڏائي ڀلي کو.

اسان سنڌ خاطر تہ سرَ پي ڏيندا‌سي،
کنڌن جا هي کنگرا اڏائي ڀلي کو.

اسان جو چا ظالم سان اکڙيون اڙايون،
وڃي موت سان هٿ ملائي ڀلي کو.

وڏڪ يار ’پيرل‘ اڳين جي آ مرضي،
کيل ڳڻ اسان جا نہ ڳائي ڀلي کو.

*

اکين کي عشق جا تاثير ڪڏهن بخشيندين،
هٿن کي زلف جا زنجير ڪڏهن بخشيندين.

انڌن کي راهہ ڏيون ۽ سڄڻ کي ساهہ ڏيون،
اسان کي عقل هي اڪثير ڪڏهن بخشيندين.

چوين تہ لوح قلم توکي اچي پيرين پوان،
مان آهيان رانجهو مون کي هير ڪڏهن بخشيندين.

اجا تہ تن جي نصيبن ۾ آهي لوڻ لسي،
مارن کي مولا کنڊون کير ڪڏهن بخشيندين.

مجان ٿو هڪ ڏئي بوسو ڏني ٿو هڪ جاگير،
اسان کي ٻي وري جاگير ڪڏهن بخشيندين.

هڪل سان شير جي چنبن جو اڏري ڌڪ روڪن،
اهي ئي ملڪ جا مهمير ڪڏهن بخشيندين.

ڏسان ٿو خواب ۾ ’پيرل‘ اڱڻ اچي ئي نہ ٿو،
خواب کي يوسفي تعبير ڪڏهن بخشيندين.

*

ديدار ڏنو هن هڪ پيرو دم دم جو تدارڪ ڪير ڪري،
بي غم ته اهو بي غم ٿي رهيو پُرغم جو تدارڪ ڪير ڪري.

مختيار هيو هو دل من جو هڪ فتويٰ ڏئي بي فڪر رهيو،
ماٺهو ٻه وڃي محلن ۾ سُتا مجرم جو تدارڪ ڪير ڪري.

دل ان کي هيو دلبر ٿي سڏيو ان شڪل دوا ۾ زهر ڏنو،
سُر وارو ڳلو ٿي گهٽجي ويو سرگم جو تدارڪ ڪير ڪري.

هڪ تيز ٻپا طوفان ٿيو گل گل سان ملي مرڪي نه سگهيو،
هت شاخ ڪري پئي شاخ مٿان شبنم جو تدارڪ ڪير ڪري.

محفل ٻه ٽٽي ساٿي ٻه ويا ڪجهه درد مليا ڪجهه داغ ٿيا،
عيدان ته رهيون سي عيدن سان، ماتم جو تدارڪ ڪير ڪري.

خود خاص خدا جو حڪم ٿيو مشرق ڪو ويو مغرب ڪو ويو،
هوءَ بيبي هوا پي ٿي وئي هوا، آدم جو تدارڪ ڪير ڪري.

تون مان ٻه اگر جي چپ ٿي ويهون ته ٻه چرخو ڪوئي چري پوندو،
خالق ٻه اگر خاموش ٿئي، عالم جو تدارڪ ڪير ڪري.

مڃٿو ٿو پوي بيشڪ ته هيو هو عرب سخي حاتم طائي،
پر حيدر جي هيئن اڳيان اچي حاتم جو تدارڪ ڪير ڪري.

اکين جي خزاني جو ’پيرل‘ آ قطرو قطرو قيمت ور،
جو زور سان چالو تنهن آبِ زم زم جو تدارڪ ڪير ڪري.

*

ناتو رکي جو توڙ نيائي ته پو مڃان،
سيخان مکڻ جون سچ تي پچائي ته پو مڃان.

هيئن ڪين ٿئي جو مهڙ ۾ پاسو مٽي وڃين،
مئي پي ڪلهو ڪلهي سان ملائي ته پو مڃان.

مڙسي اتي آ ڏسٽي جو برهن جي ٻاهه ڪان،
مون کي بچائي خود کي بچائي ته پو مڃان.

هيرا ۽ لعل تاج ۾ پوئي جهلي ته چا،
ڏندن ۾ ڪوئي لعل لڪائي ته پو مڃان.

ماشاالله جنگ ۾ وڃن ٿيون سوَ سسيون،
پر ساز تي سسي ڪو وڃائي ته پو مڃان.

چا ٿيو هوا ۾ لغڙ ۽ لغڙيون هلايئي،
ڪوئي هوا تي تخت هلائي ته پو مڃان.

’پيرل‘ چوي ته چله جي وسائين ته باھ چا،
دوزخ جي باھ کي ڪو وسائي ته پو مڃان.
*

مئه ڪپي، ساقي ۽ مئخانو ڪپي،
شمع جي خدمت ۾ پروانو ڪپي.

غم جا گوڙھا تون متان مئه ۾ رلين،
سچ حقيقت ڪو نه افسانو ڪپي.

مئه جو دشمن ڪو نه گھرجي سياڻو پي،
دوست ديواني کي ديوانو ڪپي.

مئه اکين واري ڪان جو نفرت ڪري،
اھڙو عاشق ڪو نه انسانو! ڪپي.

ٿا سڃاڻون ڪو نه ته به سرڪي اچي،
چو نه بيگاني کي بيگانو ڪپي.

جي اچي ساغر اُتي ساقي اگر،
پو نه مسجد مون کي بت خانو ڪپي.

جو ڪنجوسي تو پيارڻ ۾ ڪري،
شوم جو اھڙو نه شڪرانو ڪپي.

زندگي ’پيرل‘ گذارڻ لاءِ بس،
مون کي ڪاشانو ۽ خسخانو ڪپي.

*

باغ ۾ تنھنجو پيرو ٿي ويو،
پوئنرو پوپٽ ڪيرو ٿي ويو.

اجا نه مارو مون وٽ آيا،
مٿڙو منھنجو ميرو ٿي ويو.

ديد اچي جو ديد سان ٽڪري،
دل ۾ اُتي ئي ديرو ٿي ويو.

رات نه آئي اڳ سسئي جو،
گم پبن ۾ پيرو ٿي ويو.

اڙريا زلف ۾ لبڙا مرڪيا،
وصل جو پئدا ويرو تي ويو.

مون تي ڳولهيو سک جو گهرڙو،
غم جو اچانک گهيرو تي ويو.

هٿن سان آندم هيڏو ڪُرڙو،
گهر ۾ پيرو پيرو تي ويو.

’پيرل‘ آيو پرين جو مرڪي،
نينهن جو واهه نبيرو تي ويو.

*

ڪوئل جو ڪوڪاريندي آ،
منهنجي دل کي ڳاريندي آ.

سُڏڪا ناهن توڙي هن کي،
سڏڪي پو پي سنياريندي آ.

پن ۾ تاريون پيئندا آهن،
سلهڙيون جيڪي هاريندي آ.

اوتر طوفان بوندن ۾ پي،
نئڙي راهه نهاريندي آ.

پارٽ پاري باهه جو هرڪو،
پارٽ هي پيو پاريندي آ.

يا تہ خزان يا بوند بهاري،
گهايل پوءِ بہ گذاريندي آ.

ولر وئي جي ورهه ۾ ويهي،
اوڪا سچ اياريندي آ.

پهر هجي پل ’پيرل‘ ڪوئي،
وينئي پو بہ پڪاريندي آ.

*

وقت ۾ جو سرُ ڏئي اُن همه سفر سان سرُ لڳي،
دوستن جي قرب، چاهت ڪس ڪسر سان سرُ لڳي.

اڳ ۾ پاڙي ۾ ڏين ۽ پوءِ ڪائين پاڻ ۾،
منھنجي ير اھڙي غريباڻي گذر سان سرُ لڳي.

شھر پنھنجي سان لڳن ھي دل اڪيون ۽ پير ھٿ،
شھر جو منھنجي سڄڻ جو ان شھر سان سرُ لڳي.

ڪو پين تي بيھي پٽ ڪان ڪڏھن ڏسندو يار آ،
اڳ ۾ ان ديوار سان پو دريءَ در سان سرُ لڳي.

محبتن جا موڙ سؤ ۽ پيار جا سؤ پيچرا،
ڪنھنجو چولين موج سان ڪنھنجو چپر سان سرُ لڳي.

واسطو چا قفس سان چا دلبري صياد سان،
منھنجو بس بيوس پکي جي پٽيل پر سان سرُ لڳي.

ڪھڙي ڪم جو اُس ۾ نڪري چانوَ ۾ پئي ھو سُکي،
جو پيئڻ جي ڪم اچي اھڙي پگھر سان سرُ لڳي.

مينھن جو پاڻي اھو مان ڪئن پيئان مان ڪئن اگھان،
جو وسي اکين منجھان اھڙي ابر سان سرُ لڳي.

حڪم سان نڪ ۾ گھري ويو جيت ھو پر جوان ھو،
مُڄَ ڪري ڪافر چڏي اھڙي مجر سان سرُ لڳي.

ٻيا بہ آھن شھر سوَ پي سي اکين تي يار پر،
مان ئي ھان ’پيرل قنبر‘ منھنجو قنبر سان سرُ لڳي.

*

ڪاٿي تہ ڪوئي ھنج نہ ٿو ھنج ۾ ڪري،
ڪاٿي تہ ڪوئي پوچي ٿو ان ڪاري ذاغ کي.

محبوب واري مرڪ جو ٿي مرتبو رکي،
ڪھڙي مجال آھي محل جي چراغ کي.

گلشن ۾ آھَ منھنجي جيئن ٿي ڪندي پوي،
بيوس ٿو پاڻ باھہ ڏئي باغ باغ کي.

پٿر جو ڪوئي ھيري ۾ پرکا نہ ٿو ڪري،
لقمان جي دوا چا ان ڪندي دماغ کي.

’پيرل‘ ھزار درد ڏئي ھٿ ڪيي وئين،
خود اکيون اشڪبار ٿي ڌوئن ٿيون داغ کي.

*

مون تي نہ ڪر هي رعب نہ آڪڙ نہ دٻدٻو،
آهي وفا جي هٿ ۾ محبت جو معاملو.

پوندس مان چنبڙي تنهنجي زلفن ۾ جهٽ سوا،
سيلاب ٻوڏ يا اچي طوفان زلزلو.

هن قافلي ۾ خون پگهر جو هو پورهيو،
سؤ قافلا ٻہ ڏئي مان مٿايان هي قافلو.

پريون مٿان اُڏامندي ڪنڌ ٿيون چڏي ڏين،
جاري نہ رڪ هي سرخي ڪجل اک جو سلسلو.

سُلجهائي ڪير ، ڪير نبيري ۽ طئي ڪري،
عرشن تي پهتو آ وڃي الفت جو معاملو.

اي موت! مونکي تون اچي پنهنجي ئي قول ڪر،
ناڪام ٿي چڪا ٻيئي حسرت ۽ حوصلو.

باقي تہ منهنجي غربت هر جاءِ آ ڪُليل،
ڍنگهرن ڪنڊن سان بند آ رڳو در جو بس ڳلو.

مان ويسُ جو فقير ڪي لاهي ڏيان ’پيرل‘
شاهي نہ ملھ ٻہ آهي ڪو منهنجي ئي شوق جو.

*

بادِ صبا اُڏام ۽ دلبر ڪٿي ڏي هٽ،
موسم جو ڪر نہ فڪر تون منور ڪٿي ڏي هِٽ.

صياد پٽيا تو جي پرندي جا قفس ۾،
بيوس انهي پکي جا اٿي پر ڪٽي ڏي هِٽ.

ليڪا لکين ٿو يار تون يارن جا واھ واھ،
سپ ساڙيان ٿو ڪاڳر ڪاڳر ڪٽي ڏي هِٽ.

مان ٻڪ جهليان تہ ٻڪ ۾ تون ابرو ۽ زلف وار،
محبوب ماديون آهن يا نر ڪٽي ڏي هِٽ.

هندو آهيان مسلمان، هلي ڪو نہ ٿو سگهان،
مون ڪي تہ ڪائي مسجد، مندر ڪٽي ڏي هِٽ.

عمرِخيام نسل جي مان نسل مان آهيان،
قطرو هي سرڪ چاجي آ ساگر ڪٽي ڏي هِٽ.

تنهنجي هٿن مان جو بہ ملي سوئي بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ،
پارس نہ ٿي تہ دڳ جو ئي پٿر ڪٽي ڏي هِت.

تڪليف ڏيو نہ ساقي ڪي بزمن جا پهريدار!
هان تون صراحي جهل ۽ تون ساغر ڪٽي ڏي هِت.

هي جا بہ ڍرَ ٿي آهي محبت جي مانَ ۾،
ديوار ان جا مونڪي دريون در ڪٽي ڏي هِت.

’پيرل قنبر‘ سان ڪر نہ تڪلف ۽ ڪيس چئو،
اٿ دل منهنجي اي نينهن جا نوڪر ڪٽي ڏي هِت.

*

تو ڏينهن نہ گڏجي گذاريو آ،
مون سال صحن پئي پهاريو آ.

ڪو ڏوهہ نہ تنهنجو پيار ڪري،
مون پاڻ ڪي پاڻ ئي ماريو آ.

جنهن ڏينهن تي وئين تون يار رسي،
مون ڪو نہ ڏيئو گهر ٻاريو آ.

تو گهر ۾ بہ مونکي ياد نہ ڪيو،
مون صحرا ۾ توکي سنڀاريو آ.

هن پنهنجي محفل مان ’پيرل‘
مون ويٺو نہ هڪ بہ اٿاريو آ.

*

دلربا آهي رُٺل چاهي در و ديوار ۾،
بي رخي اڄ ئي ڏٺي مون حُسن جي بازار ۾.

پنهنجي قسمت ان جي قسمت ڪي ڏٺي مان ڳنڍ ڇڏيان،
هاءِ جيڪر اڄ هجي لوح و قلم اختيار ۾.

عشق کي آهي بِقا پر جڳ تہ آ فاني پرين!
لعل ٿو مرڪي اُٿي پو پي مٿيءَ جي بار ۾.

سُر سڄو هن ۾ رکيل ٿوَ، بي سُريون! تانيءَ چيو:
مالهہ ۾ لوٽين ۾ نيسر، ڏينگهہ ۾ ۽ نار ۾.

رات ليلا تي ٻڌايو روئي هر هڪ اشڪ کي،
زندگي ايڏي وڪي مون حيف آ هڪ هار ۾.

دوستو مونکي ڇڏيو بلبل مري گل پي مري،
دفن بلبل کي ڪيان يا گل ڪيان گلزار ۾.

مهہ لقا جو ڪو نہ آيو باهہ لائي مون ڇڏي،
بزم ۾ مئہ ۾ صراحي ساغر و مئخوار ۾.

تون چوين ٿو تي نہ سائل مان بہ آخر چا ڪيان؟
فرق پرور آ رکيو پينار ۾ زردار ۾.

هونئن تہ بس ’پيرل قنبر‘ کو خير ڏياري ڪونہ ٿو،
عيد ڏينهن مان ٿو پنان منَ مرمہ پئي مختار ۾.

*

چا بہ هو شڪرو هيو شهباز هو،
ٿيو پهاڙن تي سندس پرواز هو.

ڏڙ ئي دشمن جا تڏهن تي هيٺ ويا،
جبل جي چوٽيءَ مٿان جانباز هو.

ڪنهن چيو مونکي ڇڏيو مونکي ڇڏيو،
راهہ انڌي رات جو آواز هو.

پيو هيو گرنار جي گهٽين ۾ چا،
ڏڙ هيو سسّي هئي ۽ ساز هو.

سند جا سنڌي مليا جو ياڪرين،
ڪو هيو محمود ڪو اياز هو.

ديس جا سورهيہ هٿا پئي سولجر،
هڪ هيو ممتاز پيو دمساز هو.

جهٽ هٽي مونکي چنبي ۾ ويو ڪٽي،
برهہ جهرڪي هئي نہ آخر باز هو.

ڪين ڪنهن کي مون وجي ايلاز ڪيا،
پنهنجي مڙسي تي ئي مونکي ناز هو.

دل نہ تي شاهہ و گدا کي جو ڏنو،
پوءِ تہ هو محمود پي اياز هو.

دؤر ڏس ڪيئي قِريا 'پيرل قنبر'
هنج ليڪن ڪو نہ ڪاٿهن ڪاز هو.

*

فاني آ تنهنجو درد مان تنهن ڪي بقا رڪان،
مان ئي تہ تنهنجي حوصلي جو ڪو حيا رڪان.

اڌ دل تہ تنهنجي سور ۾ صدمن سان آ پريل،
تقدير ڪٿ لکيو ڪتي، ڪتڙي قضا رڪان.

منهنجي تون هٿ تي آٽي ٿو ٽانڊو پريل رکين،
تنهنجي مان هٿ تي آٽي ٿو دل جي دعا رڪان.

ٿيندو نہ آهي جي ڪتي الفت جو امتحان،
تون رت گهرين ۾ مان وري رنگِ حنا رڪان.

مان ڇا ڪيان بہ نيٺ مسيحا مونکي ڏسيو،
هڪڙو هجي بہ درد تہ ان جي دوا رڪان.

تنهنجي ٿو گهر ۾ آٽي مان تنهنجي ثنا رڪان.
پنهنجي ٿو گهر ۾ آٽي مان پنهنجي گلا رڪان.

هيئن ڪو نہ ٿئي جو تون بہ ڪٿ دل شڪن رهين،
جيڏي ڪرين سخا تہ مان اوڏي صدا رڪان.

'پيرل قنبر' هي دل تي قسم پاڪ چيز آ،
ڇاجي ڪري خراب هي خانۂِ خدا رڪان.

*

خبر ڇا گلڙي گلابي مان خار تي ويندا،
پڪا شڪاري بہ هتڙي شڪار تي ويندا.

اگڙ تي صنم جي تشريف آوري جي رهي،
پورا فراق بہ فصلِ بهار تي ويندا.

ڏنگيو جي وار جي واسينگ ڪو نہ ئي ڪنهنکي،
پٽر جا ڪيڙا بہ سڀ قريدار تي ويندا.

هِيڏي جهان مان هڪ پيي نہ هٿ وانداپو گر،
اُتي بہ گدرا بہ مٺ مٺ جو بار تي ويندا.

رهيو جي پنهنجي صداقت جو سلسلو جاري،
وڙهي ڪڏهن نہ غير يار تي ويندا.

رکيون سي جان ڏيڻ تائين ڪوششون جاري،
گلن جا هار به هيرن جا هار ٿي ويندا.

خبر هي ڪانه لڌم وصل مان جو ايندو ورهُ،
مٽي جي ماسي مان مڻ جا غبار ٿي ويندا.

ويندا ته ڪاڏي به ’پيرل قنبر‘ پڇي غازي،
وطن تان قوم تان هڪ ڏينهن نثار ٿي ويندا.

*

رسامو، وصل، وفا، غم يا بي رخي ٿو گهران،
الائي ڪهڙي قسم جي مان عاشقي ٿو گهران.

مان پنهنجي خون سياهه لئه ۽ جسم پيلي لئه،
گهران ٿو قياس نه احساسِ ڪمتري ٿو گهران.

آهي ڪو سمجهي صدا دلربا جي درشن لئه،
نه گهر جو گهر ٿو گهران، گهر جي هڪ دري ٿو گهران.

اُڏن به حملا به ڪن، قيد به ڪن، معاف به ڪن،
اکين جي باز جي مان اهڙي برتري ٿو گهران.

اسان جي شاعري آهي ته ڏوهه پر اي خدا!
وسائي آڳ جهنم، سا شاعري ٿو گهران.

وطن جي لاءِ وڙهان ٿو، مان زنده هان مرده؟
توکان هي فيصلو اي موت مان مري ٿو گهران.

هتي ڏي پيالو اي ساقي جنت جا مان ڪنهن کان
گهران ٿو ڳوڙها، نه ڪي آب ڪوثري ٿو گهران.

وٺي به پانهن کان ’پيرل‘ ڪو مون کي سمجهائي،
سدو سنئون قهر حسينن سان همسري ٿو گهران.

*

اسان جي ذڪر جدائي کان يار زاري آ،
اسان کي جواني ماٺين جان پنهنجي پياري آ.

ڪرين ٿو اڄ تون مذاقان سيان ڪنداسي اسان،
نه ڪر تون خيال هي پاڇي سڄڻ اڏاري آ.

جني جو نالو هجي برهه، بيوفائي، دغا،
اسان هي شئي نه دوڪانن تي يار ڌاري آ.

تنهنجا ته وار اُڏن، اکيون اُڏن، زلف اُڏن،
اسان هون پيرين پيادا، توکي سواري آ.

هجي ڪو سيرِ سوا، هت برهه مٽن پيرين،
اهو آ بار اٿن جو، اسان ڪان باري آ.

وئي آ خون سمورو به پي جگر، دل جو،
ته پيءِ جدائي نياڳي اجا اُجاري آ.

چٽو تي چنڊ فلڪ تي پلا به بيهي ته ڪيئن،
توکي پيل جو بدن تي پوشاڪ ڪاري آ.

رنگيءَ جا رنگ تون ڏسندو ته رهه ’ قنبر پيرل‘
ڪتي نه وٽ آ ڏيئي ڪي، ڪتي ڏياري آ.

*

اُتو اگهٽ ڪي اُجاريو عجيب اچٽو آ،
اسان جي طبع مطابق طبيب اچٽو آ.

ڪفن جي چوري ۾ توبهه اچي ترميم ڪئي،
نسو ئي راهه ۾ نئين سر نصيب اچٽو آ.

اُهو جو هڪڙو هيو هو امير سو ويو بچي،
غمن جي پيڙهه ۾ هڪ پيو غريب اچٽو آ.

هيو جو گِهرو اهو اي قضا گمنام تي ويو،
اسان جي خط ۾ نه نامِ خطيب اچٽو آ.

قضا پري ڪان تي ايندن ڪي بيٺي ديجاري،
اسان جي در نه رقيب ۽ قريب اچٽو آ.

ڪُدورتن جو جسم پي ته اچ ٿو گل ۾ تري،
صداقتن جي بدن لئه صليب اچٽو آ.

هليو آ چوٽين فلڪ جو به پهريون ڏاڪو ٽپي،
چون ٿا عيسيٰ نبي عنقريب اچٽو آ.

ڏسو ته ڪانگ ڪي اٿ ويهه آهي ڪهڙي لڳي،
نصيب وارو يا ڪو بدنصيب اچٽو آ.

برهه جو باز مان ان کي جهٽي، ڦٽي وڌندس،
هيئنر آ دور تہ آخر قريب اڇٽو آ.

اسانکي پنهنجو تہ ’پيرل قنبر‘ ٿو کو نہ ڏسي،
ڏسي پرائو ٿو اٺ هٽِ رقيب اڇٽو آ.

*

ڇڏ دوا کي ۽ زهر جي ڳالهہ ڪر،
رات کي ڇڏ تون سحر جي ڳالهہ ڪر.

جهڙ ۽ بادل هي اٿئي چا جا ڪنيا،
ڪجل واري تون ڪڪر جي ڳالهہ ڪر.

غير سان ڪر آبِ ڪوثر جو بيان،
مون سان تون پنهنجي پگهر جي ڳالهہ ڪر.

پيار جو پويون پهر فڪرات آ،
پيار جي پهرئين پهر جي ڳالهہ ڪر.

وار اڇا، بدن پيلو، خون سياهہ،
حال هن ۾ همہ سفر جي ڳالهہ ڪر.

اُن پراين تون اکين اُپين کي ڇڏ،
پنهنجي تون نئڙيل نظر جي ڳالهہ ڪر.

بي حيائي جي ڏي سرحد کي ڇڏي،
شرم واري تون شهر جي ڳالهہ ڪر.

محل جو ڳاڙهو ڏي مرمر تون ڇڏي،
قبر واري تون ڪلر جي ڳالهہ ڪر.

مان تہ پختو پڇرو هان ’پيرل قنبر‘،
پکيئڙا تون پنهنجي پر جي ڳالهہ ڪر.

*

دل جي دري ۽ در ترڪيو آ،
زلف جو ڪاٺهن گهر ترڪيو آ.

جهر جهنگ سارو خوشبو خوشبو،
پريءَ جو شايد پر ترڪيو آ.

ڪيت ڏسي وري مارئي ڏسجي،
وني نہ ترڪي ور ترڪيو آ.

عالم جو اج خير گهرو کو،
ڪڙميءَ هٿ مان هر ترڪيو آ.

سانوڻ هن کي آئت ڏي کو،
ڪٽڇيءَ ڪنڌ تي سر ترڪيو آ.

اتو هٿن سان مئڪش! ميڙيو،
ساقيءَ ڪان ساغر ترڪيو آ.

حيف آ مجنونءَ پيرن هيٺان،
بازر نہ هئي بر ترڪيو آ.

گوگو زمان جي نازڪ نهہ تان،
ڪاريهر جو ڪرُ ترڪيو آ.

شايد ويري ديس وٺي تو،
پير منجهان پادر ترڪيو آ.

فرش تان نہ هو ’پيرل‘ ترڪيو،
پاڻ سنگِ مرمر ترڪيو آ.

*

خيال ۾ جن جا خاڪا هوندا،
ساهن پڪ سجاتا هوندا.

پل تئي ڪوئي جهور ڪراڙو،
ڳپرو پو پي ناتا هوندا.

مون مان هاٿي هٿّ ڪيو بس،
عاشق مون لئہ آتا هوندا.

پاڻ تہ ڪڏهين ياد آ، موتي -
پوئي ڪين ڪي پاتا هوندا.

مون کي سد آ، سنڌ کي سنڌي،
پڪ مجيندا ماتا هوندا.

تون ۽ مان ها عمر ادا ڙي!
ٻُٻڙا گڏجي ڏاتا هوندا.

ڏونگر مان جي ڏينيو ڪيندا،
رکندا مُنهن تي ماتا هوندا.

تو پي ’پيرل‘ ڪڏهن ته ڪنهنجا،
گيت گُڻن جا ڳاتا هوندا.

*

اي دل! راهِ الفت ۾، ڪنهن ديوَ جو سايو آ،
نه ڪو پاليو نپايو آ، نه ڪو پنهنجو پرايو آ.

آواز پڙاڏن پي بس ڪو نه ڪيو مون سان،
هي ڪير ڳدا آ جو اڄ رات ۾ آيو آ.

اڪ ان جيءَ جو ڳوڙهو مون چين سان پي چڏيو،
ڪاتي جو خزانو هو مون ڪاتي لڪايو آ.

هن فڪر ۾ سؤَ مونکي غم درد قري آيا،
مان پاپي پراڻو هُس جنهن پيار نپايو آ.

گلڙن جون چڏي واتون ڪنڊن جو مون دڳ ورتو،
مان پاڻ نه پُلٽو هس مونکي برهه پُلايو آ.

ان ڪو نه ’قنبر پيرل‘ ڏي خط يا سنيهو ڪيو،
هي بادِ صبا هئي جنهن پيغام پُجايو آ.

*

اڳ ۾ رکون ته واقفي پنهنجي به وطن جي،
آٽيون پو چپ تي ڳالهه سا گلڙن جي چمن جي.

هڪ سال ۾ ئي لتڙي ٽڪر لاهي وتو تو،
توکي پلا قبر! چا ضرورت هئي ڪفن جي.

مان وَصل ويل شير ببر ڪان به وڌڪ هان،
پارت هُجيوَ وقتِ برهه منهنجي بدن جي.

صياد جلايان مان قفس، چمن جلايان،
بيهڪ اڳين تي ڪاتي تي بلبل جي پرن جي.

تڏهين ته خون پيلو هي ڳاڙهو تي پيو آ،
ساندهه لڳي آ رت ڪي صنم سرخي چپن جي.

ماني ڦٽي ڪري نہ هو منصور اُٿي پئي،
چو ٽا اجايو ڳالهہ ڪيو دار و رسن جي.

تڪڙا نہ ڏيو جبل بر، ترسو تہ بلوچو!
ميندي اجا سُڪي نہ آ سسئيءَ جي هٿن جي.

مونکي خبر چا ڪوثر، زمر زمر ، لعاب جي،
مان واقفي فقط ٿو رکان وهہ جي وٽن جي.

هر هر اچي هو مون سان ٿو 'پيرل قنبر' ملي،
ڪيئن بند مان دري ڪيان دل جي ۽ دهن جي.

*

توکان جدا نگاهہ جو جلوو اداس آ،
ساري بدن جو باخدا چرخو اداس آ.

ليليٰ و قيس ٿي نہ سگهيا اڄ جي دؤر ۾،
اُف عشق شهنشاهہ جو رتبو اداس آ.

اڄ سر ڪٽان اچي جو ڪي سينگار ٿي سگهي،
محلات قلو پطرا جو ڪنگرو اداس آ.

تون پنهنجي منهن ڏسي ڪري آئيني ۾ نہ کل،
مونکان بہ پڇ تہ منهنجو چو چهرو اداس آ؟

آرام زده آهي ڪٽي اکين جو پاڻي،
آبِ حيات جو ڪٽي قطرو اداس آ.

هن پوري خدائيءَ جو پتو پئي تہ ڪونہ ٿو،
جيئرو اداس آ ڪٽي مردو اداس آ.

جو زندگيءَ جي هوندي بہ اُف ڏئي نہ سگهياسي،
اڄ لحد ۾ هو سِرُ ۽ بيو سجدو اداس آ.

جبريل وڃ خدارا تون موسيٰ وٽي تہ اچ،
اڄ ڪوهِ طور جو وري جلوو اداس آ.

پوري بدن جو 'پيرل' دل بادشاهہ آ،
پر ان جو تنهنجي درد ڪان درجو اداس آ.

*

تون ڪڏهن ماندو نہ مفلس بار چڏ،
بر ۾ حاتم جو نہ تنها پيار چڏ.

پاڻ آ ساقي بڻيو عمرِ خيام،
اڄ جي محفل ۾ نه ننيڙو ٻار ڇڏ.

پيو ڪنيون وچ ساڻ تون گهر ۾ سدا،
در جي چانئٺ تي رڳو ديدار ڇڏ.

مان سمهان ۽ سوچ بس تنهنجي هجي،
لڙڪنديِ مون تي نه هيئن تلوار ڇڏ.

فيصلو هاڻي ڪريون هيئن تا مٺا!
سنڌ وٺ يا تون سنڌي سنسار ڇڏ.

سرڻ جي هر دم سجاڳي چا ڪندي،
باز پي ڪنهن وقت تي بيدار ڇڏ.

ٽڙڪندوِ هُو تو اچي پوڙهو پريان،
اٽ اُتي ڏڳ تان ڪٽي هي خار ڇڏ.

اڄ وسي تر ڪي ابر آباد ڪر،
جبل ڇڏ، صحرائون ڇڏ ۽ غار ڇڏ.

دشمنيءَ سان مون نڀائي دوستي،
ڳچي منهنجيءَ ۾ وجهي اڄ هار ڇڏ.

دل مٺئين سان جي ڪرين 'پيرل' دوا،
آ چڱو بيمار ڪي بيمار ڇڏ.

*

شيشي جو آهي چهرو پٿر جو پر بدن آ،
شمعون هزار آهن پوءِ به سجو صحن آ.

مان لاش آهيان محمل تو وٺ ڇڏيون وڃان تو،
مونکي نه هيٺ تي ڏس اڄ هرڪ جو ڪفن آ.

ڪيڏي تِو ڪئي نصيحت پو پي هٿن ۾ هي ڏس،
ساڳي اُها ڪهاڙي ساڳيو اهو ئي ڳن آ.

دروازي تائين پهچي ان ڪي سڏي به کهڙو،
نه ڪو مون ڪي ئي زبان آ نه ڪو در ڪي ئي دهن آ.

هي تو الائي چا چئي، هُو تو الائي چا چئي،
ڪجھ هوڏي تنهنجو ڪن آ، ڪجھ هيڏي تنهنجو ڪن آ.

حاتم کان جي پڇين ٿو حاتم تہ هيئن ئي چوندو،
خيرات کان سوا هي باقي ٻيو ڏوڙ ڌن آ.

’پيرل‘ مڙئي ٿا گھاريون هن گلستان ۾ ورنہ،
کھڙي آ گل جي ضيائي، کھڙو چٽو چمن آ!

*

فريبي اکيان دل قرائي وياسي،
خزاني مان هڪ شئي ڪٿائي وياسي.

اسان پنهنجي دل جي جهوني جهوپڙي جي،
وياسي شمع ٻي وسائي وياسي.

اسان پاڻ کي ڏوهي سنگدل سڏايو،
لقب ان کي ڪوئي نہ لائي وياسي.

اهو تخت طائوس آٽيندو چالئہ،
حياتي ڪندن تي هلائي وياسي.

اڙي برهہ! شل ڪا لڳئي باهہ پڙڪي،
رليا عمر تولئہ رلائي وياسي.

اسان کي مگر آهي الفت نچايو،
اسان نانگ ننهن تي نچائي وياسي.

اي ’پيرل‘ آ هر ڪنهنجي قسمت جي بازي،
جتي سِرُ هو جهڪٽو جهڪائي وياسي.

*

مرڪي ٿي ڪنهنجي قسمت ڪنهنجي قضا ٿي روئي،
ڪنهنجي گلا ٿي مرڪي، ڪنهنجي ثنا ٿي روئي.

چاهي الائي دنيا، دنيا کي يار چا چئون؟
ڪٿ ابتدا ٿي روئي ڪٿ انتها ٿي روئي.

پرچايان بيڪسيءَ کي يا لايان گل غريبي،
هوءَ هت جدا ٿي روئي هي هت جدا ٿي روئي.

جنهن کان ٻه پڇ ته ڪنهنکي ڪوئي سڪون ناهي،
ڪٿڙي اڪيون ٽيون روئن ڪٿڙي ادا تي روئي.

ساگر جا ڏک ۽ سک ۾ ساٿي رهيا ها ساندهه،
مانجهين جي موت تي اڄ موجِ دريا تي روئي.

سائل جي حال تي ڏس سر عام ڪو ڪلي ٿو،
بيمار لا دوا لئہ ڪنڊ ۾ دوا تي روئي.

ڪو ٿو خليل ڳولي، ڪو ٿو حُسين ڳولي،
ڪعبو ٿو ڪٿڙي روئي، ڪٿ ڪربلا تي روئي.

احوال ڪنهن سان دل جو 'پيرل قنبر' ڪو اوريون،
منصف پيو ٿو مرڪي، هتِ ماجرا تي روئي.

*

دلربا ٿي، جاءِ جوڙئين پٿ پٿر ۾، چا ٿيو،
دل ۾ جيڪو جاءِ جوڙي دلربا اهڙو ڪپي.

مرض پل ڪهڙو هجي، صدين جو يا ڪي سال جو،
درد ٿئي دارالشفا نسخئہ دوا اهڙو ڪپي.

واءُ ساڙي سڙهه ڇڏيا ونجهه پي رهيا سي وَير ۾،
هٿن سان ڪشتي هلائي نا خدا اهڙو ڪپي.

خاڪ آ هُو، جو چوان نمرود ڪي يارو! خدا،
جو خدا سڀ جو خدا مون ڪي خدا اهڙو ڪپي.

هو ڪليو مان پي ڪليس تون پي ڪلين چا ٿي پيو،
مرڪ سان مردا ڪلائي ماه لقا اهڙو ڪپي.

سبق راٽي مان پرايو موت مومل جي مهل،
باهه سان پي باهه پڙڪِي بيوفا اهڙو ڪپي.

ڪوپري ماٽهو جي، پاٽي مينهن جو ۽ ٽيون زهر.
درد ڪان اڳ ۾ ملي ابرِ دوا اهڙو ڪپي.

جي لکن تحرير منهنجي وصل جي 'پيرل قنبر'
ڪلڪ، مس اهڙي ڪپي، دستِ قضا اهڙو ڪپي.

*

نقشا وفا جا بي وفا جي گهر ۾ رهجي ويا،
پارس جا جگر راهه جي پٿر ۾ رهجي ويا.

هٿ تي ڪريا، زمين تي ڪريا، قلم تي ڪريا،
باقي رهيا جي اشڪ سي ڪاڳر ۾ رهجي ويا.

آب حيات پي نه سگهيو، پي وئي زمين،
شيشا ٽٽي سي دستِ سڪندر ۾ رهجي ويا.

هاٿي به ڪريون عاشقن جي ڪٿ وڃي تلاش،
بستين جا بادشاهه بحر بر ۾ رهجي ويا.

مان جيئن تہ سپئي نانگ ها اڇلي وڌا مگر،
واسينگ پو بہ چار منهنجي ور ۾ رهجي ويا.

تقدير هي تي گوڙها سڪل منهنجي ڳل جا،
باقي ٿيا پنل اشڪ سي بستر ۾ رهجي ويا.

مان شرم کان نہ ڍُڪُ پي رکيو لب تي هئہ حرام،
ساقي جا چار گوڙها جو ساغر ۾ رهجي ويا.

وچڙيو آ ڪنهن طريقي سان آدم جو هي اولاد،
مسجد ۾ رهجي ويا ڪي مندر ۾ رهجي ويا.

’پيرل‘ سامونڊين جا سفر سُک بہ سور پي،
ساحل تي رهجي ويا، ڪي ساگر ۾ رهجي ويا.

*

پورا تہ يار! پنهنجا ارادا نہ ٿي نہ ٿيا،
مون کان تہ هاءِ پنهنجا پراوا نہ ٿي نہ ٿيا.

عيسيٰ جيان کو دم ۾ ڪري درد جو علاج،
پيدا تہ اهڙا مون کان مسيحا نہ ٿي نہ ٿيا.

جايون هزار جيءَ ۾ انهن ڪي ڏنيون سي پر،
تن کان تہ دل جا در بہ ڪشادا نہ ٿي نہ ٿيا.

ظالم مئا اکين جي ئي آڏو ، تہ پي مون کان،
جهوليءَ ۾ جهلٽا اهڙا جنازا نہ ٿي نہ ٿيا.

پنهنجن جهليو پراون، شام و سحر مگر،
منهنجي پرين کان مون لاءِ پردا نہ ٿي نہ ٿيا.

جي وقت ۾ ٻه ڪنهنجي ته ڪن وهم جو علاج،
لقمان وٽ به پئدا هي نسخا نه ٿي نه ٿيا.

دل ڪي، زبان ڪي، اکين ڪي ۽ هٿن ڪي روزو،
صديون اڳي جان ساڳيا سي روزا نه ٿي نه ٿيا.

’پيرل قنبر‘ ٿا ماٿهو وٺن ساڳ به سستو،
مون ڪان ته سرَ جا ملهه به مهانگا نه ٿي نه ٿيا.

*

نه ئي انتظار ڇڏجو ، نه ئي اعتبار ڇڏجو،
مرندي به پنهنجي پيار جو هڪ يادگار ڇڏجو.

منهنجي اٿوَ وصيعت اٿندي هيءَ عشق وارا!
پارس جا ٽڪر ڇڏجو، ليڪن نه پيار ڇڏجو.

پينو اڳي ته آهي پينو متان رلايو،
ريڙهي جنگهن ڪان رڻ ۾ ڪو تاجدار ڇڏجو.

گمنام ڪري مون کي ڪاٿهن متان به ماريو،
مان عشق آهيان مون کي ڪري آشڪار ڇڏجو.

پيرن ۾ ان اچڻ ڪان اڳ ۾ ڪٽي به وٺجو،
ڳاري نه گلڙو ڇڏجو ڪاري نه خار ڇڏجو.

سيخان، ٻُڪان، وچوڙو، ڳوڙها، قفس، اسيري،
بلبل جي ڪنڌ تي آٽي ايڏو نه بار ڇڏجو.

لوٽي مان لٽ ڪري ۽ لٽ مان ڪري جو لوٽو،
ايڏو نه ڪنهن کي هٿ ۾ ڏئي اختيار ڇڏجو.

ڪو وار زلف وارو ’پيرل قنبر‘ ڏنگي جي،
جيئرو ئي ان کي رکجو ، ماري نه مار ڇڏجو.

*

جڳ ۾ جيئي غريب جا اميد آس تي،
ماٿهو پيو ٿو پلجي ته ماٿهوءَ جي ماس تي!

دل ۾ اُها امنگ، نه سيني ۾ سڪ سچي،
پڳوان جا ڪري ناز داسيءَ تي داس تي.

اڄ باغ ۾ چريا بس پئي باھ تي پرئي،
پونئرا نہ وڃجان پُلجي بہ گلڙن جي واس تي.

هيڏي مهانگ، هيڏو ڪٽنب، هيڏا فرض ڪم،
پيڙو تري بہ ڇا چوي بڪرين جي ڏاس تي.

بي واجبي اها تہ مون ڪان ڪا نہ ٿي پڇي،
ڪنڊن جي پر رکان ڇا گلن جي گلاس تي.

ڪي ٿا ڏسن مقدر ڦيٽن تي، منڊَ تي،
تقدير ڪي ٿا پرکن پٽن جي تاس تي.

انصاف جي نگاھ سان بہ ڏسجي جي دوستو!
ڏاڍو تو حق حقيءَ جو لڳي حق شناس تي.

ڏاڍي ڪي ڪوئي پانهن ڪان پيي ڪو نہ تو جهلي،
رهندو اڃا اُلر آ، اپوجھ ۾ اداس تي.

خنده پيشاني آ سدا مرشد جي پير جي،
مرڪي تو ڪئين مجاور باسين جي باس تي.

*

نيٺ ڇا مان هي ڇا تو ٿئي،
درد هر لادوا تو ٿئي.

توکي حجت ۾ پتر مان هٽان،
منهنجي هٿ ڪي حيا تو ٿئي.

تنهنجي ديدار ۾ پيار ۾،
روز روزو قضا تو ٿئي.

ڪو تہ مئي پيي نٿو مُنهن مَتي،
ڪو تہ جيئري جدا تو ٿئي.

سوچ ڪر ڪجھ صنم عشق جي،
مرض بچڙي بلا تو ٿئي.

ڪنهن ڪسابين ڪو سالين ’پيرل‘
هڪ اشارو عطا تو ٿئي.

*

قدم قدم تي جبر ۽ جفا ڏئي ويو مون کي،
الائي ڪهڙي خطا جي سزا ڏئي ويو مون کي.

ڪنيائين پاڻ فلڪ تک اُڏامندڙ قسمت،
نہ جنھن ۾ ڪوھ جو پنڌ سان فضا ڏئي ويو مون کي.

پٿر جو بت رکي آڏو چيئين تہ سجدو ڪر،
خدائي چاٽي تہ ڪھڙو خدا ڏئي ويو مون کي.

علاج ان ڪيو دل جو اجا بہ دردن سان،
اھا ھئي دل جي دوا جا دوا ڏئي ويو مون کي.

اھو تہ مان ئي ٿو ڄاڻان ۽ منھنجي دل ’پيرل‘،
خبر زماني کي ڪھڙي تہ ڇا ڏئي ويو مون کي.

*

تنھنجو پيارُ مون کان، پرين يار پيارا!
وساريان مگر ھا وساريو نہ ويندو.

رھان غير واقف مان توکان اکين مان ـ
ھي پاڻي حيا وارو ھاريو نہ ويندو.

ڏني مون سدا در تنھنجي نوڪري آ،
اڳڻ مون کان ٻئي جو ٻھاريو نہ ويندو.

سوا تنھنجي مون کان ڏيئو زندگيءَ جو،
وِسايو نہ ويندو ۽ ٻاريو نہ ويندو.

پلي ڪو سچو سُون جو ٿي پوي تہ بہ،
گھڙي ھڪ بہ ٻئي سان گذاريو نہ ويندو.

تون ڪر خاطري بس مرڻ تائين ’پيرل‘،
ڪٽي نيڻ ٻئي ڏي نھاريو نہ ويندو.

*

ٽڪرو بچل نہ بت جو، سورن ۾ آھي ساري،
پوءِ يي ڪري ٿي تنھنجي دل دوست تعبيداري.

جاڪُون چڏي پرين وئين ڪنھن رات جي پھر ۾،
مون سيج ڪاڻ ساري مون شمع ڪا نہ ٻاري.

بلبل پلا تہ پنھنجي ڪيئن جان چڏ بچائي،
ھر موڙ کان ٿو نڪري ڪندو قفس ۾ ماري.

ماضي ڏنئين نہ دل جا اج حال چا هو ڏسندو،
ماضي هو مرڪ لب جي ۽ حال اشڪباري.

تون نبض چا ڏسين ٿو اج دل جي بس طبيبا،
ويسوري، غم وهم ۾ ورتل آهي ويچاري.

پريُن وئي او ’پيرل‘ قنبر سچي پچين جي،
ناهي حواس ڪنهن ۾ ڪو هوش هوشياري.

*

اسان سيني ۾ الم غم نہ ستم رکون ٿا،
جي رکون ٿا تہ قضا ۾ بہ ڪرم رکون ٿا.

تون تہ گهر واري صحن تي بہ ٿو بدنام ڪرين،
اسان بر تر ۾ بہ تنهنجو تہ پرم رکون ٿا.

اُتو هوشيار رهو محل ۽ مومل جا مڪر،
اسان اج ڪاڪ جي سرحد ۾ قدم رکون ٿا.

چو ڏيارين ٿو هي مندر پلا مسجد جا چڪر،
اسان محبت ۾ ڪو مذهب نہ ڌرم رکون ٿا.

هي وساري ويهي ’پيرل‘ متان پرين جي پچر،
اسان طبيعت ڪي ٿڌو دل ڪي گرم رکون ٿا.

*

نظر نظر کي ڏسي هيٺ تي نقاب نہ ڪر،
نگهہ جو پيش تون نَنهن ۾ مٺا جواب نہ ڪر.

خدا جي نظر ۾ ڏاڍو خراب ٿيا هون اڳي،
اسان کي خلق ۾ وڌ ڪي اڃا خراب نہ ڪر.

پيئي نہ توکي خبر نند ۾ چمي زلف چڏيم،
گنهہ ۾ گم تون اسان جو اهو ثواب نہ ڪر.

ترن ٿا ڪاٿي هو اعمال ڏس اکيون تہ پٽي،
اجا هو حشر پري آ اڳي حجاب نہ ڪر.

بدن ۾ باهہ متان ڏڪ سندي ٻري نہ پوي،
اسان کي خشڪ تون اکرن سان اج خطاب نہ ڪر.

پڇئي تہ رهندو اجا آ اسان سان قرب ڪندو،
اسان هون هيٺا تون هيٺن سان من حساب نہ ڪر.

ڪرن جي جهول تي تن ڪي ٿو خاڪ تي ڪيرين،
انهي طرح سان تون ضايع اکين جو آب نہ ڪر.

اڳيئي ساھ تي لت آ، اجا ٿو ساھ ڪيين،
هرويرو بہ ائين پاڻ ڪي نواب نہ ڪر.

ڪڏهن تہ ان ڪي مڪيندس ڦٽن تي ملم ڪري،
لبن جو هيڏي هوڏي تون مٺا لعاب نہ ڪر.

اها ئي سونهن ٿي ساري چمن جي اي 'پيرل'!
ڪنڊن جو تير ۾ زخمي گل گلاب نہ ڪر.
*

محبت وفا سخا ۾ ڪا دل تہ جهٽ گهڙي جهل،
پنهنجو ڏي تاج مونکي منهنجي هي گودڙي جهل.

چوري چني مان آهيان ڪوئي نہ آ ڪو منهنجو،
پٺيان ابي امڙ لئہ منهنجي هي پوتڙي جهل.

محلن ۾ رهڻ وارا ڏي محل مونکي ۽ تون،
منهنجو ڪمبل هي ڪارو ، ڪاري هي ڪونڙي جهل.

هي ڪنڊ مان جهِليان ٿو من يار هٿ ملي پئي،
پائي ڪنن ۾ ڪنُرا هو ڪنڊ تون ڪاپڙي جهل.

ڪچ ۾ اگر ٿي جهلٽا پنهنجا ئي جهل تون ٻچڙا،
ليڪن ڪڪڙ ۽ چورا ڪچ ۾ نہ ڪوڪڙي جهل.

پوتيءَ ڪي هڪ تہ ڪانهي ڪنڊ پي پوري ڪُراڙي!
هٿ ۾ چگيان هي ٿاهي ماني تون موگڙي جهل.

سنگدل سچي تون هٿ ۾ هيڏانهن جهل ڪلاشن ،
هوڏانهن ڪبي تون هٿ ۾ ماٺهو جي ڪوپڙي جهل.

شايد توکي رهڻ لئہ جڏڙي! ڪو جُهگڙو ڪونهي،
مونکي ڏي جنڊ پٺيءَ جو منهنجي هي جهوپڙي جهل.

هي ٻئي اکيون تہ آهن تنهنجي اڳيان او عاشق!
جهل پوري باھ جهڙي يا ڪاري ڪوجهڙي جهل.

مون ڪي ڏني پچائڻ ظالم نہ هن زماني،
سچ تي وٺان مان سيڪي منهنجي هي ٻوتڙي جهل.

گوگي زمان کي هن در ۾ لکي هو ڪاڻو،
هن کي نہ مان ڇڏيندس مون کي نہ جوڳڙي جهل.

واپس متان ڪرين تون آواز عشق جو هاڻ،
سهٽيءَ جي هي ٿي سسڙي تون سير سوڪڙي جهل.

اڄ آ خزان مان ڪرڻو فضل بهار ’پيرل‘
هي ڏڪڙ ساز سرندا سيني سانَ ڏوڪڙي جهل.

*

يا منهنجي دنيا لُٽي ڇڏ يا پرين تون پيار ڏي،
بي جرم باقي نہ ايڏو عشق ۾ آزار ڏي.

تون اگر جي دوست آن اي دوست! رھ تون دوست ٿي،
ٻيو ڀلي دشمن ڪري مونکي سڄو سنسار ڏي.

پيار جا پاوَر سيئي پنهنجي حوالي تو ڪيا،
عشق ۾ هڪڙو تہ ڪو مونکي سڄڻ اختيار ڏي.

قرب هُو ڪهڙو وندبيندو ۽ ڪڇهري ڇا ڪندو!
ڪين کي هٿ سان ڪٽي بيمار کي بيمار ڏي.

ڪندن تي ’پيرل قنبر‘ منهنجا يڪو ڏس پير ٿيا،
هڪ گهڙي لئہ تون مَٽي مون کي گل و گلزار ڏي.

*

هرڪو پٿر ۽ شيشو، جيءَ جا نہ ڪي جيئارا،
الفت جا حرف چند هي ڪنهن ڪان پِنان پيارا!

هيڏان ڏسان ٿو هوڏان ڪنهن کي چوان شرمُ ڪان،
هي عشق، پيار، اذما، اڄ لاءِ ڏيو اُڏارا.

جلدي ڪري خبر ڪر، هيڏي مون ڏي نظر ڪر،
هڪ هٿ ۾ آهي ڪشتي، ٻئي هٿ ۾ هن ڪنارا.

هي آ ستم جي سَرسِي يا جڳ جي ڏاڍ مڙسي،
هٿ چانوَ ۾ بي دردي، هُت اُس ۾ عشق وارا.

’پيرل قنبر‘ ڏتوسي ، صحرا، چمن گهمي هر،
جهرڪيون ڪٿي هون داول، ڪٽ باز ها بڪارا.

*

ڏَکُ ويو پرائي اک جو لڳي منهنجي پيار کي،
مان چمڙا پوش تي ڪٽي گوليان ٻه يار کي.

ڏينهن جو ٻه ڪائي ننڊ نڪي رات جو قرار،
الله مار ڪا وجهي هن انتظار کي.

ڪنڌ ۾ وجهان هي نانگ، اهو نانگ چا ڪندو!
مون وات ۾ آ سُک جهليو زلفن جي وار کي.

ڌهني مان آڳرين جو ڏنو زور ته ٻه ٿيو زور،
مان پانهن ٻيٺي چا ڪري سمجهايان پار کي.

'پيرل' ته وئي وفا هلي هاٽي ڪيان ٻه چا،
مان ٻير وانگي ڌوٽيان چا ٻيرن جي ڏار کي.

*

لڪڻ سان خيرات هي مونکي سچڻ سوري نه ڏي.
چار گوهر جي ڏئين ڪنهن مٿان گهوري نه ڏي.

ڏي ڪٽي ثابت جو ثابت، ڪر نه اُن ۾ قير گهير،
پاڳ ۾ نڪري پتر جي سو پتر پوري نه ڏي.

چا ڏنم چا چا ڏنم وڌ ڪي ڏنم يا گهٽ ڏنم،
خير جو ڪم آ اهوئي تون تڪي توري نه ڏي.

چار ماٿهو گڏ مٿان ٿين غلغلو ٿئي گهر گهٽي،
چنگ هي خاموش نيڪ آ، چنگ هي چوري نه ڏي.

طعنو، مهٽو، ٽوڪ، ڪاوڙ، وات جو يا ويڻ ڪو،
پريرو سڀ هن چڱا مونکي اچي اوري نه ڏي.

جهڙي تهڙي حال سان ئي مان دهي، ڦتڪي، مري،
پاڻ ڌوريندس هي ڌونگر تون مونکي ڌوري نه ڏي.

مان ڪنن ڪان آهيان گهبرو، زور سان ٿورو ته چئه،
درد وارن ڪي دلين جو حال تون هوري نه ڏي.

چو ڪري ڪاوڙ ٿو ايڏي هڪ وفا ۽ ٻيو ادا،
پنهنجي ئي ٿوري ڪٽي ڏي، منهنجي تون ٿوري نه ڏي.

زخم آهي ان کي ٻڌندس مان ڪري پٽي سڄڻ!
زلف ڏي هڪڙو چني تون ماس پيو ڪوري نه ڏي.

پت جهوني جان مان جهريل هان عشق ۾ ’پيرل‘ اڳي،
جيءَ جڏو مون کي جدائي ۾ اجا جهوري نه ڏي.

*
ننهن تي چڪو زمانو آ نانگ سوَ نچائي،
تنهن جي اڳيان جهليو آ اُف جهول تو جهڪائي.

اڄ ڪو ڏياچ آهي ڏيندو جو سرُ سخا ۾،
گرنار ۾ ڪو باقي چوري ڪو چنگ ٻڌائي.

محتاج جو نه ساٿي سنجهو نه ڪو سحر آ،
ڪو ڪو لقب ٿو لائي، ڪو ڪو لقب ٿو لائي.

دنيا نه دنيا وارو ڏِس حال چا ڪيو آ؟
عرشن تي ڪير اُڏري الله کي ٻڌائي.

ڪهڙا تڪين ڪڪڙ ٿو ڪهڙا تڪين ٿو چيلا،
ڪالهوڪو سيڪِ تئي تي سائل ٽڪر پچائي.

ڏس نفس او نياڃا! تولاءِ خير پنندي،
ساري بدن جو آيو هان خُون مان سڪائي.

ڏاڍو ٽڪو بکو هان، حاتم! نه اٽ ڪا جهٽڙي،
پهرن ڪان پو لڏي ٿم تنهنجي قبر پچائي.

مان وصل ويل جبلن صحرا جو هُس به سونهون،
هن لعنتي برهه آ مون کي وڏو ڀُلائي.

مان جوان هس جڏهن جو ايتاچي هئي نه ڪنهن جي،
هڪ هڪل سان وڏا هم انڙا ڪيئي هشائي.

آڪڙ رڳو آ خالي ماٺهو جو حال چاهي،
مولا الائي ڪيئن ٿو ’پيرل‘ پيو هلائي.
*

تون چئين نه دل جهڪايون تون چئين نه سرُ جهڪايون،
آ عشق توکي ٻيهر هڪ ڀيرو آزمايون.

ڏي ڪا سخا سُکن جي دامن جهليون بہ دل سان،
غمَ جا ڪٽي هي ٽاندا جهوليءَ ۾ ڪٽ گهمايون.

مُهلت ڏئي ملڻ جي، واعدا ڪري وصل جا،
هن درد مند دل کي ڪنهن هنر سان هلايون.

بي پردي هو اچي تو ، دل پردي ۾ لڪي ٿي،
هن باز جي چنبي کان بلبل کي ڪئين بچايون.

’پيرل قنبر‘ اسان ڏي هُو جي ڪري اچڻ جي،
سِرُ صحن تي سجايون، دل واٽ تي وڇايون.

*

توکي اي دوست نہ کو ڏوهہ ڏيون ويندا سي،
اسان وڏ گهٽ پنهنجي قسمت کي چيون ويندا سي.

توکي اي دوست! پنهنجي زندگي جو دوست رکي،
باقي دشمن سڄي دنيا کي ڪيون ويندا سي.

توکي اي يار مبارڪ سي مسرت جون گهڙيون،
اسان گهڙيون غمِ فرقت ۾ ڪٽيون ويندا سي.

جيڪي طعنا ٿئي ڏيئٽا ڏي پڇاڙيءَ جو پرين!
اهي ڏيک چار زهر جا بہ پريون ويندا سي.

وٺي توکي نہ بہ جي منهنجي ڪا صورت ’پيرل‘
اسان چهرو رُخ دامن ۾ ڏڪيون ويندا سي.

*

محبت نہ ٿي ڏسي پئي منثار سهٽا ڪوجها،
دل تان چني چڙيان ڪئين دلدار سهٽا ڪوجها.

محبت جي رياستن ۾ سڪ واري سلطنت ۾،
هڪ جهڙا ئي رکن ٿا اختيار سهٽا ڪوجها.

سهٽي جي اک بہ قاتل، ڪوجهي جي اک بہ قاتل،
هڪ ئي طرح جي آهن تلوار سهٽا ڪوجها.

سر تي رکي ڪبو چا سنگدل جو تاج سونو،
آهن اکين تي سڪ جا سالار سهٽا ڪوجها.

’پيرل قنبر‘ ڪبي ڪنهن هڪ جي نہ پنيرائي،
آهن خدا جا خلقيل پئي يار سهٽا ڪوجها.

*

نہ ڪر تون نينهن ۾ نازڪ غصو پنهنجي غلامن سان،
اچين تون پاڻ اچ پيارا! نہ لهندي سڪ سلامن سان.

اچين جنهن وقت پيي تولئہ ڪُليل درٻارُ آ دل جو،
رهيو مطلب مٿا ناهي نہ صبحن سان نہ شامن سان.

تنهنجو هر درد تو دل ۾ ائين دلبر پوي اٽڪي،
جئين تو خار چنبڙي پئي، ڪنهين دلسوز دامن سان.

گلن بدران توتي ڇٽيان سڄڻ مان سون جون مهرون،
اجارين جي اڱڻ منهنجو گهمي قدمن ۽ گامن سان.

خوشيءَ مان ٿي توکي ’پيرل‘ حياتيءَ جون خوشيون بخشيون،
نوازيو تو مگر مون کي عذابن جي انعامن سان.

*

حُسن جا رايا بہ ٿا رکتا پون،
عشق کي ايلاز ٿا ڪرڻا پون.

مان نياڻيندس مرڻ تائين ِ توسان،
ڪوڙ ڪيڏا روز ٿا ڪُٽڻا پون.

وٺ وڃي تون فيصلو فرهاد ڪان،
ڪير ٿا پٿر منجهان ڪيڻا پون.

بي وفا کي با وفا ٻيهر ڪرڻ،
هڪڙي هٿ سان ديوَ ٿا دسڻا پون.

مرڪندو سامهون اچي پيرل ٿو جي،
هتِ پُلي سجدا بہ ٿا پيڇڻا پون.

*

هو زم زم ڇڏيوسين زهر پيي ڇڏيوسين،
اجا ڪو نہ آئين تہ گهر پيي ڇڏيوسين.

ٺُڪر ڪاڻ توڪان سڃيءَ ڪاڻ سُهمان،
غريباڻو هاٽي گذر پيي ڇڏيوسين.

چوي چا ٿو سنعان ڏيئي ڪن تہ ٻڌ تون،
سڄڻ ڪاڻ پالي سُوئر پيو چڏيوسين.

رهي نڪتہ چيني جي منهنجي زبان تي،
مري چاڻ مسجد ممبر پيو چڏيوسين.

گهريم قرب توڪان مليو ڪو نہ سو پيو،
انهي تنگ نظري ڪان ترُ پيو چڏيوسين.

مُئاسي تہ صياد تولئہ نشاني،
پڇاڙي جو پڃري ۾ پر پيو چڏيوسين.

اڪيلو نہ سمجهيئہ مناسب وڃڻ ڪي،
نہ ٿئين همسفر تون سفر پيو چڏيوسين.

ڏسي يار ڪاڪل ڪلهن تي وڇايل،
فلڪ وارو ڪاٽي ڪڪر پيو چڏيوسين.

وڃي نيٺ پارنهن ويا ڪونہ آئين،
ڪري بند ڪمري جو در پيو چڏيوسين.

ڏسي ان ڪي ايندي قتل ڪئي سي ڪاوڙ،
اگهي پنهنجي مُنهن تان پگهر پيو چڏيوسين.

نہ سامهون ٿيو جڏهن ٻڌڻ وارو ڪو پيو،
هو سرُ پيو چڏيوسين ۽ گر پيو چڏيوسين.

پرين پاڻ 'پيرل قنبر' جئين ئي پرتو،
رڙيون، هلُ ، هنگاما، حشر پيو چڏيوسين.

*

چا هلي دنيا جو ٿو سوري قدم چرخو تہ ڏس،
بي رخي بي واجبيءَ جو هر جڳهہ بلوو تہ ڏسُ.

يار جي دامن قدم کي چنبڙيو عاشق آ پيو،
عشق جو عهدو تہ ڏسُ ۽ حُسن جو درجو تہ ڏسُ.

مجنون مسجد ۾ ستو پر رات پر اُبتو ٿنگيل،
ڪنهن طريقي ٿو ڪري سر پر اچي سجدو تہ ڏسُ.

ان جي بدران مان چوان ٿو مان هان قاتل هي نہ آ،
بي وفا سان وقت ۾ روحي منهنجو رستو تہ ڏسُ.

تو ڏسي جي غير ڪوئي مُنهن اگهاڙي تو هلين،
تو ڪري پنهنجن ڪان پر پهريون دفعو پردو ته ڏسُ.

واعده گڏجي ڪياسي ڪوڙ هن ۾ ڪو نہ آ،
هي اجان يت تي لڳل آ پيار جو پرچو ته ڏسُ.

ابر جي هيڏي ڪمان ۾ پنبيڻ جا تيراڳ،
پيو وري هر ديد ۾ هي فوج جو دستو ته ڏسُ.

راضي پاڙي هون اسان هن پيار ۾ 'پيرل قنبر'،
دنيا جو هي خواهه مخوا وچ ۾ اچي خدشو ته ڏسُ.

*

ٿئي قيد نہ ڪو ڪاڏي خرارن جي ڪرن ۾،
انسان پوي ڦاسي تو اکرن جي ذرن ۾.

عاقل جو چوان عشق يا زيب النسا جو زيب،
دل وارا جلي خاڪ ٿيا ديگن جي ترن ۾.

مجنون جيان ڪوئي جي ڪيدي آهه اندر مان،
ٽاندن تي چمي برف لڳي باهه برن ۾.

سي تاج محل جي بہ تّجلي ڪي ڪندا چا!
جن ديد رسائي وجي دلبر جي درن ۾.

الفت جي عمر ساري گهٽا ڏنگ جهلياسي،
وجهبا نہ هاٿي يار ڪڏهن نانگ ورن ۾.

اڄ تائين وفا ڪئي سي ڪريون هاڻ جفا چا!
هٿ ڪهڙا وجهون گلڙا چڏي سُڪن سَرن ۾.

اڄ پيار ۾ الفت ۽ عدل آهه 'پيرل' ڪٿ،
غم ۾ اسان غلطان ۽ گدگد هو گهرن ۾.

*

جيئرو آهيان جدائي ۾، مثل وصال هان،
انصاف آهيان ڪهڙو، مان ڪهڙو ڪمال هان.

منهنجو عقل تہ ظلم ستم جي ٿيو زيرپا،
ڪالهوڪو آهيان هوش مان اڄ جو حوال هان.

پٿر، پتر بہ جيڪي پچن مون ڪي تا لڳن،
انسان آهيان يار مان ڪهڙو دجال هان.

پڇ ڪين حوصلي ڪان هُو چوندو حيات هان،
الفاظ عشق ڪان پڇو مان انتقال هان.

لوح و قلم تي چا لکي اي ڪاتبو ڪندوُ،
ڪهڙو آهيان رڪارڊ مان ڪهڙو مثال هان.

ڦاٽس ٻنيءَ مان نڪري جو ڏاندن جي پير ۾،
ڪلهه هُس سلو مان پيار جو اڄ مان پلال هان.

ڪو سَنڌُ سُڪل ئي آهيان ’پيرل‘ گدا فقير،
چيتي جي آهيان ياڄ نہ هرڻن جو بال هان.

*

سفر سفر سو ڪٽي جو ڪي همسفر نہ رهيو،
بدن ۾ جان تہ رهي پر دل و جگر نہ رهيو.

رهيا تہ پهر سوين پتل، جست، ٽامي جا،
اسان جو سون وارو پر سڄڻ پهر نہ رهيو.

چڙهي بہ ايندو هو ڪولي بہ وار بيهندو هو،
ڪلهي تي، ڪوٺي تي اڄ سو ڪڪر، قمر نہ رهيو.

اکيون بہ چار ڪيون مون ڏسڻ ۾ هردو طرف،
رهيون سي راهان بہ سوَ ليڪ رهہ گذر نہ رهيو.

ائين تہ شينهن پنيءَ تي بہ عشق سواريون ڪيون،
سندس جو دوش چنگيزي تي اف اثر نہ رهيو.

جڏهن سدو تي سُتس مان پرين قبر جي اندر،
ڪوئي نہ ساٿ رهيو ۽ ڪوئي ثمر نہ رهيو.

جتي هو پگهر بہ آبِ حيات بت شيشو،
اسان جو چو پلا ان گذر تان گذر نہ رهيو.

ايئن تہ محمود آڏو بہ معتبر ڪي رهيا،
مگر اڳيان ڪو محبت جي معتبر نہ رهيو.

اجا تہ پورهئي جو مونکي آ ڪو اُجرتہ مليو،
پيشاني وئي سُڪي منهن تي ذرو پگهر نہ رهيو.

هتي ستارا بہ چنڊ سان وجي رهيا ’پيرل‘
اسان جي رات حجر جو اجا سحر نہ رهيو.

*

اسان جو ساڳيو ئي شايد صنم صنم نہ رهيو.
انهي جو اڳڻ اسان جي ڪڏهن قدم نہ رهيو.

جواب هڪڙو نہ منهنجي ئي خط جو مونکي مليو،
چوي ٿو ڪير تہ هن وٽ پنو قلم نہ رهيو.

ڪڏهن تہ جهڙ ۾ بہ ان جو قدم ٿي ِ جرڪيو مگر،
اسان جو عشق سو افسوس اڄ اَتم نہ رهيو.

ڪري مون عشق وري بت سمورو ڳولي ڏٺم،
بدن ۽ دل تہ رهي دين ۽ ڌرم نہ رهيو.

چاهي هو چور ڪي دل ڏي اسانجو ڪهڙو ڪم!
پرائي ڪم سان بہ پنهنجو تہ ڪوئي ڪم نہ رهيو.

رهيو درياه ۽ ان جون رهيون رُليون سيران،
رهيو ميهار نہ سهڻي ڏکن جو ڏم نہ رهيو.

رهيو هو جاچ تہ ، ابليس پي تہ سجدن ۾،
ڪڏهن هو سجدي ۾ افسوس پُر ستم نہ رهيو.

الائي ڪاڏي اڏي ويو اسانِ جي الفت جو،
برن جي خاڪ بہ جاچيم اُتي پرم نہ رهيو.

سرن تي تاج پي ڪياسين قدم ۾ تخت بہ ٿيا،
پو پي تہ خاڪ جي بت جو ڪوئي پرم نہ رهيو.

اهو تہ سوَ دفعا مون سان تپيو، چڙيو ليڪن،
اسان جي طبع جو ذرڙو ڪڏهن گرم نہ رهيو.

سڄڻ سان منٿ ملائي ها ڪو غضب تہ ڏسو،
ڪڏهن بہ يار مقدر ڪي ڪو مرم نہ رهيو.

ڪڏهن نہ ساٿ ڇڏي ويو اسان جو هو ’پيرل‘
ايندو هو ڳِهلبو گهر گهر اهو بہ غم نہ رهيو.

*

بي واجبي جا بند سيئي تون بيان ڪر،
قابو ڪلهن ۾ پنهنجي تون تير و ڪمان ڪر.

مرڪي اُتي اوطاق مان، مرڪي اچي اوطاق،
مهمان سڀ لئہ پيدا اهي ميزبان ڪر.

اگ ۾ تہ پنهنجي رب ڪي تون راضي تہ ڪر بندا!
پوءِ پلي هٿن تي ڪٽي آسمان ڪر.

چا ٿو وتين ڪندو تون هي جهيڙا فساد رنگ،
ڪرٽو تي جو جهان ۾ سوئي جوان ڪر.

پنهنجو جهڳو تون بعد ۾ ٻاهج پلي مگر،
پنهنجي ڪان اڳ ۾ بي جو اُتي آستان ڪر.

اڄ تي ڏئي بہ دل ۽ سياٽي تي ڏئين دغا،
ٿورو نہ مون تي منٿ جو هي مهربان ڪر.

رهزن اچن ٿا سامهون اکيون تہ پٽ غريب،
اُٺ غار ، چُر ۾ گمہ هي پنهنجونہ ڪاروان ڪر.

’پيرل‘ تون پاس پو پلي پيا امتحان ڪجان،
اڳ ۾ تہ پاس الف ـ ب جو امتحان ڪر.

*

راضي صدا لحاظ ڪان سائل ڪرين ها جيڪر،
مهمان ها سي مرڪي محفل ڪرين ها جيڪر.

هڪ ڏينهن ۾ بہ تنهنجي پهچڻ سندو نہ پنڌ هو،
هڪڙي تہ وچ تي مون وٽ منزل ڪرين ها جيڪر.

سامهون ڏنئي تہ ڪنهنجي ڪشتي اچي تي لڏندي،
ٻانهن ۾ سير، موجان ساحل ڪرين ها جيڪر.

مرندي بہ تنهنجي سرَ تي سرَ جون ڪيان ها چاوان،
مون کي انهي بہ قرب جي قابل ڪرين ها جيڪر.

سوَ ڪوهہ پنڌڙو ساري هڪ منٿ لاءِ مقدر،
مونکي بہ شوق فرض ۾ شامل ڪرين ها جيڪر.

هنڌ واري موت ڪان مان بدنام تي مران ها،
مان ديگ ۾ جلان ها عاقل ڪرين ها جيڪر.

دل پي ڪري ڏيون پنهنجي پل پل سهون جفا پي،
هن دل جي بس ڏيڻ ڪان بيدل ڪرين ها جيڪر.

تيتر نہ تون ها مارين جيتر ڏسان ها جاني،
هي قرب هڪڙو مون تي قاتل ڪرين ها جيڪر.

پل پوري دنيا مالڪ سنگدل پٿر ڪرين ها،
منهنجو رڳو نہ پيارو سنگدل ڪرين ها جيڪر.

’پيرل‘ کي پنهنجي مُنهن تون چا پي اکر چوين ها،
ان کي نہ لوڪ اڳيان جاهل ڪرين ها جيڪر.

*

ڳاڙهو هو يا کي پيلو،
حاضر خدمت خون ٿئي.

زنده منجهان جنهن مرده بنايو،
نينهن جو پهريون نون ٿئي.

سر هو زمين ڏي پير فلڪ ڏي،
مجنونءَ جو مضمون ٿئي.

سُرت ڪجان ڪجهه عشق سڙئي جي،
سمنڊ هي گونان گون ٿئي.

ان کي جلايئہ پو بہ هي جيئڙو،
مشڪور ۽ ممنون ٿئي.

ڪاڻان ڳوليان پاٽي چوليان،
سير ۾ اچليو سُڪون ٿئي.

’پيرل‘ قنبر سان ڪلهہ هئين گهمندو،
محب سو اج مدفون ٿئي.

*

+ (استاد پيرل قنبر جي زندگيءَ جون آخري سٽون)

جهاتي تو نہ پاتي
دل شڪنو در سير آ.

توسان ڪهڙي حُج هلان مان،
پاءُ نہ ٿيندو سيرُ آ.

مون ڏي ايندي چاڪان پلا هي،
تنهنجو پٽون ٿيو پير آ.

سهٽي سسئي جو بٽيو دشمن،
هڪڙو گهير ٻيو ڏير آ.

خوشيءَ جي بدلي درد ڏنو جنهن،
دنيا ۾ سوئي دلير آ.

’پيرل‘ قنبر چئي ڪنهن ته لتو پي،
ٻير هيئان ير ٻير آ.

*

ڪيڏو بچائي برهه کان دل جسم بچايان،
بس باهه جي ٿو ڇر تي وينو پاڻ پچايان.

ڪئين شوخ ستمگر جي ٻه زلفن کي چمان مان،
ڪئين چپ اداس جبل جي چوٽيءَ تي پڇايان.

هوڪا ڏنم ته دل ڪوئي وئندو نه ورتي ڪنهن،
جا شئي ڪپي ئي ڪاڏ ٿي سان ڪئين چئه ڪپايان!

من قبر ۾ سي بدلجي ڪوثر جا تين جام،
ڏي اشڪ لاش جي مان وجي چپن کي لايان.

هو شڪر شڪن تي لڳا وينا هيا ڏينيُو،
مان ڪيئن پنيءَ اگهاڙو ٿو انهن سان اُچايان.

ميدان ۾ ته مان ڪٽي هڪ مارُ ٻه ناهيان،
گهر تيسُ مارخان پلا ڪيئن ٿو سڏايان.

منهنجي ته لاءِ ڏاڍي مصيبت وئي ٻڌجي،
پنج نانگ ڪيڏي هي ور مان وري ڏهه ٿو لڪايان.

’پيرل‘ مان حسن آهيان، اڇن ٽا جي انهن کي،
پرون جا باز، نانگ، بلائون ٿو بچايان.

*

ڏنو سامهون سجڻ جي ئي جهڪائي دل ۽ جان رکبي،
اکين پنهنجن ۾ کهڙي شرم کان تير و ڪمان رکبي.

پتو پوءِ ته سائين ماکي ۽ مصري سندو پوندو،
زبان ان جي مٿان جڏهين ڪٽي پنهنجي زبان رکبي.

اِکيون ايڏيون ڪريل ناهن نه ديدان واهيات آهن،
اُتي غِلمان جي چهرن ۾ نظر جو بد گمان رکبي.

رهيو جي همسفر ڪوئي نہ پنهنجو آ حياتيءَ ۾،
حياتي پنهنجي ڇڏ ڪهڙي حياتِ جاودان رکبي.

رکي ٻي ها هوائن ۾ در و ديوار ڇا رکبا،
دريا جي موج تي ڪهڙي ڀلا موجِ مڪان رکبي.

فلڪ بجلي اڇا ڪيري اسان ٻي ڪو نہ مڙنداسي،
اُتي صياد جي گهر ۾ هي برقِ آشيان رکبي.

تڏهن ٿيندا هي فاتح ۽ فڪر و ايثار ۾ جڏهين،
زمين جي راهہ هر هڪ لئہ نگاهہ آسمان رکبي.

بکيو ناهي ڪو ڪاڏي جو ، بکيو هرڪو ئي آ سڪ جو،
توسان لالچ ڇا ماني جي اڙي او ميزبان رکبي.

ڏُنم ان کي جو ’پيرل‘ فرق رکبو غم نہ خوشين جو،
اُتي هڪ اک جوان رکبي ۽ ٻي اشڪِ روان رکبي.

*

سيهو ڪن يا سُون ڪن، جانب جون سڀ ٿي جهاتيون،
عشق وارن ڪان پڇين ٿو ڇا زور آور ذاتيون.

هي اٿئي مون وٽ شيون جنهن کي الم، غم درد ڏئين،
جسم، جان، جيرو، ڦڦڙ، سينو، جگر، دل، ڇاتيون.

مان روئان ٿو اي ڪڪرا! تون ٻي ڀڃي اچ پاءُ ٿي،
ٻن طريقن جون وسن اڄ تي جيئن برساتيون.

بات مون سان من ڪندو اڄ مان وڃان ٿو باغ ۾،
بند ڪرائي ٿو اچان بلبل جون اڄ سي باتيون.

غم ڏسي مون تي ۽ مون کي شمع ڏيئي وئي جواب،
پيدا هي پنبڻ ڪيا پسندي اسر پرڀاتيون.

ديس لئہ، مسڪين لئہ، زن لئہ، زمين لئہ، دوست لئہ،
ڪنڌ ايڏا ڪو نہ آهن جيڏيون بہ هن ڪاتيون.

قيس نہ رو، وامق نہ رو، ليلا نہ رو، عذرا نہ رو،
ڪنهن مرادان ڪين ڪي من جي مطابق پاتيون.

آ قدر مون کي تڏهن پنهنجي تہ اڪڙين جو ’پيرل‘،
مان ئي ننيڙين مان وڏيون ڪيون مان ئي پاليون تاتيون.

*

ڏڪڙا ڏنا تي ڪاتي، ڏڪڙا اجان ڏيون وڃ،
هان هي تي خاڪ دل جي مٺ ۾ ڪيون ڪنيون وڃ.

قانون اُبتي سان ئي مون کي تون بي وفا سڏ،
بس ڪنڌڙي هڪڙي چاهي چپي چپي چيون وڃ.

سنگدل،صياد، قاتل، مغرور، شوخ، ظالم،
ناتو توسان نيايم پيرين مون کي پيون وڃ.

تنهنجي ته اڪ يا هٿ، دل روڪي به ڪير سگهندو،
پٽڙي هجر جا ڏک تون هن هيانوَ ۾ هنيون وڃ.

پيرل جو لاش سوري پلنگن تان رک پٽر تي،
ڪُنلن سان من پچاڙي هي قرب پي ڪيون وڃ.

*

اک چِاڪولين سپ اشارا، هي متان تون ڪم ڪرين،
اڌ ڪُنا ٿين عشق وارا، هي متان تون ڪم ڪرين.

پنهنجي سرحد کان به پريون توڏي ايندين پنڌ ڪري،
زلف ڏين پنهنجا اُڌارا، هي متان تون ڪم ڪرين.

وار ڪوليندي متان تون وار کو ڪيري وجهين،
ڪاهي ايندا نانگ ڪارا، هي متان تون ڪم ڪرين.

باھ کان بي خوف ٿي تون آھ کا اچلين متان،
فلڪ تي سڙندا ستارا، هي متان تون ڪم ڪرين.

باغ ۾ پيرل چوي محبوب تون مرڪين متان،
گل، ڪليون، لڳندا ڪسارا، هي متان تون ڪم ڪرين.

*

ڪيان تو گفتگو ان سان، اُڏي بيان نه وڃي،
اڙي او موت! منهنجو ساھ هي اجان نه وڃي.

سدائين سچ مان چوان سچ چوڻ آ سرويچي،
وڃي هي ڪٽجي بدن ڪٽجي پر زبان نه وڃي.

بغير سر جي ڏيڻ دين جا بچي سگهندو،
چئو ٿا ڪربلا ڏي ڪيئن هي ڪاروان نه وڃي.

مناسبي نہ آ صياد تنهنجي حدِ ستم،
پکي جو پرُ ئي وڃي ان جو آشيان نہ وڃي.

اٿو ڏسو تہ هو عاشق بيٺو نماز ۾ آ،
جهليوس ان جو هي محبوب ان اڳيان نہ وڃي.

هلو تہ جلد هلون يار ڪاهي منزل ڏي،
اسانجو رڻ ۾ ٿي رهزن ڪو پاسبان نہ وڃي.

هو اشڪبار وڃي پرچشم ۽ غم ۾ وڃي،
پوئنر ۽ گل اڳيان ڪلندي مگر خزان نہ وڃي.

انهي ڪري ٿو مان لوح قلم تي پاڻ لڪان،
دلين جو راز جئين رڻ ۾ رائگان نہ وڃي.

وڃي تہ پلجان وڃي سمنڊ، صحرا، دريا ڏي،
اسان جو ڪاڪ جي پر ڏگ تي ڪاروان نہ وڃي.

اڏين تہ خيال سان طوفان اڏجان جڳ تي جيئن،
اڏامي مسجد و مندر جهڙو مڪان نہ وڃي.

وڃن بہ محل مان پيرل هو نامهربان پر،
اسان جي مَنهَہ مان ليڪن ڪو مهربان نہ وڃي.

*

پوري تہ مون سان ڪاڏ هُو گهاري گهڙي ويو،
پاڇو منجهند ڪان اڳ ۾ ڪاڏي لڙي ويو.

ڏاڍي ڪچي جان منٿ ۾ ناتو ڇني ويو،
اک جو ائين بہ گوڙهو نہ تڪڙو ڳڙي ويو.

تقدير جو هو تہ يا مقدر جو پھ هيو،
ڪو ڏوَ تي ويو ڪلي ڪو ڏوَ تي رڙي ويو.

پرچڻ رسڻ جو راهہ ۾ واهِ جو نتيجو ٿيو،
ڪنهنکي ٿي پت جي چانوَ ڪو اُس ۾ سڙي ويو.

مونکي ڏنائين اشڪ کنئين پاڻ ڪلَ ’پيرل‘
الفت ۾ هُو ڪري مون سان اٽڪل اڙي ويو.

*

سڙي جدائي ڪي اڳ ۾ ڪٽي جدا تہ ڪيان،
تہ پوءِ تنهنجي مٿان سر سچڻ فدا تہ ڪيان.

گذر تي عمر طبيبن کي نبض ڏيکاري،
مريض تي مان مسيحا جي اڄ دوا نہ ڪيان.

وڏي پئي رنگ جئين هر طرح سان محفل جو،
ڪٿي نہ غلطي ۽ تعريف ڪٿ گلا نہ ڪيان.

چڱائي تنهنجي ڪان ايڏو رهان بہ منڪر چو؟
نہ لاهي ٿورو سگهان جي تہ مان دعا نہ ڪيان.

اڇي ٿو اڱڻ هو 'پيرل قنبر' مان وينو هان،
مان پنهنجو هوش ۽ ڪا ڳڻ ۽ ڪجهہ حيا نہ ڪيان.

*

نہ ڪڻ اکيون مان ادا ڪي قضا چئي نہ وڃهان،
دوا ڪي زهر، زهر ڪي دوا چئي نہ وڃهان.

بغير پردي نہ مستن جي آ تون محفل ۾،
مٿي جي بت ڪي مبادا خدا چئي نہ وڃهان.

نہ خوش طبع ٿي مٺا ڏي هجر جا تون ڏڙڪا،
اوهان جي دلبري ڪي مان دغا چئي نہ وڃهان.

ستم نہ ڪر تون اکين جو اکين ڪي سينگاري،
ڪجل جي ريهہ ڪي ڪربو بلا چئي نہ وڃهان.

سڪاءِ ڪين ڪي 'پيرل قنبر' کي تون سڪ ۾،
خدا نہ خواسط سڪ کي سزا چئي نہ وڃهان.

*

توکي چئہ پيار وارا پيار ڪهڙو وٽندو آ؟
پلا آزار ۾ آزار ڪهڙو وٽندو آ؟

ڳچي جو سينڌ جو رخسار جو هٿن لب جو،
توکي سينگار ۾ سينگار ڪهڙو وٽندو آ؟

زبان، پيار محبت جي مقصدن ۾ چئہ،
توکي اقرار يا انڪار ڪهڙو وٽندو آ؟

برهہ جو پيار، جفا ديد جو اميدن جو،
توکي بيمار ۾ بيمار ڪهڙو وٽندو آ؟

چمن مان گل پٽي مونکي مخاطب ٿي چيئين،
'توکي خارن مان پلا خار ڪهڙو وٽندو آ؟'

کلهن جو سر جو هٿن جو پٽن جو چيلهه جو ڀا،
توکي بارن مان ڀلا بار ڪهڙو وٽندو آ؟

چوٽي جو سينڌ جو رخسار جو يا زلفن جو،
توکي وارن ۾ وري وار ڪهڙو وٽندو آ؟

دريءَ در جو ڪوٺي ديد عيد آڳر جو،
توکي ديدار ۾ ديدار ڪهڙو وٽندو آ؟

صراحي ساغر و مئي جو اکين جو محبت جو،
توکي مئخوار ۾ مئخوار ڪهڙو وٽندو آ؟

رڪان سيئي ٿو شيون ٿو اڳيائون ۽ توکي
وفا دغا جفا واپار ڪهڙو وٽندو آ؟

زمين جو چنڊ جو گلشن جو شهر جو پيرل،
توکي سنسار ۾ سنسار ڪهڙو وٽندو آ؟

*

چا جو لڳو فلڪ تي فرشتن جو شور آ،
شايد يتيم ڪنهن جو ڪفن آ نہ گور آ.

اُت دوربين تون ڪٽي جبلن تي وڃ چڙهي،
ڏس دؤر آ وفا جو يا دوکن جو دؤر آ.

ان کي چيمہ، او چور! چا ڪڄ ۾ لڪايو ٿي،
ڊڄندي اٿي چيائين، هي ماني جو ڀور آ.

ٿو ظلم هو ڪري پيو مفلس غريب تي،
انسان آهي يا ڪوئي حيوان ڍور آ.

ڪهڙو شَجر جي هيئان بہ ويهي ڪو حال اوريون،
هت دل ۾ گهاوَ آ تہ هتي وٽ ۾ پور آ.

تون زور چا هلائيندي مسڪين ڏس هتي،
جو زور ۾ آ زور سو ظالم جو زور آ.

بي مهل هل هنگامو حُسن جو ويو لڳي،
شايد ئي ڏگ ۾ پڪڙيو ڪو دلين جو چور آ.

’پيرل‘ نہ ان جي دل کي ئي پرکي سگهيس صحي،
پٿر آ هيرو لال آ، شيشو بلور آ.
*

سج تو قري تہ ترُ تو تنهنجو ترورو ڪري،
آئينو شرم ڪان نہ تو ڪو اولڙو ڪري.

مون ڪي سُجھي ئي ڪو نہ تو دنيا اندر اُھو،
جو بند عشق حسن جو ھت سلسلو ڪري.

مان مس اجا تہ دل جي ھي ديوار آھي جوڙي،
زلفن ڪي چنبڊي پيدا چو تو زلزلو ڪري.

ميلاپ ھجي اگر تہ منھن ڏئي وجي ماڻھو،
بند ڪير ھن فراق جو چئہ فلسفو ڪري.

آھي ڪو مرد غازي يا ڪو آھي جوان جو،
مان بند آھيان بي خطا منهنجو بلو ڪري.

گرنار شھر ۾ اچي ڏاريو تو دم ھٽي،
گرنار وارو جوڳي نتو غلغلو ڪري.

جھوڪر جي دڙي مان تو نهي ڪارو نارو واھ،
واسينگ نانگ تورو تو جي ولولو ڪري.

وٺ سِٺ وصل فراق ۾ 'پيرل' ڏسان تو مان،
مون ڪِي ڪٿي مستانو نہ ھي مسئلو ڪري.

*

جدا شل نہ ٿئين تون جدا ڪرڻ وارا،
مون ڪي سڪ ۾ حاصل سزا ڪرڻ وارا.

سدا خوش رھين تون جفا ڪرڻ وارا،
مون ڪي رنج الفت عطا ڪرڻ وارا.

اُھي قرب جا ڪيئن بندا ٿي تہ سگھندا،
نمازون وفا جون قضا ڪرڻ وارا.

اچان ڪاٿئون ڳولھي پلا درد دل لئہ،
دعا ڪرڻ وارا، دوا ڪرڻ وارا.

محبت ۾ جيڪا آ خطا تہ اھڙيون،
ڪنداسون خطائون خطا ڪرڻ وارا.

لائي نينهن سي نيڻ ٿي پيا پشيمان،
ڪٿن ڪنڌ مٿي ڪئين خطا ڪرڻ وارا.

ڏني سي زماني جي آخر پلائي،
ويا بي وفا تي وفا ڪرڻ وارا.

پلا پيو غريبن ڪان چئه چا تي سگهندو،
دعائون ڪندا پيا دعا ڪرڻ وارا.

چوان ڪنهن کي ’پيرل‘اهي سڀ هليا ويا،
منهنجي حالِ غم تي حيا ڪرڻ وارا.

محبت ۾ ڪڏهين نه ڪڏهين اي ’پيرل‘
ڪندا انتها ابتدا ڪرڻ وارا.

*

تو ته اختيار وجي بي رخي جو رستو ڪيو،
اسان سرَ کي توئي سنگدل جي اڳيان سستو ڪيو.

نا ڪيو داد فلڪ ۽ نڪو حاڪم ئي حَساسُ،
اسان چو آهَ ۽ فرياد کي بي عزتو ڪيو.

ها ستارن اکيون مَليون چند اُتي چرڪ پريو،
ڪيڏو هڪ قطري لئه اي بت! تو اُتي بلوو ڪيو.

توڙي لڙڪيا ئي رهياسي رَسن ۾ رات سڄي،
اسان سر پر به اتي عشق توکي سجدو ڪيو.

جان ته هڪ جهت به تون ’پيرل‘ ڪان بي حجاب نه هئين،
تو ته اڄ تنهن ڪان پرين انئي پهر پردو ڪيو.

*

ياد هي دل جو وري عشق جو افسانو ڪيو،
پڇي ويل پاڻ کي بيهر وري پروانو ڪيو.

اُن ته هوشيار اڳيان پاڻ کي هوشيار ڪيو،
مان ته ديواني اڳيان پاڻ کي ديوانو ڪيو.

تون ڏسي وائسي مسجد چڏي مندر تو وئين،
مان ته پُلجي هي صنم خاني کي بتخانو ڪيو.

مان جو مهمان تي ويس اُن جي عزت خاطر،
ڪکڙا ڪاشانو ڪيم خاڪ کي خسخانو ڪيو.

ڪو نه ساقي جو چڏيو مون کي وچڻ محفل ۾،
اشڪ شراب ڪيم لبن کي پئمانو ڪيو.

دانهن 'پيرل' نہ ڪيم ڪو نہ مگر داد تيو،
مان اجايو پنهنجي بيتابي کي بيمانو ڪيو.

*

دلِ ناشاد کي اڄ يار جو آغوش مليو،
گويا مرده کي وري زندگي جو هوش مليو.

نگاهہ يار هو اڄ ڇا نہ ڪم ڪري ويئي،
مليو موسيٰ بہ مگر طُور تي بيهوش مليو.

ويو تي زاهد تي عشق جو بہ آهي اثر،
جو هو ڪعبي جو نگهبان سو بت فروش مليو.

رندن تي رنگ ڄمائي اهڙو چڙهيئي ساقي!
نہ ڪو هوشيار مليو بزم ئي مدهوش مليو.

ڏٺم بازار مصر ۾ ڏٺم تہ ڇا 'پيرل!'
حسن سر باز مليو عشق سرفروش مليو.

*

وقت آيو تہ اسان باز بڻي اڏنداسي،
سيني سان سنڌ جو نقشو بہ ڪڻي اڏنداسي.

غير جي اکين لئہ ٿينداسي دز، غبار، رئي،
اسان هر اک لئہ بڻي ڪجل ڪٽي، اڏنداسي.

عظمتي اکر پُڏي ڇَٽُن ۽ ڇيهن بہ ڇيو،
ڳالهہ هن وادي ۾ سڀ کي آ وٺي، اڏنداسي.

اُهي مظلوم نتڙڪا ڻا رلن راهن ۾،
ڪنيون هر ڏڻ سان اسان ڏڻ جو ڏٽي، اڏنداسي.

لفظ لاتقنطو پنهنجا پرَ 'قنبر پيرل'
نعرو هر قدم تي هوشوءَ جان هٽي، اڏنداسي.

*

محب کي مون وٽ رات پئي آ.
بادل بن برسات پئي آ.

آيو پرين آ پڇڻ جي خاطر،
سوچ ۾ چو سڪرات پئي آ؟

پيرن کان ٿيان پهڻ خطا جا،
پاسي کان عرفات پئي آ.

پاڻ ۾ آهيون سڀ جو پائر،
ذات پٽيان چو ذات پئي آ؟

خود اُن کي پرديس اماڻي،
ڦاهي ۾ فڪرات پئي آ.

تڪڙ لڳي ٿي چالڻ وڃڻ جي،
ترس اجا اڌ رات پئي آ.

سهڻي جي ڏس سسڙي جاچي،
سيرَ ۾ چا سوغات پئي آ.

ڪوڪ ڪئي جو ڪوئل ’پيرل‘
وائي وصل جي وات پئي آ.

*

ڏک ويو پرائي اک جو لڳي منهنجي پيار کي،
مان چمڙا پوش ٿي ڪٿي ڳولهيان ٻـ يار کي؟!

ڪنڌ ۾ وجهان هي نانگ اهو نانگ چا ڪندو!
مون وات ۾ آ سُک جهليو ذلفن جي وار کي.

ڪو ڏينهن جو نـ ننڊ، نـ ڪي رات جو قرار،
الله مار ڪا وجهي هڻ انتظار کي.

ڏهني مان آڱرين جو ڏنو زور تـ ٻـ ٽيو زور،
مان ٻانهن ٻيٽي چا ڪري سمجهايان ٻار کي.

’پيرل‘ تـ وئي وفا هلي هاٽي ڪيان ٻـ چا!
مان ٻير وانگي ڏوٽيان چا ٻهرن جي ڏار کي!

*

رُخ تان نـ اُڃل پردو ، سوَ تير چُٽي پوندا،
هو چنڊ ٻـ شڪ رکندو ، تارا ٻـ ڪُٽي پوندا.

گلشن ۾ وڃي هي تون زلفن کي نـ ڦيرائج،
ڪندن جي پيي چهنبن تي سوَ گونچ ڦٽي پوندا.

هي پل ۾ متان تون ڪا هيئن آهـَ ڪيي ويهين،
پٿر ٻـ رِجي پل ۾، تي ميڻ مٽي پوندا.

ها سينڌ جي وارن مان تون سينگ متان ڻاهين،
اڏندڙ تہ پَريُن جا ڏسندي ڪنڌ ٽٽي پوندا.

اکين جو هي آئينو سامهون جي جهليءَ 'پيرل'
طلسم جو قلعو ڊهندو، سڀ هوش هٽي پوندا.

*

بنا ساغر جي ڪوئي پي رهيو آ،
اهو ڪهڙي طريقي جي رهيو آ؟!

گهري ٿو رند ڪان زاهد بہ قطرا،
خدا ڄاڻي تہ هي ڇا ٿي رهيو آ!؟

ڪنهنکي مئخانو ڇڻ مُنهن تي چڙهيل آ،
ڪوئي هڪ سُرڪ لئہ تڙپي رهيو آ!

مئي سان گڏ جڏهين محبوب آيو،
پيڙ دل ۾ نئون پڙڪي رهيو آ.

جتي محفل متل آ مئہ سان 'پيرل'
اُتي هڪ شير پي چرڪي رهيو آ.

*

پروردگار! تنهنجي جڳ ۾ مان ڪيئن جيئان ٿو،
ڇڻ ڪنهن خزان جي مند ۾ پن پن تي مان ڇڃان ٿو.

انسان جي ڪوپري هڪ، پيو ناڱ جو زهر آ،
برسات جو ٽيون پاٽي مان قيس جان پيئان ٿو.

قسمت جي در لنگهي ويس محتاج پرسان بين جي،
منهنجي گدائي هي ڏس پينوءَ ڪان مان پنان ٿو.

منهنجو اي ساٿي هٿ وٺ ڏِڳ جو نہ دم آ مون ۾،
رستو ڇڏي هي ڪاڏي ڪنڊن ۾ مان ڪران ٿو.

ان جو آ پهتو 'پيرل' شيشي جي گهر ۾ محمل،
پٿر ڪان چالئہ ان جو ، پنڌ پير مان پچان ٿو.

*

مئہ کي جو کينم مرکي، کھڙي هي خطا ٿي آ،
هڪ سُرڪ لئہ گھر گھر ۾ ايڏي چو گلا ٿي آ.

آ داڻ انگورن جي ڪٽ ميوو ڪٽي پاٽي،
ڪائڻ تہ روا ٿي آ، پيئڻ نہ روا ٿي آ.

چو جام گھريو تو پي، گر جام هو جنت جو،
زاهد تہ اها غلطي توکان بہ ذرا ٿي آ.

ٿي ڪاڌ سري جنهن ريءَ، چا ان کي ڪجي 'پيرل'
لقمان جو هي در آ، هت دل جي دوا ٿي آ.

*

ڪٽِين جي نيڻ تون مرڪين مگر آهستہ آهستہ،
ڪُلهن تي ڪِير ذلفن جا ڪڪر آهستہ آهستہ.

ڪٽي پنبڙيون تہ سمجهان ٿو انهن مان چا جُڙي پوندا،
خنجر تلوار ۽ تير و تبر، آهستہ آهستہ.

وڪڙ ڏئي چيلهہ سان وارن کي تو جي نانگ جان ويڙهيو،
تہ ايندا پيار وارن کي پگھر، آهستہ آهستہ.

اميدون چو پلا ميٺيون اي 'پيرل!' پاڪ الفت مان،
پگھربا پيار سان ڏگ جا پٿر، آهستہ آهستہ.

*

ڪُلها هوا کي نہ آهن، تہ ڪوئي وهم نہ آ،
سِواري پو بہ سنڌي ان مٿان ڪري ٿا سگھون.
اُتي تہ جهد خليلي جي ياد دُهرائي،
چمن جو دم بہ اسان باھ ۾ پري ٿا سگھون.

*

کھڙيون خالي ڪڪڙيون ميڙيون،
کھڙيون اَڪَ جون انبڙيون ميڙيون،
دشمن کي ٿا چاهيون جلائڻ،
گڏجو سُڪلان لڪڙيون ميڙيون.

*

خزان جي پنن جان نہ ڇڻجو نہ ڇڻجو،
شهادت ۾ سرَ کي نہ ڳڻجو، نہ ڳڻجو.
متان پنهنجي سنڌ کي وساري بہ ويهو،
اهو لعنتاڻو نہ کڻجو نہ کڻجو.
*

غلاميءَ جو هُوکو نہ ٿيندو، نہ ٿيندو.
ڪٿي لوهہ هلکو نہ ٿيندو، نہ ٿيندو.
صدق سان نهاريو پنهنجي سنڌڙيءَ ڏي،
اهو ڪنڌ کو کو نہ ٿيندو، نہ ٿيندو.
*

هٿ يتيمن کي ٿا ڪپڙا ڏيارجن،
فلڪ تي تن جا ٿا ديپک ٻارجن.
حيدر و حاتم هتي آيا هلي،
داستانا تن جا ٿا دهرائجن.
*

ٻري ٿو هال ۾ اڄ ڪنهنجو سخن حق جو چراغ،
عطا ٿيو پنهنجي آ قسمت ۾ يوم عبداللطيف.
لهي فلڪ تان، هو رومي ۽ شيخ سعدي جو -
ملهائي روح ٿو تربت ۾ يوم عبداللطيف.
*

ڪنهن جا لهوءَ ۾ وڙهندي پل لال ٿا ٿين،
ان جي اڃا بہ هٿ تي، رنگِ حنا آ جائز.
اڄ زخم پنهنجا سنڌي مهٽج وجي مٽيءَ سان،
سنڌ جي فتح کان پوءِ تنهنجي دوا آ جائز.
*

اي سنڌ! تنهنجو ڪين ڪڏهن در ڇڏي ڏبو.
تنهنجو نہ ڇڏبو ساٿ، پنهنجو سر ڇڏي ڏبو.
مؤنث هجون يا مذّکر توسان هي قول آ،
آواز تو ڏنو تہ وني ور ڇڏي ڏبو.
*

تا اسان توڏي اچون توکي ڏسي بُک جا بکيا،
هاءِ عزرائيل تو وٽ ماني کن هوندو ضرور.
پاڻ وٽ اڄ موت ويلي پي لٽو کو ڪونہ آ،
تنهنجي ور ٽِرين جي لئہ قاتل ڪفن هوندو ضرور.
*

جادو نہ آهي ڪبر هجي، ڪانگ تي پوي.
موسيٰ نہ آهيان لٺ ڪري نانگ تي پوي.
سوچان ٿو گهٽو وقت رهِي، ڏاڍو ڏک ۾ آ،
من سنڌ جي سُکن جو ڪتي سانگ تي پوي.
*

هڪ طرف آهي هاري تہ ٻئي طرف زميندار،
پورهيت جو پگهر ڪڻ يا تون دولت جو زهر ڪڻ.
پابند ناهين تون آهين هر ڳالهہ ۾ مختيار،
ڪڻ ڳوٺ تون مٽيءَ جو يا شيشي جو شهرڪڻ.
*

خزان ڪلي تي ڪري باغ دل تي طنز زني،
خدارا مرڪ تہ چاهت چمن جي مرڪي پوي.
اجان بهار تہ رڙهندي اچي تي گوڏن پر،
خدارا مرڪي تہ ساعت چمن جي مرڪي پوي.
*

دل تي ڏکي پئي شايد دلدار ٿو اچي،
اڄ منهنجو ڪونہ عقل تي اختيار ٿو اچي.
مون کي چڙيو تہ مون کي بندوبست ڪرٽو آ،
سوڙهي صحن تي اڄ سڄو سنسار ٿو اچي.
*

مان ميٺ جهڙيون دليون جيتي سگهان ٿو سوَ،
پر مان جگر پٽر جو جيتي نہ ٿو سگهان.
جيتر ڪيان نہ اڳ ۾ نازڪ سان گفتگو،
تيتر نماز ڪائي نيتي نہ ٿو سگهان.
*

خدايا! سوچون ٿا تر جي زمين جو حال ڏسي،
ندي يا ڍنڍ جي ڪپ تي رکين ٿو ڪنگ اُجو.
وري ڏسون ٿا جهنگل ۽ پهاڙ صحرا ۾،

پٿر تي پيِ نہ رهيو آ وڃونءَ جو ڏنگ اُڃو.

*

مان خاڪ جو هان پتلو، مونکي خدا نہ سڏ.
هن شرڪ جي گناهہ کي شوقِ وفا نہ سڏ.
ماٿهو متان بہ توکي نہ نااهل چئي وٺن،
قاتل جي لال هٿ کي تون رنگِ حنا نہ سڏ.

*

پنهنجي نہ پنبڻن کي پرين ناچ ڪرائج،
راجا اندر جي تي هتي دربار ياد پئي.
جلوي حسن جو ترورو منهنجي متان نہ ڪير،
بر ۾ تي مون کي مصر جي بازار ياد پئي.

*

لڳي تي آڳ پرندي جي آشياني کي،
وسايان آب سان اپ جو هو آب ڪس چوندو.
مروڙي جو ڪي ڇڏيندس مٺين ۾ شعلن کي،
انهيءَ جانِ نثاريءَ تي جهانُ جُس چوندو.

*

او بلبلِ بئنڪ وارا! وڻو رتُ جو گهُري وٺ،
مان قيس آهيان زخم ئي منهنجا طبيب هن.
خنجر لڳي جو خون عيوض خاڪ اُڏي پئي،
سي تنهنجا پاڳ ۽ مٺا تنهنجا نصيب هن.

*

پنبڻن جا پوش بئي جهلي ڳوڙهن کي بند ڪر،
عمر خيام بزم نہ پڄندي اڃي هتي.
آئيني اکين واري جو تون اولڙو نہ ڪر،
طلسم جي هر ڪا جاءِ نہ ٻهندي اڃي هتي.

*

بيا ٿين آزاد پل، منهنجي اسيري تي پوي.
خير جي ڪم ۾ اميري مان فقيري تي پوي.
دوستو دڳ ۾ جبل ۾ صحرا ۾ ان جي ڪري،

تو رُلان ڪنهن لاءِ من ڪا دستگيري ٿي پوي.
*

يا خدا ظلم و ستم هي روزِ اسرائيل جو،
ڇا ٽٽي دم آ ويو ڇا ملڪَ عزرائيل جو؟
قوم مسلم تي رهي جو پرالم فتحِ يهود،
ڦوڪ اهڙي زندگي ڪي صور اسرافيل جو!
*

تون مون ڪي دل ڏيڻ ۾ ڪرين ڇو ٿي آر ٿو،
تو ديوَ جيڏي دل رکان بيدل ته ڪو نه هان.
ڦهري نگاهه سان ڀلا مون ڏي ٿو ڇو ڏسين؟
قائل مان آهيان قرب جو قاتل ته ڪو نه هان.
*

بي ڪنهن به ڳالهه ڪان نه ڪو رنج و ملال آ،
ٿڪجي ٿا پون پير جدائيءَ جي ٻوڙ ۾.
تون منهنجي اڱڻ آءُ، وري آءُ ، وري آءُ،
ناهي مهانگي دوستي ماني ۽ ٻوڙ ۾.
*

ابرن جا جهير ڏئي وري اکين جا جهير ڏي،
ٿي فرق ڪيترو رکي ڪاتي تکي مُڏي.
مان ڪيترو به توڙي جو تنهنجي پٺيان لڳان؟
شهباز پيو تو ٿڪجي پئي آخر اُڏي.
*

خطري جي ضد ۾ آهي ڪڙميءَ جي زندگي،
پيرن جي آسپاس ۾ پهرو ٿو نانگ ڏي.
هڪ طرف آهي باهه ته ٻئي طرف آهي پٽ،
ڏئي پيو اگر ڇلانگ ته ڪاڏي ڇلانگ ڏي؟
*

هر پاٽي جي آ تهه مٿان، ان چنڊ جو پاڇو،
تون شيشو ٿو ڦيرائين ته گهٽ وڌ ٿي رهيو آ.
تون رات جي آئيني ۾ ٿو پنهنجو مُنهن ڏسين،

هو آب جي سطح تي اڏو اڌ تي رهيو آ.
*

تنهنجو مرڪڻ ئي ست بادشاهيون لهندو آ،
تنهنجي مرڪڻ سان بيٺل درياءُ وهندو آ.
جڏهن تون ويندو آن جاني ڳليءَ منجهان گذري،
اڃي ڪو نرڙ تنهنجي رهگذر تي گهندو آ.
*

ٿو ڦوڪ سان ساڙين ست ڏيئيون واسينگ چوان گهوڙيل چوان.
جو مرڪ سان گڏجي گل ٿو ڪري سو سنبل چوان رابيل چوان.
پر آ تہ سهي جو بت منهنجو تو غمن جي گهاڻي پيڙهيو آ،
ان پيڙهہ واري پاٽيءَ کي پرين مان خون چوان، يا تيل چوان.
*

ڪاريگري آ اڪ جي چالئہ، هن کي ڪاهہ چئون،
هن ۾ آ نور ، ڪنهنجي بري چو نگاهہ چئون.
هي ان جي تيز روشن آ ’پيرل قنبر‘ تڏهن،
محلات قلو پطره کي ٿا قتل گاهہ چئون.
*

انسان کي ٿو ظلم ڪري زندگيءَ کان تنگ،
ڪو خستہ حال پيو نٿو ٿئي ڪنهن خوشيءَ کان تنگ.
سامهون رهي تون منهنجي وري پردو ڪين ڪر،
مان بيخودي ۾ تي نہ پوان بندگيءَ کان تنگ.
*

اگر جي عاشقن جي لسٽ ۾ ڪو نانءُ رکٽو ٿئي،
وفا کي صاف سٽرو رک دغائن کي چٽو ڏئي چڏ.
اگر واقف نہ آهين پيار جي ان اڪر کان پو بس،
خزان کي رکج ڪچ ۾ ۽ بهارن کي گهٽو ڏئي چڏ.
*

نظر آ سڄي رات دشمن جي دنگ ۾،
مان اڪ جو اجايو اجاڳو نہ آهيان.
مان زنجير آهيان مٿا لوهہ، رڪَ جو،

ڪچي سُٽ ڪپهه جو مان ڌاڳو نہ آهيان،
*

اميد آ مدت ڪان اها من خدا ڪري
محتاج زندگي جو مقدر ٿهي پوي.
بادِ صبا نہ آءُ درِ يار تي نہ گهل،
سر ٿو جهڪي متان ڪوئي سجدو ٻهي پوي.
*

چڙيو تو راهہ ۾ مون ڪي اگر تہ چا ٿي پيو!
هوا بہ تخت سليمان جو چڙدي ٿي وڃي.
ڪيو نہ تو ڪو قدر آ ڏکهي اڏامر ڪري،
چري آ منهنجي ڪشش جو تنهنجي تڏي ٿي وڃي.
*

پريون اچي ٿيون پاڻ هتي ڪنڌ پر ڪرن،
شايد آ تنهنجي سينڌ جي لِيڪي ۾ ڪوهہ ڪاف.
رخُ پي تہ آهي ڪعبو ۽ ترُ پي تهين مثال،
ڪهڙي طرح سان ٻن ڪيان ڪعبن جو مان طواف.
*

خوشي جا ڪِير تون ڳوڙها پرين تہ پي مان وڃان،
شراب اهڙو نہ ملندو شراب خاني ۾.
شراب ساقي ۽ ساغر جڏهن ٿيون تنهنجون اکيون،
پيرلؔ چو ڪاٿ هٿون مئي جي ڪنهن خزاني ۾.
*

زلف زلفن سان مليا ۽ زبان زبان سان ملي،
زمين پاڻ اڏي اچ تہ آسمان سان ملي.
نگهہ جو دل کي آ نقصان ڪو نہ ڪو پهتو،
تير، تيرن سان مليا ۽ ڪمان ڪمان سان ملي.
*

آمد هجي جو تنهنجي تڪبر چڙدي ڏيان،
هٿ ۾ رڪان نہ تيرُ، نہ هٿ ۾ زنجير ڪيان.
تون جيستائين باغ مان سڪ سان گهمي وڃين،
گلڙن کي رڪان قيد چمن کي اسير ڪيان.
*

مان اهل عشق، عشق ڪري ڇاڻندو آهيان.
ليليٰ جو وٺو رت سان پِري ڇاڻندو آهيان.
ميهار جان مچيءَ جي بدل پيرل پرينءَ لئي،
رانن جا ٽڪر تئي تي تري ڇاڻندو آهيان.
*

حاتم ڪان هڪڙي ڳالھ سخا ۾ بہ رهجي وئي.
ڪنهن کي نہ ان سخا ۾ ڪو بوسو ڏئي ڇڏيو.
مون کي ڏنو بہ يار جي بوسو تہ هينئن ڏنو،
ٽڌڙو، وچولو، سونسڙو، ڪوسو ڏئي ڇڏيو.
*

ٿڙا پڳهر جا اگهي ڏي پرين تون مون کي تہ اڄ،
ملائي مٺ سان مان مئڪش کي ڏيان تہ خبر پويس.
ڪندو ثنا آ رڳو مٺ جي ۽ نہ محبن جي،
رهيو آ ڪس ۾ سڄي زندگي ڪا ڪسر پويس.
*

نہ تئي جو مانُ ڪو مزدور جي پسيني جو، ڇڏي ڏي پوءِ وڃڻ
تون مڪي، مديني جو.
عزيز! حق جي هميش قدر شناسي ڪر،
گڏھ کي هار نہ وجھ هيري جي نگيني جو.
*

صياد ۽ جلاد ۽ سنگدل جو مري پئي.
اڇلايان اهو لاش پيجي صحرا ۾ بر ۾.
محبوب وفادار جو جهوليءَ ۾ دم ڏئي،
دفنايان اهو لاش ڪٺوليءَ سوڏو گهر ۾.
*

هڪ اڪ ۾ آهي مسجد بي اڪ ۾ آ مندر،
مان بانگ کي ٻڌان يا هري رام کي ٻڌان.
هر آدمي ڏئي ٿو پنهنجي حُسن جو هوڪو،
مان خاص کي ٻڌان يا سڄڻ عام کي ٻڌان.
*

ڪٽي ڏيو ايڪو، عمل، فرض ۽ ذهن، محنت،
سرِ تعليم جو نئون مان ڪري ڪو 'لا' ٿاهيان.
ويهُو نہ واندا اسان جي بہ يار مڪتب ۾،
ڪٽي ڏيو ڪوزي ۾ قطرو تہ مان دريا ٿاهيان.
*

رخسار يار جو چوان يا اشرفين جي ديگ،
واسينگ ويڙهيو سيڙهيو مون ان جي مٿان ڏٺو.
جوڳن جٽئين تہ نانگ ٻيا ماري وڌا مگر،
مرندي اهو نہ نانگ مون ڪنهن جي هٿان ڏٺو.
*

چئہ ڪير، قفس ۾ بہ پرندي سان سلي سور،
گل برگ ڪي زبان نہ ڪو بستان ڪي زبان.
قيدي بہ ڪنهن سان حال اسيري جو تہ اوري،
زنجير ڪي زبان نہ ڪو زندان ڪي زبان.
*

تڏهن هت هُت ٿو وتين ڏيڏر جيان ٽان ٽان ڪندو،
مُنهن ڏَنو ٿي ڪو نہ بچڙا! جاچي عزرائيل جو.
سوچ پنهنجي مُنهن وجي، ڏنڌو آ اڳ تي ڇا رکيل؟
حشر جو، دوزخ جو، اڳ منجهہ صورِ اسرافيل جو.
*

بي وفا دل وٺي ويو آهي.
ڪوئي هاري ڪٽي ويو آهي.
عشق جي پيڙ مان ڪوئي عاشق،
مرندي مرندي بچي ويو آهي.
*

ذلفن سان رکيم ذوق تہ وارن ونگي وڌو،
پنبڻن سان ڪيم پيار تہ اکڙين انگي وڌو.
پيرل نہ ڪريو پروسو نانگن جي نينهن تي،
گوگي زمان ڪي بہ ڪُپر هو ڏِنگي وڌو.
*

پروانو ٿي مٿان شمع جي يار اُڏيو هان،
اڏيو هان اهڙي ريت جو اڌ پرَ ٻري ويا.

ڪپڙي جا پي چنا ڦاٽا سبجن تا سُئيءَ سان،
جيتن جي لاءِ دنيا ۾ درزي مري ويا.

*

تون چور ڪين شوخي ۾ گهُنڊ واري گهنڊ ڪي،
دربار جهانگير نہ پڄندي اچي هتي،
آئيني اڪين واري جو تون اولڙو نہ ڪر،
طلسم جي هرڪا جاءِ نہ ڀڃندي اچي هتي.

*

تون سينگ جو وارن مان بندوبست ڪين ڪر،
نقصانڪار ٿيندي وڏڪ سينگ نظر ڪان.
سمجهين ٿو يار چا رڳو چرڪنديون پَريون،
خود ڪوهہ ڪاف ڪبندو انهيءَ تنهنجي قهر تي.

*

تارا بہ ڪجهہ هجن ها، اپريل قمر هجي ها،
هن رات جي سفر ۾، ڪو هم سفر هجي ها.

تاهيئہ محلُ بہ دل جو سو پي تہ ڪو نہ پورو،
ڪهڙي شرم ڪان جڳ ڪي ڏيکاريان اڌورو،
هر ڪوئي چوندو هن ڪي دريون ۾ در هجي ها.

انئي پهر خوشين جا بس پاڻ سان ڪنيا تو،
ڳٽتي انهيءَ ڏک ۾ ڏينهن رات مان ڳران ٿو،
پهرن اٺن مان هڪڙو منهنجو پهر هجي ها.

بي واجبي جا مون ڪي تون ڪونہ غم ڏئين ها،
پنهنجي غمن تي پاڻ ئي تون شرمسار ٿئين ها،
هئہ هئہ جڏو سڏو پي، تو وٽ جگر هجي ها.

ڏادي منهنجي تمنا ڏادي تہ آرزو هئي،
’پيرل‘ ڪي جاڳ ننڊ ۾ هڪڙي ئي جستجو هئي،
تنهنجي ئي گهر جي سامهون منهنجو بہ گهر هجي ها.

*

دُکي دل جو نہ منزل تي گهڙي پل ڪاروان پهتو،
چمن ۾ مس بهار آئي تہ پيغامِ خزان پهتو.

سوين دل جون هيون وستيون، سوين ها در اميدن جا،
سوين ها محل محبت جا، سوين ها گهر اميدن جا،
اول پر آڳ جي مُنهن ۾ منهنجو هي آشيان پهتو.

مقدر لئہ آ کل چرچو، زماني لئہ تماشو آ،
سري بازار اڄ اٿيو، منهنجي دل جو جنازو آ.
مٿل دل جي مٿان منهنجو نہ ڪوئي مهربان پهتو.

جلي سينگار ويا مان سينڌ ۾ سندور چا پريان!
پڳل دل جي ٿي ديپڪ ۾، مان نرڙ نور چا پريان!
پکي دل جو ٿي مس اڏريو تہ ٺڪ تيرِ ڪمان پهتو.

ڪٿي پڇري سڙي، تڙپي، رُني قسمت ڪي سرچايان،
ڪٿي بي ساهہ بت پيرل پاپي دنيا ۾ بهلايان،
بيابانن جي گوشئہ تک منهنجو ذڪرِ بيان پهتو.

*

فضا ۾ چنڊ نہ زلفن کي زماني کي خبر پوندي،
پَرين کي پي ڏندڻ پوندا جي چهري تي نظر پوندي.

نہ گهرجي پيو کو الفت ۾ فسانو يا بيان مون کي،
پڙائج پنهنجو نالو تون پڙهي منڙا روان مون کي،
اڏامي پاڻ اکرن تي اچي زير ۽ زبر پوندي.

نہ هڻ تو ن هام ڪا ميهر، پنهون رانجهي سان محبت ۾،
صداقت ۾، عنايت ۾، مرووت ۾، مصيبت ۾،
خبر توکي چا پارس جي، اڙي دڳ جا پٿر! پوندي.

اِکر منهنجو اگر اٽڪيو زماني جي زبانن ۾،
اڏيو تنهنجي دغائي جو پڙاڏو جي پهاڙن ۾،
مِرُن کي پي مَرم لڳندو پکين ۾ پي پچر پوندي.

اسان هڪبئي تي 'پيرل' چئي، گهوري دل جان ۽ گهر ڏيون،
هلي آ سوکڙي ۾ ها، مَتائي ساهہ ۽ سرُ ڏيون،
ڪنداسي جي ڪنجوسي ڪا تہ قربن ۾ ڪتر پوندي.

*

اک جي شيشي سان دل جا سچ ڪوڙ ڪيئن سڃاڻا،
ماکي زهر، ٻہ گڏ هن، محبوب تنهنجا ماڻا.

دل، جسم جان چاتي، ڪونجن جو هڪ ولر آ،
جي اک جو تير پهتو پو ڪَل، هڏو ۽ پر آ.
ڪهڙي خبر ڪٿي هو پهتا، ڪٿان اڏاڻا.

سسئي جي سيج چا هئي، چمندرِ هو پير پاچو،
آيو جڏهن وچوڙو ، ٻڪندي اٿي، مون جاچو.

اڄ پلنگ ها پٽن جا واريءَ جا ها وهاڻا.

جند کو مري ڇڏائي، محبت اها بلا آ،
جيڏي ثنا آ هن جي، هن جي ايڏي گلا آ،
پيڙهي بدن ڇڏن ٿا، ناتا نوان پراڻا.

بي مهل بي خزاني ’پيرل قنبر‘ ڪنيي ويا،
تڏهين تہ تنگ آتا هڇ پاهہ ٻيئي ٿي ويا،
وقتن تي ڪو نہ منهنجا دل ۾ جگر وڪاڻا.

*

ڇني پلا مان ڪيئن ڇڏيان، ڇنڻ جو هي نہ پيار آ،
تنهنجي تہ ياد سان پريل منهنجو هي وار، وار آ.

ڏسي هي غم، سنگت ڪئي مون جام جي شراب جي،
پئي نہ وڌ مون کي خبر ڪنهن ڏوهہ يا ثواب جي.
پيئان مگر اکين ۾ بس هي تنهنجو ئي خمار آ.

پڇين اگر تہ پڇ وڃي تون غير کان منهنجي خبر،
مونکان پڇين ٿو ڇا مٺا! مونکي نہ آ پنهنجي خبر،
مون کي تہ رات ڏينهن رڳو هي تنهنجو انتظار آ.

ڪيڏي قدر نہ اي پرين! قولن پنهنجن تان پئين ڪري،
هزار بار ڏئي زبان، هزار بار وئين ڦري،
ڪو تنهنجي اعتبار تي مون کي نہ اعتبار آ.

پهچي چڪو ’پيرل‘ چوي آ دلربا لبن تي دم،
رسڻ جو هي نہ وقت آ، پري آ قرب جو قدم،
هي دم نہ ڪنهنجو دوست آ ۽ موت بي ميار آ.

*

هڪ داغ آ اندر ۾، جو اجنبي ٿو پائين،
نہ ڪو سور ٿو سلين ۽ نہ ڪو راز ٿو ٻڌائين.

اي ساهہ، سک جا ساٿي! نہ تون سلسلا رلائج،
پٿرن جي رياستن ۾ نہ تون قافلا رلائج.
هڪ درد مند دل تي ڇو ڪِيسَ ٿو ڪمائين.

ڏاڍيون اٿئي ڪي دلبر دردن جو استعماليون،
ماري لبن جون مرڪان اڪڙيون ڪرين ٿو آليون.
مسڪين عاجزن سان ڇو ايڏو ٿو اُچائين.

اِي يار! عاشقن سان ڪهڙي ڪرين ٿو اٽڪل،
اَبرو ڪرين ٿو خنجر ڪاڪل ڪرين ٿو قاتل،

الفت جو فرض ڪيئن ٿو نازڪ پلا نڀائين.

’پيرل قنبر‘ سان سڪ ۾ ڪِهڙو ستم ڪرين ٿو،
ڪَنب ڪنب هي قرب واري ڪَنبن سان ڪئين پرين ٿو،
ٿاڌن جي تيز ڇرَ تي، ڪيئن برف ٿو ڄمائين!
*
واعدو ڪري وفا جو ۽ دوکو دغا ڪيون،
موتين تي يار چو پلا محبت مٺا ڪيون.

تون هڪ ڪئي خطا مگر ٿوري خطا ڪئي،
هيڪر ڪري جفا وري ٻيهر وفا ڪئي.
هن ٿورڙي گناهه جي ڪنهن سان گلا ڪيون.

اکين جي اُڏي چاڻ وئي ۽ پرم بدن جو،
جاڏي هلي نگاهه اتي جلوو حسن جو،
ڪنهنکي خدا ڪري پلا ڪنهنکي خدا ڪيون.

مهمان خانِ دل جو بي مهمان ٿي پئين،
دلين جي سرحدن جو ٻه سلطان ٿي پئين.
بي وسِ جو ڇڏيا بار انن، چا پلا ڪيون!

’پيرل قنبر‘پڇاڙي چا ڏک سور کي سوچيان،
لقمان جي مان ڪاٿي وڃي قبر کي ڳوليان،
ڪوڙي سچي ٿا ديد سان دل جي دوا ڪيون.

*

محبت سنگت ۽ سڪ جا اچ سلسلا پڇايون،
فرقت ميلاپ جا هي اچ فاصلا پڇايون.

جاپان جا جبل تون ٻارڻ ڪري ٻري پئہ،
ٿڙڪي ڏڪي ڌھي پو نھ نھ ڪري نري پئہ،
زلفن کي مان ٿو چيڙيان اچ زلزلا پڇايون.

وينٓي تہ يار ويندا گوڏن ۾ دربي جمي ڏس،
هن وقت ۾ نہ ڪنهنجي ڪائي ڪسر ڪمي ڏس،
محبت جا منزلن تي اَٿ مرحلا پڇايون.

ڪيڏائي ڏي هٿن ۾ گل تي يا خار ڪڻ ڪڻ،
واچي ٻہ هل وکن سان هي شاخ ٻوٽو وڻ ،وڻ،
جٿ قدم جي نہ جاءِ آ، اٿ قافلا پڇايون.

جو ڪنهن نموني دلڙي ونگٽي تہ آهي آقا!
توڪل ٿا اچليون ان ڏي زلفن جا چار ڏاڳا،
پختا ٿا ڪٿ پڇايون، ڪٿ گرگهلا پڇايون.

دنيا تي چا ڪندي ڪم گوڏن جي نظر سائين!
ڪهڙو ڪمال رکندي ڏرتي جي خبر سائين!
ڪوهه هماليا مرڪن اچ حوصلا پڇايون.

’پيرل قنبر‘ ڪري تو ڪوشش جا آهه آڏو،
من تون ٻُڌي سگهين ڪو پڙلاءُ يا پڙاڏو.
وادين ۾ اٿندي وهندي تا ولولا پڇايون.

*

ڪر وفا تہ اڳ ۾ مان ڏسان،
ڪوڙا وچن ڪو نہ تو مڃان.

تنهنجون اکيون اٿندي عرش تي،
قدم تنهنجا شيشي فرش تي،
پير پڳل ڪاٿي مان پڇان!

تنهنجو هان، وهم چو تو ڪرين،
مون تي يقين چو نہ تو رکين،
ڪاڏي مُنهن ڪري تو ڳالهہ ڪيان.

ضد اهو بہ مون سان ڪر پلي،
عضوو عضوو منهنجو وڍ پلي،
پٽ ڪپي جو توسان مان ڪچان.

چا منجهان ’پيرل‘ تو چا ڏسان،
بي جي بت ڪي تو چميو چمان،
پنهنجي بت ڪان تي لڳي ٻُڇان.

*

قدر ڪو نہ دل جو پيو ، دل جي پٿر ڪي،
اسان ڪعبو سمجهيو هو دلبر جي در ڪي.

نہ خوشبو خوشيءَ جي، نہ سرهاڻ سُک جي،
رڳو گهر غمن جو ، رڳو ذات ڏک جي.
ڏئي باهہ چڏجي پو اهڙي گذر ڪي.

سڪي سوَ حياتي جا پاچا لڙي ويا،
رهيل چار ڳوڙها بہ ڳڙندي ڳڙي ويا،
اجا ڪو نہ آيو نظر هُو نظر ڪي.

هجي ها ڪو هُڪ غم تہ ان کي پچئون ها،
هجي ها ڪو بيو ڪم تہ ان کي پچئون ها،
پچي ڪير هر هر هيڪاندي حشر ڪي.

ڪندين دانهن ’پيرل‘ تہ چا دادُ ٿيندو،
هو ڪاغذ جو گل آ ڪا خوشبو نہ ڏيندو،
چڏي ڏي نہ ڄاڻي جو سڪَ جي اڪر ڪي.

*

ڪا خوشي بہ دل خريد ٿئي،
ديد بنا ڪئين ٿي عيد ٿئي.

تون لکي ڏي مونکي تنهنجو هان،
پرچي هي مان پاڻ وٽ رکان.
توکان گم متان رسيد ٿئي.

پير پير ۾ ڏئي اچين،
مان ستل هجان تون لب چمين،
پوري اهڙي ڪٿ اميد ٿئي.

عيد واري ڏينهن نہ ڏک ڏجان،
بعد مون سان موشو تون ڪجان،
عيد متان پل پو گيد ٿئي.

پيار ۾ ’پيرل‘ قنبر ڏنم،
فيصلو هي نيٺ هيئن ڪيم،
عيد ڪان تہ وڌ تي ديد ٿئي.

*

جان فرقت ۾ مان جلائيندس،
اي محبت! توسان نڀائيندس.

ٿيندي مونکان نہ ڪٿ شڪايت ڪا،
مليو غم پي اگر تہ بسم الله الرحمٰن الرحيم،
سو وٺي پاند ۾ مان پائيندس.

سهي صدما زماني جا سرَ تي،
رکي سڀ ڪجھ پنهنجي مقدر تي،
پنهنجو خود پاڻ آزمائيندس.

توتان صدقي ڪندس خوشي پنهنجي،
مان وٺي ساڻ زندگي پنهنجي،
ها وڃي رڻ ۾ ڪٿ رلائيندس.

ڏيندو ’پيرل‘ نہ دانهن ڪجھ ڪنهن کي،
زندگي آ تہ روبرو توکي،
پنهنجو سڀ حال مان سڻائيندس.

*

خطا کي بہ سمجهي خطا ٿو کيان،
مون کي ڇا هو ڪرڻو مان ڇا ٿو کيان.

عجب ڇا ٿو الفت جو چرخو هلايان،
حسن آڏو هڪ جي مان بي ٿو ٻڌايان،
ثنا واري هنڌ تي گلا ٿو کيان.

عقل تي چڙهي ويو آ اهڙو ڪو پردو،
ڪمال آهي ڪيڏو محبت جو سجدو،
مان هڪڙو ادا ٻيو قضا ٿو کيان.

اڇي معاملو منهنجو سلجهايو يارو!
وٺي ٻانهن کان مونکي سمجهايو يارو!
مان سائل اڳيان ڪئين صدا ٿو کيان.

پلا ٻيو تہ 'پيرل قنبر' ڇا کيان مان،
جتان هو ويو تي اهي هنڌ چمان مان،
مان ان ريت دل جي دوا ٿو کيان.

*

دنيا سڄي ۾ ڪنهنجو جي ڪو صنم نہ ٿئي ها،
پو آسمان تي پي لوح و قلم نہ ٿئي ها.

احسان ڇا قضا ۽ تقدير، قسمتن جو،
ڇا فائدو پو آخر محبت جي مقصدن جو،
منهنجو اڱڻ نہ ٿئي ها تنهنجو قدم نہ ٿئي ها.

اڌما هي عشق وارا اُپرن، چڙهن، اٿن ها،
هو پاڻ پيا تہ قاصد مون ڏي اچن، وڃن ها،
هٿ ۾ تہ هڪ دفعو پي ڪاغذ قلم نہ ٿئي ها.

پلجان بسر ٿئي ها هي عمر کلندي، روئندي،
وينو وفا ڪريان ها اي محب مرندي، جيئندي،
دنيا ۾ مونکان جيڪر ٻيو ڪو بہ ڪم نہ ٿئي ها.

ٿئي احتياط 'پيرل' مون کان ها عاشقيءَ جو،
رهجي ريڪارڊ ها بس اڄ منهنجي زندگيءَ جو،
پل نيڻ ڪوسا ٿين ها طبيعت گرم نہ ٿئي ها.

*

محبت هجئي ها تہ منٿون مجين ها،
جبل جيڏي پنڌ تي نہ وچڙي وجين ها.

حياتيءَ ۾ غم جون نہ ارٿان سَٺيون تو،
ڏٺيون تو جو سهٽا تہ خوشيون ڏٺيون تو،
ڪڏهن چار ڏک پي اسان جا ڏسين ها.

هي دل جي ڪلي پي نہ مرڪڻ ڇڏي تو،
مناسب نہ الفت ۾ توکي ائين هو،
تون بادِ صبا تي گلن تي گهلين ها.

اجا رڳَ جفائن جي جاني نہ ڇڏيئي،
سلام چار خط هڪ نشاني نہ ڇڏيئي،
مرين ها پي اهڙو نہ ڪم تون ڪرين ها.

نہ ڪي ڳوڙها ڳاڙيئي، نہ احساس آيئي،
جڏو هاڻ پيرل قنبر جو جلايئي،
ويندي آهہ هڪڙي ڪا پُل ۾ پرين ها.

*

هن دل جي هي آزار جي بيدل کي خبر ڇا!
بسمل جي سندس حال جي قاتل کي خبر ڇا!

هڪ ناخدا پي ڪين بيو رستي ڪان غافل،
ويتر هي ٿيو راهہ ۾ طوفان پي شامل،
ڪشتيءَ جي ٻُڏڻ جي پلا ساحل کي خبر ڇا!

ويندو رهيو بي خوف ٿي هي ڪاروان ليڪن،
پيئي نہ خبر اوچتو ويڙهي ويا رهزن،
لٽجي ويو ائين قافلو، منزل کي خبر ڇا!

هڪ غير پلا غير ڏي ٿو ڪيئن نهاري،
ساقي نہ ڏنو جام ڇڏيو در تان ڌڪاري،
هي ڪير بيگانو هيو، محفل کي خبر ڇا!

پيرل نڪو دنيا ۾ ٿو همدرد ڏسان مان،
بيڪار ڇا ڪنهن جي اڳيان فرياد ڪيان مان،
سمجهي نہ سگهي جو تهين غافل کي خبر ڇا!

*

مُنهنجي ناشاد الفت جو نظارو تون ڏسي ڇڏجان،
لُٽي ڪشتي آ جت منهنجي ڪنارو تون ڏسي ڇڏجان.

ڏُکي ڏونهان پيا منهنجي ستل اڄ دل جي داغن مان،
ڇڏائي روشني ويئي مگر ٻرندي چراغن مان،
ٽُٽي شايد پيو قسمت جو ستارو تون ڏسي ڇڏجان.

بڻايو گهر آ پنهنجي ڪان مونکي ٻي گهر تنهنجي اکين،
رلايو آ بيگانن جان مون کي در در تنهنجي اکين.
پنهنجي ٻي قياس اکڙين جو اشارو تون ڏسي ڇڏجان.

ايندو بيتاب بيوس ٿي مٿا ڪوئي ڪڏهن تو وٽ،
پڻ پنهنجي  محبت جي سخا ڪوئي ڪڏهن تو وٽ،
اتي پيٽڪيل مسافر بي سهارو تون ڏسي ڇڏجان.

خوشين جي ڪجهه خبر ناهي غمِ آتش آ اندر ۾،
گذاريان ڪيئن اي 'پيرل' اچي هڪ وار 'قنبر' ۾،
پنهنجي غم ناڪ عاشق جو گذارو تون ڏسي ڇڏجان.

*

نہ تڪليف ڪر تون ڪا خنجر ڪڍڻ لئہ،
نظر تنهنجي ڪافي آ منهنجي ڪهڻ لئہ.

پلي ڪر تون مون تي وڏئي وار ڪو پي،
مون کي آهي ڪرڻو نہ انڪار ڪو پي،
آهيان تيار بيٺو مان سر جي ڏيڻ لئہ.

محبت ۾ مرڻو نہ آ مرڻ مهڻو،
حسينن جو آ عشق کي بار سهڻو،
پتنگُ جانِ پالي اصل ڪان جلڻ لئہ.

نرالو آ تنهنجي اکين جو نظارو،
ڪهڻ جو اٿن ساڻ سامان سارو،
سُجهي ڪا نہ ٿي بات ڪائي بچڻ لئہ.

ڏٺو توکي 'پيرل' چوي بس جِتي مون،
وڃايو عقل هوش سارو اُتي مون،
لڳي تانگهہ دل ۾ وئي تنهنجي ملڻ لئہ.

*

ڳنڍيي نينهن ناتو نڀائڻ نہ آيئہ،
روئاري سڄڻ پو ڪلائڻ نہ آيئہ.

رکي مون تي الزام پو تون رسين ها،
خطا کان سوا تون نہ الفت ڇنين ها،

متيئہ مُنهن مگر منهن متائڻ نہ آيئہ.

سکن ۾ تي مون کي سڄڻ يار سمجهيئہ،
منهنجي پيار کي تي پنهنجو پيار سمجهيئہ،
مگر ڏک ۾ سنگتي سڏائڻ نہ آيئہ.

ڏکيو داغ دل کي ڏکن جو ڏيون وئين،
مصيبت ۾ مون لئہ مصيبت کيون وئين،
رولي رڻ پٽن ۾ رلائڻ نہ آيئہ.

نہ ذاريئہ 'پيرل' چئي مهرَ جو کو ماسو،
محبت کي سمجهي تون وئين تماشو،
اکر قرب وارو کمائڻ نہ آيئہ.

*

غضب تنهنجون اکيون غضب جي نظر آ،
نہ تنهنجي حسن ۾ کا تر جي کثر آ.

مٿان واهہ سونهن ٿيون ابرن سان اکڙيون،
ڦري آيون هيٺان اهڙي ريت پنبٽيون،
ڏنل چڻ اکر تي کا زير ۽ زبر آ.

نرالي چا تنهنجي اکين جي روش آ،
خدا ڄاڻي کهڙي الائي کشش آ،
وئي دل هٿن مان نہ پئي کا خبر آ.

رُسي پي نہ مون کان تون ناتو ڇنين ٿو،
جفا مان کيان ٿو وفا تون کرين ٿو،
وڏو ماري تنهنجي انهيءَ هڪ اکر آ.

نہ دل وس آ پنهنجي کري چا کريان مان،
نہ کو دم گهڙِي کا مگر رات ڏينهان،
لڳل بسّ 'پيرل' کي تنهنجي پڇر آ.

*

اکين سان تنهنجي اکين جا جي پيوند کي اڙي پوندا.
قسم کمزور ماڻهو پي تہ شيرن سان لڙي پوندا.

سڄڻ جيئري حياتي کي جفا جو ڏک هٽي ورتو،
سنڀالي قرب جو رستو کريل کي مان کٽي ورتو،
ڇگڻائي جي کندي چا ست تہ منهنجا هٽ سڙي پوندا.

نہ منهنجي تون طبيعت کي سڃڻ سائين تپائي ڇڏ،
منهنجي پنبڻن ۾ پاڻيءَ جا نہ بادل تون وسائي ڇڏ،
رهيل کي چار ڳوڙها پيي اجايو هي ڳڙي پوندا.

لکي چوري نہ جي ملبو ، تہ لوڪئون ڪا لکا ٿيندي،
ٽبو جيڪر گهٽو گهرو تہ ماڻهن ۾ گلا ٿيندي،
اکر انگ پيار وارا پيي عذابن ۾ پڙي پوندا.

نہ رکٽو پيار تي 'پيرل' خوشامد جو ڪوئي ڪکُ آ،
جي وارن جو وڪڙ سوَ آ، تہ زلفن جو وڪڙ لکُ آ،
هتي رُڪ جي زنجيرن سان زنجير هي پيي جڙي پوندا.

*

هٿڙا ٻَڌان ٿو ، پيار منهنجي جي،
پارت ٿئي پيارا!
جئيري مُئي هن عشق منهنجي جي
عزت ٿئي پيارا!

غم پيي پلوَ ۾ تو ٻَدرايا ،
ويس بہ منهنجا تو مَترايا ،
ماتم ڪان اڳ ڪاٽي ڪيان ها
ڪپڙا هي ڪارا.

اڱڻ منهنجي تي الله تون لڳ آ،
سر پيي جسم ڪان ڇڻ ڪو الڳ آ،
تون جي گڏ هئين گرميون ڇڻ هون
سرديون ۾ پارا.

پرين ڏي هلندي وڪڙي رکي پئي،
آلي نڙي پيي يار سُڪي پئي.
گهٽيل ڳلي سان ڪهڙا هٽان مان
نينهن جا اڄ نعرا.

غم جي گهر ۾ منهنجو بہ گهر ٿيو،
قسمت جو 'پيرل' ڪهڙو چڪر ٿيو،
فرش سڪل تي يار ٿهي پئي
گهير، ڪسيون، گهارا.

*

بي پرواهہ منهنجو پهرن جو نہ ٿئي پيار،
پرهہ قُتي پئي عمر ڪُتي پئي دور نہ ٿئي ديدار.

ڪهڙي شرم ڪان ڪند مان جهڪايان،
سامهون ڪنيون جو يار بيٺو آن،
هٿ ۾ ڪندن جو هار.

تنهنجي اکين جي ميچ سان ملندي،
تنهنجي نظر جي ڏانءُ کي ڏسندي،
توبهہ ڪئي تلوار.

باغ تنهنجي مان بوءِ نہ مِلي ڪا،
شجر ڪليون گل ڪر تون هٿيڪا،
گهوٽي پيءُ گلزار.

’قنبر پيرل‘ ڪان پڇڻ نہ ايندين،
ملم نہ ڏيندين مرڪ نہ ڏيندين،
بچندو ڪٿ بيمار.

*

هلندي بہ مون ڪان غلطي ٿي هڪڙي
هٿ نہ چميم تنهنجا.
ڳوڙهن سان جي آلا ٿي پيا
ڳل نہ اگهيم تنهنجا.

نيڻ خوشيءَ جا جڏهن تو ڦيريا،
مرڪي وري تو موتي جو ڪيريا،
ڪپڙي جي ڪَنبَ ۾ ڏک آ ڳنڍ ڏئي
سي نہ پڏم تنهنجا.

مَهل نيائي محبت واري
جڏهن ڪئي تو رخصت واري
ڏک آ جيءَ ۾ ٻانهون پٿيري
در نہ جهليم تنهنجا.

جيڪي لتن سان پتر تو پوريا
سُون ۾ چاڪان سي نہ مان توريا
چمندي اکين تي متيءَ جا ذرڙا
چو نہ رکيم تنهنجا.

’پيرل‘ پل پل عيدان ڪيون مون
خوشيون ئي خوشيون تنهنجون ڏٺيون مون
مالڪ جا لک قرب جو ڪڏهن
ڏک نہ ڏٺم تنهنجا.

*

دلدار آ دلدار آ.
توسان منهنجو، منهنجو توسان دين ذرم دم،

دلدار آ دلدار آ.

ٺَڪر ڏيو فرهاد جو مان ٺُڪي وٺان،
لاٽ واري تاري کي ٻہ مان چڪي وٺان،
پر سِين ڪمن ۾ آهي اوکو دل جو ڪم
دلدار آ دلدار آ.

تعلقات پيار جو آ اڇڻ وڃڻ تي،
ڪو نہ ٿو پهچي سگهي جو تنهنجو اڱڻ تي،
چو نہ پو ڪاٽي چڙيان نياڳو هي قدم
دلدار آ دلدار آ.

تنهنجي جو شايد ڪٿي بہ مون تي رنجش آ،
هيانوَ ڪان ڦڦڙن ڪان ڦري غم جي ڪشش آ،
اٿلي ٿو ڪِري هر هر ڪاغذ مٿان قلم.
دلدار آ دلدار آ.

ڪرم آن، ’پيرل‘ چوي يا غم آن، ستم آن،
جهڙو تهڙو آن تون صنم منهنجو صنم آن،
ڪاڏي ڪندس تنهنجي بجا ڪعبي جو صنم
دلدار آ دلدار آ.

*

مٿا ڏور ايڏو تون چو ٿو گذارين،
نہ ماٺهو منجين ٿو نہ مُنهن ٿو ڏيکارين.

ازل ڪان چا توسان منهنجو پيار ناهي،
ڳنڊيل نينهن ناتو ڇنڻ ڪار ناهي،
وچن پيار وارو وسارين يا پارين.

سندي قرب ڪشتي ڪُنن ۾ آ ڦاٽي،
اوهان ريءَ دلبر آ کهڙي حياتي،
مقدر جي ٻيڙي ٻوڏارين يا تارين.

ڄاڻان ٿو سوين در اوهان جي سلامي،
قبوليو اسان جي بہ دلبر غلامي،
آهيان وس اوهانجي جيئارين يا مارين.

’پيرل‘ جو مقدر سنوارڻ اڇين ها،
ڪري قرب قاصدُ مٿا ڪو منجين ها،
تون وقتن جي ٻانهي کي چو ٿو وسارين.

*

سينو منهنجو پکيءَ جو پجرو
سور چا وڌ سلٽو
توکي هو مون کي پينو بنائڻ
پاڻ نہ هئي پلٽو.

پـرَ نہ غمن جا مون تي پـرَ تون
تنگ اجايو ڪنهن کي نہ ڪر تون
جيڪو ڏئي مُنهن تي مهٽا تنهن سان
مرٽو چا پرٽو

واري منهنجي خوشيءَ جو ڪاتو،
ان کي وجي تو سيني لاتو،
جيڪو تنهنجي در تي اڳ ۾،
اچٽو نہ هو وچٽو

ڪوئل ڪوڪي چاڻ هو چاٽي
پونر اچي تان پوَنر سجاٽي
سرءُ جي مند ۾ پيو او سهٽا!
باغ نہ آ پلٽو.

دل جو پکي چئي 'پيرل' پڪڙيئہ،
بُڪَ ۾ چيپاٽي ان کي اچليئہ،
ڪنڌڙو ڍاري دڳ تي ڪري پيو
عرش هو جو اڏٽو.

*

وچ ڙي طبيبا تو بہ نہ ٻاري
داغ ڏوئي خود دل تي دکاري.

درد اچن ٿا دکندا ٻرندا،
اشڪ اچن ٿا پُڏندا ٻڏندا
موت جي وچ ۾ ياري ويچاري.

پيار ڏينهون ڏينهن غم ۾ ڏک ۾،
اهڙي سنگت پئي ڪڏ ۾ سکُ ۾،
ڪنهنڪان پنئون چئہ پريت اُڏاري.

پاڻ تہ مون پي ڪو نہ سنڀاليو،
جيئن چيو جفائن تئين مون پاليو،
ان پي طبيعت ڪو نہ سڌاري.

پيار ٿيو 'پيرل' مونجهہ جي مچ ۾،
سور ستل سڀ هنج ۾ڪچ ۾،
آ تہ گهڙي ڏس ڪئين مون گذاري.
*

سفر ۾ نہ هتڙا تون خالي ڪنيون وڃ،
ﭴ تي زخم منهنجا هي ﮘنڍ ۾ ٻڌيون وڃ.

ڪيڏا ڪنب ۾ ﮘوڙها ﭴ اڇلايان آخر،
مان پي دل تہ ڪنهن ساڻ وندرايان آخر،
مون لئہ آهہ، ٽٽڙا شوڪارا ڇڏيون وڃ.

ڇڏيون تون وڃين ٿو ڇڏيندو خدا ڇا!
ڪيان عرض ٻيو ڇا صدا استدعا ڇا!
رڳو سڏڪي مون کي پري کان سڏيون وڃ.

سوا تنهنجي ڇا ڏينهن ڇا رات ناهيان،
محبت جي خيالي ٿو محلات ناهيان،
نہ مرمر ۾ گارو مٽيءَ جو گڏيون وڃ.

نہ 'پيرل قنبر' طلبي ٻي جستجو ٿو،
اِتي ٻيهہ تنهنجي مران روبرو ٿو،
منهنجو ماس ميڙيون هي چم ۾ هڏيون وڃ.

*

ڪهڙي سبب کان پرديس وئين تون،
سڪُ پيا سفر تنهنجا
درد سان ورتل ديدان هون منهنجون
باقي ها در تنهنجا.

ڇاتيءَ کان پڇ شيءَ تون چاهين،
ڪير چوي ٿو ياد نہ آهين
تنهنجو قسم مان روز تڪيان ٿو،
گهر ۾ گذر تنهنجا.

هيٺو ڏاڍو حال هئن ڏيندين،
اکيون سجائي اگڻ هئن ايندين،
چهرو تنهنجو چنڊ هو لڳندو
پاڻ ڇڏائي ڪاڏي ڀڳا اڄ
پاند پهر تنهنجا.

'پيرل' ڇئي پڪ موٽي تون ايندين،
ملندي مبارڪ مون کي تون ڏيندين
شمع سان گڏجي شيشي جان ٻرندا
تر ۾ شهر تنهنجا.

*

هي نياز هي تعريف هي هٿ جوڙ هي منٿان،
هن سڪ ۾ بہ عاشق جي صدا چو نہ ٿو سمجهين.

تون مون کي پري کان ڏسي پيو پاسا مَٽين ٿو،
هي دل جو ڪٽي شيشو تون پٿر تي سٽين ٿو،
هن ايڏي خطا کي بہ خطا چو نہ ٿو سمجهين!

مان تنهنجو چمان چهرو مگر خوف آ خطرو،
جو ڳل تي اٿئي تر اهو واسينگ جو پهرو
هُو مون کي ڏنگي ماري مٺا، چو نہ ٿو سمجهين!

هي ڪوٺي تي انڌ پنڌ ۾ گهٽين ۾ گذارا،
هي آهہ گرم نيڻ نرم ٿڌڙا شوڪارا،
ٿي محب وري مامر اها چو نہ ٿو سمجهين!

پيرل قنبر جو عرض بہ ڪنهن مهل تہ مڃ تون،
هي ڳالهہ تون اڄ ۾ چڏي ۽ ڪائي نہ وڄ تون،
تون چور چپ، درد دوا چو نہ ٿو سمجهين!

*

نہ ٿاري سگهان مان نہ واري سگهان مان،
اُهي غم ڏي جن کي سنپاري سگهان مان.

ڪبو ناهي ڪنهن سان بہ دريا ۾ دوڪو،
محبت جي ڪشتي کي ڏيارج ڪلهو ڪو،
ڪري ڪئين اڪيلو ڪناري سگهان مان.

محبت جا موتي تون ڇڄ ۾ نہ چاٽج،
مُنهنجي سر تي غم جا نہ طوفان آڻج،
اُها خاڪ ڏي جا اُڏاري سگهان مان.

هي نذرانو ڪهڙو بہ توڪان ٿيو جو،
محبت جو ڪهڙو ڏنو تئي ڏيئو جو
وسائي سگهان مان نہ ٻاري سگهان مان.

نہ هيرن جو 'پيرل' ملي قافلو پئي،
حياتي کي اهڙو ملي حوصلو پئي،
مري پاڻ ٻين کي جيئاري سگهان مان.

*

هڪ يار هجي غم خوار هجي،
ڪنڌ هيانوَ جگر جو هار هجي.

تي هلندي نہ قرب سان قهر پوي،
تي هڪڙي نہ اشڪ مان ابر پوي،
نہ هُو زمر زمر مان تي زهر پوي،
بس مڻ مصريون منٺار هجي.

غمر برهہ فڪر سڀ باندي ٿئي،
دل محب جي ڪاڻ ڪا ماندي ٿئي،
سر ساهہ منهنجو سيراندي ٿئي،
پو گاهہ پلي گلزار هجي.

دل ونجي ڏجي سا دائمر ٿئي
بس حيرت ۾ هر عالمر ٿئي،
جو قول ڪجي سو قائمر ٿئي،
هت مُنديءَ جو تڪ اقرار هجي.

جو چوڻ رهي سو مُنهن تي رهي،
نٿو پرپٺ وارو اڪر نهي،
جئين پيار نہ 'پيرل' صدما سهي
هر طعنو نہ ڪو تلوار هجي.

*

ٺاهي ڇڏ وار تون، پائي ڇڏ هار تون،
روڪي جهل هي پرين نيڻن جا نار تون.

ڪعبي ڏي پٺي ڪري ڪاٺي مان ويهندس،
قبر ۾ قري تو ڏي مٿا مُنهن مان ڪندس،
بَڌي ڇڏ هيانءُ سان اهي اقرار تون.

اجا تون مان مٿا تہ جيئرا آهيون ٻئي،
حياتي هت منجهان ڇڏائي آ نہ وئي،
ڇڏج خيرين صلي پٺڻ ۽ پار تون.

حسن تنهنجي جو هان سڄڻ مان خيرخوا
خطا پهرين ڪندو خدا بہ معاف آ
اندر مان ڇڏ ڪيي الم آزار تون.

توکي 'پيرل قنبر' اجازت ڏئي ڇڏي،
آئينو پي پوي پلي ليڪا ڏئي،
پنهنجي مرضي تي ڪر سڄڻ سينگار تون.

*

ٿيندي آ ڪنهن کان وفا ڪنهن کان جفا ٿيندي آ،
هر طريقي سان محبت جي عطا ٿيندي آ.

سير ۾ دڳ ۾ گهٽي گهر ۾ يا منزل ۾ ڪٿي،
ميڙ ۾ محل ۾ محلات ۾ محفل ۾ ڪٿي،
ٿيندي آ تنهنجي گلا، پنهنجي گلا ٿيندي آ.

چور چيڙا هي اکيون ڪڻ ۽ ڪلي مرڪي ڏي،
جامِ الفت جي اها سرڪي سجڻ سرڪي ڏي،
سوَ نموني سان مٺا دل جي دوا ٿيندي آ.

سور هي لوڪ کان چالئہ لڪايان آخر،
چو نہ قاصد کان ۽ پانڌن کان پڇايان آخر،
نيٺ پيارن کان تہ پيارن جي پڇا ٿيندي آ.

’قنبر پيرل‘ لکين ڳالهيون هي ڪٽڻ جون ناهن،
نيٺ دنيا ۾ تہ فتحون ۽ شڪستون آهن،
ڪاٽي يوسف جي بدن جي بہ بها ٿيندي آ.

*

غم نہ ڪر غم تون اي دل! عام ائين ٿيندو آ،
جنهن کي دلڙي آ ڏبي سو ئي دغا ڏيندو آ.

هلندي هڪ جهڙي ڪٿي آهي زماني جي نظر،
پنهنجا ئي پنهنجا نہ ٿيا، ڪهڙي پروان جي پچر،
وقت ۾ دوست بہ دشمن ٿي ڦري ويندو آ.

چاڪ دل دل تي پوي، ڦاٽي جگر ٿئي ڦارون،
ڪير دردن مان ڪندو درد وندن جو دارون،
سڀ کو سک ۾ ئي رڳو پيار سان سڏيندو آ.

ٿي جدائيءَ تي جدا پوءِ بہ محبت جي حجت،
آهي عاشق کي ’پيرل‘ اصل ڪسڻ جي عادت،
ٻرندي شمع ان تي اڏي پاڻ پتنگ ايندو آ.

*

جلي دل جي خوشين جو گهر ويو آ،
غمِ روز سان تي گذر ويو آ.

دنيا ۾ يار وفادار با سخن نہ مليو،
بهار وارو آ بلبل کي پي چمن نہ مليو،
مرڻ کان بعد بہ ڪئي دشمني ڪيڏي قسمت،
اگهاڙي لاش کي آخر جو پي ڪفن نہ مليو.

جنازو ائين بي ثمر ويو آ.

رهي تہ مون سان مددگار هيءَ قضا بہ نٿي،
لڳي تہ منهنجي ڪا دردن ڪي هيءَ دوا بہ نٿي،
ڪٽان ٿو هٿ تہ شرمسار ٿي وري ٿا اچن،
اگهامي عرش تي منهنجي تہ ڪا دعا بہ نٿي،
ڇڏي آهِ دل مان اثر ويو آ.

هلي آ موت! مان تنهنجي ڏيون غلامي وڃان،
ستاري وانگي مان ايري وري وسامي وڃان،
رهي نہ قيد خاني ۾ آ زندگي جي عزت،
پڪي ٿي ظلم جي پڃري مان اڄ اڏامي وڃان،
جيئڻ جو ذرو ٿي زهر ويو آ.

اصل تہ آهہ چڱو ڪو نہ ڪنهن سان پيار ڪجي،
مري جو ڪين چا تنهن لئہ مري تباهہ ٿجي،
زمانو ئي تہ سڄو آ دغا ۽ دوکو پيرل
ڏجي تہ ويهي پلا ڪيترن تي ڏوهہ ڏجي،
وفا جو دنيا مان اکر ويو آ.

*

جيئري لهي جدائي جو سر تان ستم نٿو،
گذري بغير يار جي دنيا ۾ دم نہ ٿو.

قسمت جو پي ڪو نٿو ظاهر ڪمال ٿئي،
تقدير کي پي ڪو نٿو تر جو خيال ٿئي،
مقدر کي پي فراق جو ماري مرم نٿو.

عزت رهي نہ ڪنهن وٽ بس آهہ سرد جي،
ڪنب، ڪنب تي آ اڏيل رهي محلات درد جي،
نظرن کي اڄ نظر اچي ڪٿ پي ڪرم نٿو.

گردش ۾ آ خيال ۽ حسرت خاموش آ،
دل کي نہ آ قرار نہ طبيعت کي هوش آ،
ساجن ري سر انجام ٿئي ڪوئي پي ڪم نٿو.

ڏک سک ۾ پو بہ راهہ ٿو سڄڻ جي مان ڏسان،
پيرل فراقِ يار ۾ ڪاڏي مري مران،
ڦٽڪڻ ڇڏي نصيب جو ڪاڏهن قلم نٿو.
*

آهن عجب دنيا ۾ قدرت جا ڪارخانا،
ڪو پيٽ لئہ پريشان، ڪنهن وٽ پريل خزانا.

دنيا ۾ تيو مقدر ڪنهنجو نہ هڪ آ جهڙو،
تقدير ڪنهنجي ڪهڙي ڪنهنجو نصيب ڪهڙو.
ڪو بادشاهه ڪنهنجي قسمت ۾ قيد خانا.

گهت وڌ زماني واري ڦرندي رهي ٿي گردش،
ڪاٿي خوشين جا بادل ڪاٿي غمن جي بارش.
ڪاٿي ٿيا شور ماتم ڪاٿي ٿيا شادمانا.

ڪٿ زندگي بہ ڪنهنجي صدمن ڪان جي رهي آ
ڪٿڙي حياتي ڪنهنجي آباد ٿي رهي آ.
ڪٿ عيش جو ترانو ڪٿ ظلم جا فسانا.

هر شئي اسان ڪان 'پيرل' آخر جدا ٿي رهندي،
جيڪا نهي فنا ۾ سا بس فنا ٿي رهندي،
هوندا نہ هت سپاٽي اڄ وارا آستانا.

*

مون ڪان وڇڙيو وڃي اڄ صنم ٿو،
ڏيون دل کي ستم تي ستم ٿو.

قرب وارن ۽ دل جي ڪٺن سان،
سچي محبت ۾ مرندڙ مٺن سان،
ڪٽي مقدر هي ڪهڙو قدم ٿو.

ڪهڙي قسمت جي گهٽ وڌ گلا آ،
اهيا قسمت بہ خلقي خدا آ،
اچي شڪوا ڪرڻ ڪان شرم ٿو.

لڪان مان ٿو جي دل جو فسانو ،
ڏسي دردن ۾ مون کي ديوانو،
ڳاڙي ڪاغذ تي ڳوڙها قلم ٿو.

اهڙي الفت ڪان 'پيرل' چا وسران،
آ غضب جو خوشي سک جي بدران،
ڏي دلاسو اچي درد غم ٿو.

*

## ختم شده